

رَبِيعُ الاَوّل جا

8 بيان


سنڌي

پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامی)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامی)



اجتماعِ ميلاد(1442ھ)، هفتہ وار اجتماع 29 آڪتوبر2020 تي پاڪستان ۾ ٿيڻ وارو بيان

اختيارات مصطفيٰ ﷺ

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

- ڳوهہ جو ايمان افروز واقعو
- جيڪو چاهيو گهري وٺو
- حلال و حرام ڪرڻ جو اختيار
- سردي کي گرمي سان بدلي ڇڏيو
- ڪجورون ئي ڪجورون

پيشڪش: المدينة العلميہ

(شعبہ بياناتِ دعوت اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اختيارات مصطفيٰ ﷺ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

دُرُود شريف جي فضيلت

هڪ شخص جو بيان آهي: مان هڪ رات نماز پڙهندي تشهُّد ۾ بيڪسن جي مددگار، ٻنهي عالم جي **مالڪ و مختار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺس ۽ مونکي ننڊ اچي وئي. خواب ۾ **آقاءِ دوجهان، سرورِ ذيشان** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ديدار نصيب ٿيو. پاڻ **ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ارشاد فرمايو:** توڪان اڄ مون تي درود شريف پڙهڻ وسري ويو. مون

عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان الله جي ثناء ۾ مشغول هيس. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ڇا توکي خبر ناهي تہ مون تي درود پاڪ پڙهڻ کان سواءِ الله پاڪ پنهنجي ثناء بہ قبول ناهي فرمائيندو، هو اهڙي ڪا دعا قبول ناهي ڪندو جنهن ۾ مون تي درود شريف نہ پڙهيو ويو هجي ۽ ڪا حاجت پوري ناهي ڪندو جيستائين مون تي درود پاڪ نہ پڙهيو وڃي، ڇا توهان الله پاڪ جو اهو مبارڪ فرمان ناهي ٻڌو؟ صَلُّوْا عَلَيْهِ وَ سَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ان تي درود ۽ خوب سلام موڪليو. (پ22، الاحزاب:56)

جہاں کے مولا جہاں کے سرور سلام تُم پر سلام تُم پر
طبیبِ عالم حبیبِ داوَر، سلام تُم پر سلام تُم پر
تمہاری نورانیت سے اب تک ہیں عالم نور، دونوں عالم
تمہیں تو ہو نور و نورِ پیکر سلام تم پر سلام تم پر [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهِ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل:

1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران

1... نغمۂ روح ،از:بہزاد لکھنوی،ص۴۱،پاکستان کوآپریٹوبک سوسائٹی،کراچی

علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُ الله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سڀ کان پهريان ته اسان کي اللّٰه پاڪ جو لک لک شڪر ادا ڪرڻ گهرجي جو جنهن اسان کي هڪ ڀيري ٻيهر ٻارهن (12) ربيعُ الاول جي مُقدّس نوراني رات نصيب فرمائي. اڄوڪي رات وڏي اهم رات آهي. اها رات وڏي عظيمُ الشّان آهي. اها رات گهڻي فضيلتن ۽ برڪتن واري مُقدّس رات آهي. ❖ هي اها عظيم رات آهي جنهن کي ڪائنات جي سڀ کان وڌيڪ شان و شوڪت واري هستي سَيدُ الانبيا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان نسبت آهي. ❖ هي اها عظيم رات آهي جو جيڪا شبِ قدر کان به افضل آهي. (ماثبت بالسنة، ص ١٥٣) ❖ هي اها عظيم رات آهي جو جنهن ۾ حضرت آمِنه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا جي رحمت ڀري گهر مان اهڙو نور چمڪيو جنهن سڄي جهان کي جڳمڳائي ڇڏيو. ❖ هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ هر پاسي خوشين جو بهارون اچي ويون. ❖ هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ هر پاسي شادمانين جا ترانا وڄڻ لڳا . ❖ هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ هر پاسي نور جي روشني پکڙجي وئي. ❖ هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ ڪفر و شرڪ جون سيئي ظلمتون ختم ٿي ويون. ❖ اڄوڪي رات هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ اللّٰه پاڪ مومنن تي عظيم احسان فرمايو. ❖ هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ شيطان پنهنجي ساٿين سان گڏ رُسوا ٿيو. ❖ اڄوڪي رات آسمان جا تارا به زمين ڏانهن مائل ٿيڻ لڳا. ❖ هي اها عظيم رات آهي جيڪا تمام راتين جي سردار آهي، ❖ هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ

جي حڪم سان ملائڪن جي سردار جبرئيلِ امين عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلام اولھ اوڀر ۽ خانہءِ ڪعبہ تي جهنڊا لڳايا. (خَصائصِ ڪبريٰ، ٨٢/١ ملخصاً) ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جو جنهن ۾ الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تشريف آوري تي اِيران جي بادشاھ ڪسريٰ جي محل تي زلزلو آيو ۽ ان جي محل ۾ ڏار پئجي ويا. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جو جنهن ۾ اِيران جو هڪ هزار سال کان ٻرندڙ آتش ڪدو ازخود وسامي ويو. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ الله پاڪ جي حڪم سان آسمان ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويا هئا. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ آسمان تان نور جي برسات ٿيڻ لڳي. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ ملائڪن ٻہ ٻنهي جهانن جي سرور، بي بي آمنہ جي دلبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد جون **خوب خوشيون** ملهايون. ❖ **هي اها عظيم رات آهي** جنهن ۾ مڪي مديني جي تاجدار،عرب و عجم جي شهنشاھ، شفاعت فرمائڻ واري، ڏُک درد کي دُور ڪرڻ واري، جنابِ احمدِ مجتبيٰ، محمدٌ رَّسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دنيا ۾ تشريف آوري ٿي ۽ جڏهن نور واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا تہ ڪفر و شرڪ جون سموريون ظلمتون ختم ٿي ويون. **مولانا حسن رضا خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن برڪتن ڀري، عظمتن ڀري، رحمتن ڀري رات کان فيضان ماڻڻ جي لاءِ خوب فرمائن ٿا:

سحابِ رحمتِ باری ہے بارھویں تاریخ　　کرم کا چشمۂ جاری ہے بارھویں تاریخ
ہمیں تو جان سے پیاری ہے بارھویں تاریخ　　عَدُو کے دل کو کٹاری ہے بارھویں تاریخ
ہزار عید ہوں ایک ایک لَحظہ پر قُرباں　　خُوشی دلوں پہ وہ طاری ہے بارھویں تاریخ
تمام ہوگئی میلادِ انبیا کی خوشی　　ہمیشہ اب تِری باری ہے بارھویں تاریخ
دلوں کے میل دُھلے گُل کِھلے سُرُوْر ملے　　عجیب چشمۂ جاری ہے بارھویں تاریخ
چڑھی ہے اَوج پہ تقدیر خاکساروں کی　　خُدا نے جب سے اُتاری ہے بارھویں تاریخ

خُدا کے فضل سے ایمان میں ہیں ہم پورے — کہ اپنی روح میں ساری ہے بارہویں تاریخ
ولادتِ شہِ دیں ہر خُوشی کی باعث ہے — ہزار عید سے بھاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیشہ تُو نے غلاموں کے دل کئے ٹھنڈے — جلے جو تجھ سے وہ ناری ہے بارہویں تاریخ
حَسَن ولادتِ سرکار سے ہوا روشن — مرے خُدا کو بھی پیاری ہے بارہویں تاریخ
(ذوقِ نعت، ص۱۲۱-۱۲۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان ٻڌو تہ **اڄوڪي رات هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾** نور واري آقا، **مڪي مدني واري مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **نور جي خيرات** ورهائڻ ۽ جهان کي پنهنجي نور سان جڳمڳائڻ جي لاءِ هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا. اچو! پهريان **اميرِ اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جي عطا ڪيل مرحبا يا مصطفيٰ** جي نعرن سان هن نوراني رات جو اِستقبال ڪيون ٿا. ٿي سگهي تہ مدني پرچم لهرائي خوب جوش و جذبي، محبت ۽ عقيدت سان **مرحبا يا مصطفيٰ** جون ڌُوم مچايو.

سرڪار جي آمد مرحبا — سردار جي آمد مرحبا
آمنہ جي پياري جي آمد مرحبا — رسولِ مقبول جي آمدمرحبا
پياري جي آمدمرحبا — سٺي جي آمد مرحبا
سچي جي آمدمرحبا — سهڻي جي آمد مرحبا
رسول جي آمد مرحبا — مُختار جي آمدمرحبا
پرنور جي آمدمرحبا — سراپا نور جي آمد مرحبا

مرحبا يامصطفيٰ مرحبايامصطفيٰ — مرحبايامصطفيٰ مرحبايامصطفيٰ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي اڄ جي بيان جو موضوع آهي **"اختياراتِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ**"** جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين تہ هڪ ڳوهہ (جانور) نور واري آقا، مڪي مدني

مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ ايمان آڻڻ جو اعلان ڪيئن ڪيو؟ غريبن جي آقا، يتيمن جي والي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي غلامن جي ڪيئن اِمداد ڪن ٿا؟ **الله پاڪ** پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي **شرعي احڪامات** بہ تبديل ڪرڻ جو اِختيار عطا فرمايو آهي، الله پاڪ اسان جي نور واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي **زمين جي خزانن جو مالڪ** ڪيو، الله پاڪ حضورِ انور، آمِنہ جي دِلبر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي موسم بدلڻ جو بہ اِختيار ڏنو، ان کان علاوه **اِختياراتِ مصطفيٰ** بابت ڪيئي اهم مفيد ڳالهيون پڙهڻ جي سعادت بہ حاصل ڪنداسين. اِنۡ شَآءَ اللّٰه

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايمان جو اعلان ڪرڻ واري ڳوه

حضرت سيدُنا عبدالله بن عُمَر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ اسان ٻنهي جهانن جي داتا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ حاضر هئاسين تہ قبيلہ بني سُلَيم جو هڪ شخص ڳوه (هڪ جانور) جو شڪار ڪري ان کي لڪائي اتان کان لنگهيو، ان اسان جو اجتماع ڏسي ماڻهن کان پڇيو: اهي ڪير ماڻهو آهن؟ تہ ان کي ٻڌايو ويو تہ اها ان شخص جي مجلس آهي جيڪو هيئن چوي ٿو تہ مان الله جو رسول آهيان. اهو ٻڌي اهو پنهنجي سواري تان لهي ماڻهن جي وچان لنگهندي محبوبِ خدا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ حاضِر ٿي بدڪلامي ڪرڻ لڳو. حضرت عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ ان جي ان گستاخي کي ڏسي عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! اجازت ڏيو! تہ مان ان جو سر قلم ڪيان. پاڪ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اي عمر! ڇا توهان کي خبر ناهي تہ حِلم ۽ دَرگُذَر نبوّت جي وصفن مان آهي. پوءِ پاڪ ان ڏانهن متوجھ ٿيا تہ اهو چوڻ لڳو: لات و عُزّيٰ (بُتن) جو قسم! مان اوهان تي هرگز ايمان نہ آڻيندس. پاڪ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي اَعرابي! توکي هن ڳالھ تي ڪنهن اڪسايو ۽ مجبور ڪيو تہ توهان اهڙو ڪلام ڪيو ۽ منهنجي مجلس جي عزت نہ ڪيو. اَعرابي چوڻ لڳو: لات و عُزّيٰ (بُتن) جو قسم! مان ان وقت

اوهان تي ايمان آڻيندس جڏهن منهنجي هيءَ ڳوهه (جانور) اوهان تي ايمان آڻي. اهو چئي ان ڳوهه کي پنهنجي آستين مان ڪڍي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سامهون رکي ڇڏيائين. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڳوهه کي سڏيو ته ان نهايت ادب سان عرض ڪيو: لَبَّيکَ وَسَعْدَيکَ يعني يا رَسُولَ اللهصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان حاضر آهيان ۽ مون کي پنهنجي هن حاضري تي ناز آهي. تمام حاضرين ان جي اها ڳالهه ٻڌي ۽ سمجهي. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇا ڪئي: تنهنجو معبود ڪير آهي؟ عرض ڪيائين: منهنجو معبود اهو آهي جنهن جو عرش آسمان ۾ آهي ۽ انهيءَ جي بادشاهي زمين ۾ آهي، ان جي رَحمت جنّت ۾ ۽ عذاب جهنم ۾ آهي. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: اي ڳوهه! اهو ٻڌائي ته مان ڪير آهيان؟ ان وڏي آواز سان چيو: اَنْتَ رَسُوْلُ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ، وَخَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ يعني اوهان تمام جهانن جي رب جا رسول ۽ آخري نبي آهيو، قَدْاَفْلَحَ مَنْ صَدَّقَكَ جنهن اوهان جي تصديق ڪئي اهو ڪامياب ٿي ويو، وَقَد خَابَ مَنْ كَذَّبَکَ ۽ جنهن اوهان کي نه مڃيو اهو نامراد ٿي ويو. اهو مَنظر ڏسي اعرابي يعني ڳوناڻو ايتري قدر مُتَاثِر ٿيو جو يڪدم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي عرض ڪرڻ لڳو: يا رَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مان جنهن وقت آيو هئس ته منهنجي نظر ۾ رُوءِ زمين تي اوهان کان وڌيڪ ناپسند انسان ڪو نه هو پر هن وقت منهنجو اهڙو حال آهي جو اوهان منهنجي ويجهو منهنجي جان ۽ منهنجي والدين کان به وڌيڪ پيارا آهيو. رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: خُدا جي لاءِ حمد آهي جنهن تو کي اهڙي دين جي هدايت ڏني جيڪو هميشه غالب رهندو ۽ ڪڏهن مغلوب نه ٿيندو. پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي سوره فاتحه ۽ سوره اخلاص جي تعليم ڏني ته اهو قرآنِ ڪريم جي انهن ٻن سورتن کي ٻڌي عرض ڪرڻ لڳو: مان وڏا وڏا فصيح و بليغ (پيارو)، ڊگهي ۽ مختصر هر قسم جي ڪلامن کي ٻڌو آهي پر خُدا جو قسم! مون اڄ تائين هن کان وڌيڪ ۽ هن کان بهتر ڪلام ڪڏهن ناهي ٻڌو.[1]

[1] … معجم اوسط،ج4،ص283،حديث:5996 مختصراً

تمہاری چمک تمہاری دمک تمہاری جھلک تمہاری مہک
زمین و فلک سماک و سمک میں سکہ نشاں تمہارے لئے

یہ شمس و قمر یہ شام و سحر یہ بَرگ و شَجر یہ باغ و ثَمر
یہ تیغ و سپر یہ تاج و کمر یہ حکم رواں تمہارے لئے [1]

شعرن جي مختصر وضاحت: يارسول الله! اوهان جي چمڪ، اوهان جي رونق، اوهان جو جلوو، اوهان جي خوشبو،زمين و آسمان ۾ ۽ بلندي ۽ پستي ۾ هر هنڌ اوهان جي حڪومت ۽ سڪو رائج آهي جو اوهان جي مهر ڪان بنا ڪنهن سڪي جي ڪا قيمت نہ آهي. اهو چنڊ ۽ سج، صبح و شام اهي وڻ ۽ پن، اهي ميوا ۽ باغ اهي ڍال ۽ تلوار اهو تاج شاهي اوهان جي لاءِ اوهان جي حڪم سان جاري و ساري آهن. تمام جهانن جي حڪمراني ڪنهن جي آهي يا رسول الله ﷺ اوهان ئي جي تہ آهي.

آقا جي آمد مرحبا داتا جي آمد مرحبا
مولي جي آمد مرحبا آولي جي آمد مرحبا

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ پنهنجي آخري نبي، محمدِ عربي ﷺ کي زمين و آسمان جي حڪومت عطا فرمائي آهي، تنهنڪري سندن حڪومت جتي انسانن تي آهي تہ اتي جنّن تي بہ آهي. سندن حڪومت زمين تي هلندڙ جانورن تي بہ آهي تہ فضا ۾ اُڏامندڙ پکين تي بہ. سندن حڪومت وڻن تي بہ آهي تہ پٿرن تي بہ. سندن حڪومت فرش تي آهي تہ عرش تي بہ. اَمِيرِ اَهلِسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت مولانا الياس عطار قادِري دَامَتْ بَرَڪَاتُهمُ الْعَالِيه **اِختياراتِ مصطفيٰ** کي شعرن ۾ تمام عمدگي سان بيان ڪيو آهي، پنهنجي نعتيہ دِيوان"**وسائلِ بخشش**" ۾ لکن ٿا:

[1] ۰۰۰حدائق بخشش،ص۳۴۸ ۔

تِری فرش پر حکومت تِری عرش پر حکومت
تُو شہنشہِ زمانہ مدنی مدینے والے
بَعطائے ربِّ حاکم تُو ہے رِزق کا بھی قاسم
ہے تِرا سب آب و دانہ مدنی مدینے والے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! هڪ ڳوھ (جانور) ڪهڙي طرح پياري آقا صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي سوالن جو جواب ڏنو ۽ نہ صرف الله پاڪ جي معبود هئڻ جي گواهي ڏني، بلڪ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي الله پاڪ جي رسول هئڻ جي شهادت بہ ڏني. اهو اسان جي آقا صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو شان آهي جو سرڪش جنّن ۽ انسانن سان گڏ سمورا جاندار بہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کي رسول مڃن ٿا. جيئن تہ

حضرت جابر بن عبدالله رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: اسان نبين جي سردار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ سفر تان واپس موٽندي (قبيلي) بنو نَجّار جي هڪ باغ وٽ پهتاسين تہ اسان کي خبر پئي تہ باغ ۾ هڪ سرڪش اُٺ آهي جيڪو ڪنهن کي بہ باغ ۾ اچڻ نٿو ڏئي، جيڪو داخل ٿيڻ چاهي ٿو ان تي حملو ڪري ٿو.

حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْه بيان ڪن ٿا تہ ماڻهن ان ڳالھ جو ذڪر نبي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ سان ڪيو تہ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما ٿيا ۽ باغ ۾ داخل ٿي اُٺ کي سڏرايو تہ اهو پنهنجي گردن کي جهڪائيندي ادب سان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. پوءِ تاجدارِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ اٺ جي لغام گهرائي اٺ جي ڳچي ۾ وِڌي، ۽ ان کي سندن مالڪ جي حوالي ڪيائون، پوءِ رسول اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ماڻهن ڏانهن متوجهہ ٿيندي فرمايو: بيشڪ زمين و آسمان ۾

سرڪش جنّن ۽ انسانن کان علاوه هر شيء اهو تسليم ڪري ٿي تہ مان الله جو رسول آهيان.[1]

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ پنهنجي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي خزانن جون ڪنجيون عطا ڪيون ۽ تمام جهانن کي حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تصرف ۾ ڏنو آهي تہ اوهان جنهن کي جيڪو چاهيو ڏئي ڇڏيو.

اِنہیں خدا نے کیا اپنے ملک کا مالک　　اِنہیں کے قبضے میں رب کے خزانے آئے ہیں[2]

مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جا نائبِ مطلق آهن، سمورا جهان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اختيار ۾ ۽ سندن حڪم هيٺ ڏئي ڇڏيا آهن، جيڪو چاهين ڪن، جنهن کي جيڪو چاهين عطا ڪن، جنهن کان جيڪو چاهين واپس وٺن، تمام جهان ۾ سندن حڪم کي ڦيرڻ وارو ڪير ناهي، سڄو جهان سندن حڪم هيٺ آهي ۽ هو پنهنجي رب کانسواءِ ڪنهن جا محڪوم نہ آهن، تمام انسانن جا مالڪ آهن، سڄي زمين ان جي مِلڪ آهي، تمام جنت ان جي جاگير آهي، آسمان ۽ زمين جون سلطنتون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي فرمان هيٺان، جنت ۽ دوزخ جون ڪنجيون مبارڪ هٿ ۾ ڏنيون ويون، رزق ۽ خير ۽ هر قسم جون عطائون، حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دربار مان عطا ٿينديون آهن، دنيا ۽ آخرت حضور جي عطا جو هڪ حصو آهي.[3] رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي رَب جي عطا سان مالڪِ جنَّت آهن، جنَّت عطا ڪندڙ آهن، جنهن کي چاهين عطا ڪن.[4] بخاري شريف جي حديث نمبر 71

---

[1]... مسند امام احمد بن حنبل،ج:۳، ص:۳۱۰۔

[2]...سامانِ بخشش، ص۱۳۹۔

3... بہارِ شریعت، ۸۱/۱-۸۳،حصہ:۱۔

4... فتاوٰی رضویہ ،۱۴/ ۶۶۷۔

ﷺ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي: اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَّاللّٰه يُعۡطِي يعني الله عَطا ڪري ٿو ۽ مان تقسيم ڪيان ٿو.[1]

سچی بات سکھاتے یہ ہیں   سیدھی راہ دکھاتے یہ ہیں
اِنَّآ اَعۡطَیۡنٰکَ الۡکَوۡثَرَ   ساری کثرت پاتے یہ ہیں
رَبّ ہے مُعۡطی یہ ہیں قاسم   رِزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں
ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا   پیتے ہم ہیں پلاتے یہ ہیں
ماں اِکلوتے کو جب چھوڑے   آآ کہہ کہ بُلاتے یہ ہیں
باپ جہاں بیٹے سے بھاگے   لطف وہاں فرماتے یہ ہیں
اُس کی بخشش اِن کا صَدقہ   دیتا وہ ہے دِلاتے یہ ہیں
مرقد میں بندوں کو تھپک کر   میٹھی نیند سلاتے یہ ہیں
خود سجدے میں گر کر اپنی   گرتی اُمت اُٹھاتے یہ ہیں
کہدو رضاؔ سے خوش ہو خوش رہ   مژدہ رضا کاسناتے یہ ہیں[2]

سچی بات سکھاتے یہ ہیں   سیدھی راہ دکھاتے یہ ہیں
اِنَّآ اَعۡطَیۡنٰکَ الۡکَوۡثَرَ   ساری کثرت پاتے یہ ہیں
رَبّ ہے مُعۡطی یہ ہیں قاسم   رِزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں
ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا   پیتے ہم ہیں پلاتے یہ ہیں
ماں اِکلوتے کو جب چھوڑے   آآ کہہ کہ بُلاتے یہ ہیں
باپ جہاں بیٹے سے بھاگے   لطف وہاں فرماتے یہ ہیں
مڪي جي آمد مرحبا   مَدَني جي آمد مرحبا

[1]... بخاری،کتاب العلم،باب من یرد اللہ به خیرا یفقه فی الدین،۴۲/۱، حدیث:۷۱۔

[2]... حدائقِ بخشش،ص۴۸۱-۴۸۲۔

عَرَبِي جي آمد مرحبا — قُرَشي جي آمد مرحبا
هاشمي جي آمد مرحبا — مُطّلبي جي آمد مرحبا

اي عاشقانِ ميلاد! اسان جي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي عطا کهڙي آهي. هو گهرڻ واري کي ڪيئن نوازيندا آهن. هو ڪيئن ان جون جهوليون ڀريندا آهن، هو ڪيئن انهن کي جنت جي خوشخبري ٻڌائيندا آهن. اچو ٻڌون ٿا:**

حضرتِ سَيدُنا رَبِيعہ بن ڪعب اَسلَمي رَضِیَ اللهُ عَنه **فرمائن ٿا: مان رات حضور، سراپا نور** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي خدمت ۾ گذاريندو هئس. هڪ رات مان پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **وٽ وضو جو پاڻي ۽ ٻيون ضرورت جون شيون کڻي حاضر ٿيس تہ رحمتِ عالم، محبوبِ رب اعظم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايو: سَلْ! يعني گهر ڇا ٿو گهرين؟ مون عرض ڪيو:** اَسْئَلُكَ مُرَافَقَتَكَ فِي الْجَنَّة **يعني سرڪار** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جنَّت ۾ اوهان جو پاڙو گهرجي.** (ڇڻ عَرض ڪري رهيا آهن:)

تجھ سے تجھی کو مانگ لوں تو سب کچھ مل جائے
سو سوالوں سے یہی ایک سوال اچھا ہے

رَحمت جو دريا وڏيڪ جوش ۾ آيو ۽ فرمايائون: اَوَغَيْرَ ذٰلِكَ؟**يعني ڪجھ ٻيو گهرجيوَ؟ مون عرض ڪيو: بس صرف اهو ئي.**

تجھ سے تجھی کو مانگ کر مانگ لی ساری کائنات
مجھ سا کوئی گدا نہیں، تجھ سا کوئی سخی نہیں

جڏهن حضرتِ سَيدُنا رَبِيعہ بِن ڪعب اَسلمي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ **جنت جي رَفاقت** (پاڙو) **طلب ڪري چڪو ۽ وڌيڪ ڪنهن حاجت جي طلب ڪرڻ کان اِنڪار ڪري ڇڏيائون، تہ ان تي سرڪارِ نامدار، دوعالم جي مالِڪ ومختار، شهنشاهِ اَبرار**

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو:** فَاَعِنِّيْ عَلٰى نَفْسِكَ بِكَثْرَةِ السُّجُوْد **يعني پنهنجي نفس تي ڪثرتِ سُجُود** (يعني وڌيڪ نفلن) **سان منهنجي مدد ڪر.**[1]

دو جہاں میں کوئی تم سا دوسرا ملتا نہیں
ڈھونڈتے پھرتے ہیں مہر و مہ پتا ملتا نہیں
نعمتِ کونین دیتے ہیں دو عالم کو یہی
مانگ دیکھو ان سے تم دیکھو تو کیا ملتا نہیں[2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب !   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

شعر جي مختصر وضاحت: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اوهان جي ذات بي مثل ۽ بي مثال آهي اهڙي بي مثال جو اوهان جهڙو ٻيو ڪو ملندو ئي نہ ۽ اوهان جي حسن و انوار ڪي چنڊ سج ڳولهيندا رهندا آهن پر انهن ڪي اوهان جي حقيقت جو پتو ناهي ملي رهيو.**

جيڪو وٽي گهري وٺو

سُبْحٰنَ الله! سُبْحٰنَ الله! سُبْحٰنَ الله! هن حديثِ مبارڪ تہ ايمان ئي تازو ڪري ڇڏيو. حضرت سَيدُنا شيخ عبد الحق محدث دِهلوي رَحْمَةُ الله عَلَيه **فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو بنا ڪنهن قيد ۽ ڪنهن شيءِ ڪي خاص ڪرڻ بغير مُطلَقًا فرمائڻ: سَلْ؟ يعني گهر، ڇا ٿو گهرين؟ هن ڳالهہ ڪي ظاهر ڪري ٿو تہ سمورا ئي مُعاملات سرورِ ڪائنات، شاهہ موجودات** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي مبارڪ هٿ ۾ آهن، جيڪو چاهين جنهن ڪي چاهين، جڏهن چاهين، پنهنجي ربّ ڪريم**

[1]... فيضانِ رمضان ،ص 82بحوالہ مسلم ص۲۵۳ حديث ۴۸۹

[2]...سامانِ بخشش،ص۱۲۹۔

جي حڪم سان عطا ڪري ڇڏين.[1]

رُسل اُنہیں کا تو مژدہ سنانے آئے ہیں — اُنہیں کے آنے کی خوشیاں منانے آئے ہیں
فرشتے آج جو دُھومیں مچانے آئے ہیں — اُنہیں کے آنے کی شادی رچانے آئے ہیں
یہ سیدھا راستہ حق کا بتانے آئے ہیں — یہ حق کے بندوں کو حق سے ملانے آئے ہیں
یہ بھولے بچھڑوں کو رَستے پہ لانے آئے ہیں — یہ بھولے بھٹکوں کو ہادی بنانے آئے ہیں
اِنہیں خدا نے کیا اپنے ملک کا مالک — اِنہیں کے قبضے میں رب کے خزانے آئے ہیں
جو چاہیں گے جسے چاہیں گے یہ اسے دیں گے — کریم ہیں یہ خزانے لُٹانے آئے ہیں
سُنو گے ''لا'' نہ زبانِ کریم سے نوری — یہ فیض وجُود کے دریا بہانے آئے ہیں[2]
سلطان جي آمد مرحبا — ذيشان جي آمد مرحبا
غيب دان جي آمد مرحبا ا — آقاء عطار جي آمد مرحبا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول!ٻنهي جهانن جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي الله پاڪ اهي اختيار عطا ڪيا آهن جنهن جي ڪا انتها ناهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمايو: وَ مَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۚ وَ مَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۘ﴿۷﴾ ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جو ڪجھ توهان کي رسول عطا فرمائي اهو وٺو ۽ جنهن کان منع فرمائي انهيءَ کان رڪجي وڃو ۽ الله کان ڊڄو بيشڪ الله جو عذاب سخت آهي. (پ 28، سوره حشر،آيت7) يعني رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ توهان کي جيڪو حڪم ڏين ان جي اِتّباع ڪيو ڇاڪاڻ ته هر حڪم ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

1... اَشعَّةُ اللَّمعات ج ۱ ص ۴۲۴، ۴۲۵ وغيره
2... سامانِ بخشش، ص۱۳۹۔

والہٖوَسلَّمَ جي اطاعت واجب آهي ۽ جنهن کان منع فرمائن ان کان پري رهو.[1]

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي عطا سان رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ کي اهو اختيار بہ حاصل آهي تہ جنهن شيء کي چاهين فرض، واجب يا ناجائز و حرام ڪري ڇڏين ۽ ڪنهن عام حڪم مان جنهن کي چاهين مستثنيٰ (جدا) ڪري ڇڏين. رسولِ خدا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي خصوصيتن مان اها هڪ عظيمُ الشّان خصوصيت آهي جنهن کي وڏن وڏن عالمن، فقهين، مُفسّرن، مُحدّثن ۽ مجتهدن بيان ڪيو آهي. امامِ اهلسنّت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ لکن ٿا: آئمہِ مُحَقِّقِين تصريح (يعني واضح طور تي) فرمائن ٿا تہ احڪامِ شريعت حضور سيدِ عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي حوالي آهن، جيڪا ڳالھ چاهين واجب ڪن، جيڪو چاهين ناجائز ڪري ڇڏين، جنهن شيء يا جنهن شخص کي جنهن حڪم وغيره سان چاهين مُستَثنيٰ(يعني جدا) ڪن.

الله پاڪ جي پياري حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي ان خصوصي اختيار (Special Authority) بابت دليل قرآن ۽ حديث مان مُلاحَظَ فرمايو:

حلال يا حرام ڪرڻ جو اختيار

قرآنِ ڪريم جي ڪيئي آيتن ۽ ڪثير حديثن مان ثابت آهي تہ رسولِ خدا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جنهن شيء کي چاهين حلال يا حرام، فرض يا واجب فرمائن.

الله ڪريم پنهنجي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جون بہ صفتون هي بيان ڪيون آهن:

وَ يُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَ يُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ

(پاره 9،سورهٔ اعراف، آيت 157)

ترجموڪنزالايمان: ۽ سُٺيون پاڪ شيون انهن جي واسطي حلال فرمائيندو ۽ پليت شيون انهن تي حرام ڪندو.

1... تفسير صراط الجنان، ج۱۰،ص۵۵۔

حديثِ مبارڪ ۾ آهي: اِنِّي حَرَّمْتُ كُلَّ مُسْكِرٍ يعني بيشڪ نشو آڻڻ واري هر شيء مون حرام ڪري ڇڏي آهي.[1]

❖ **رسول ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ **جو ڪنهن شيء کي حلال قرار ڏيڻ ۽ ڪنهن کي حرام قرار ڏيڻ اها خصوصيت** رکو **ڪجھ احڪام جي لاءِ نہ هئي بلڪ** سڀني احڪامن جي لاءِ عام هئي. نہ صرف ايترو بلڪ منهنجي آقا و مولا **محمدِ عربي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ کي ايتري تائين اختيار عطا فرمايو ويو جو پاڻ جيڪو حڪم چاهين، جنهن جي لاءِ چاهين خاص ڪري ڇڏين. **جيئن تہ**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو پاڻ **هڪ صحابي جي لاءِ پنج جي بدران ٻہ نمازون فرض ڪري ڇڏيون.**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو اڪيلي **ابوبُرْدَه** رَضِيَ اللهُ عَنْه **جي لاءِ 6 مهيني جي ٻڪري جي قرباني جائز قرار ڏئي ڇڏي.**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو **حضرتِ خُزيمہ بن ثابت** رَضِيَ اللهُ عَنْه **جي شاهدي ٻن ماڻهن جي برابر ڪري ڇڏي.**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو **حرم مڪ ۾ اِذخَر ٻُوٽي جي ڪٽڻ کي حلال ڪري ڇڏيو.**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهِ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو **پاڻ خود ريشم کي حرام قرار ڏئي ڇڏيو ۽ انهيء حرمت کي حضرت زبير بن عوام ۽ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف** رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ اَجْمَعِين **جي حق ۾ حلال قرار**

[1]...نسائی ، ص۸۶۶ ، حدیث :۵۶۱۴ ۔

ڏئي ڇڏيو.

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو **حضرت اَسماء بنت عُميس جي لاءِ مڙس جي وفات جي عدّت 3 ڏينهن مقرر ڪئي.**

❖ اهو شرعي اختيار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو **قرآنِ پاڪ جي سورت سيکارڻ حق مهر قرار ڏئي ڇڏيو.**

❖ اهو شرعي اختيار بہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو **حضرت بَراء** رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ **کي سون (Gold) جي منڊي پائڻ جي اجازت عطا ڪئي.**

❖ اهو اختيار بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو **حضرتِ سُراقہ** رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ **جي لاءِ سون جا ڪنگڻ پائڻ کي جائز قرار ڏنو.**

❖ اهو اختيار بہ رحمت عالم ئي کي حاصل هو جو لٽل سج کي ٻيهر واپس موٽائي ڇڏيو.

❖ اهو اختيار بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو چنڊ جا ٻہ ٽڪر ڪري ڇڏيا.

❖ اهو اختيار بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو چنڊ سندن آڱر جي اشاري سان هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويندو هو.

چاند جھک جاتا جدھر انگلی اٹھاتے مہد میں کیا ہی چلتا تھا اشاروں پر کھلونا نور کا

❖ اهو اختيار بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو سندن آڱرين مان پاڻي جا چشما جاري ٿي ويا.

❖ اهو اختيار بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ئي حاصل هو جو پاڻ حَبيب بن يساف جو ڪپيل هٿ جوڙي ڇڏيو.

❖ اهو اختيار بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو پاڻ حضرتِ عبدالله جي ٽٽل پيڏي کي جوڙي ڇڏيو.

❖ اهو اختيار بہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي کي حاصل هو جو پاڻ غزوهٔ بدر ۾ حضرتِ عُڪاشہ کي ڪاٺي عطا فرمائن ٿا تہ اها تلوار بڻجي وڃي ٿي .

شاہِ کونین جلوہ نما ہو گیا　　رنگ عالم کا بالکل نیا ہو گیا
ایسا اعزاز کس کو خدا نے دیا　　جیسا بالا ترا مرتبہ ہو گیا
ایسی نافذ تمہاری حکومت ہوئی　　تم نے جس وقت جو کچھ کہا ہو گیا[1]

شه ڪون ومڪان جي آمد مرحبا　　محبوبِ رب جي آمد مرحبا
سلطانِ عَرب جي آمد مرحبا　　رسولِ اڪرم جي آمد مرحبا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب !　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

زمين جي خزانن جا مالڪ

پيارا اسلامي ڀائرو! تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي رب وٽ اهو ڪمال حاصل آهي جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پهريان ڪنهن بہ نبي کي حاصل نہ هو. الله پاڪ زمين جي خزانن جون ڪنجيون حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ڪيون آهن جيئن تہ

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: مان ستو پيو هئس تہ زمين جي تمام خزانن جون چاٻيون آڻي منهنجي ٻنهي هٿن ۾ رکيون ويون.[2] هڪ روايت ۾ آهي تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

1...قبالۂ بخشش، ص۴۴۔

2... بخاری،کتاب الاعتصام، ج ۴،ص۵۴، دار طوق النجاة،صحيح مسلم كتاب المساجد،ج۱، ص۳۷۲، داراحياء

والِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: مون کي اهو ڪجھ عطا ٿيو جيڪو پهريان ڪنهن نبي کي عطا نہ ٿيو، رُعب ڪان منهنجي مدد فرمائي وئي ۽ مون کي سڄي زمين جون ڪنجيون عطا ڪيون ويون.[1]

ڪنجی تمہیں دی اپنے خزانوں کی خدا نے   محبوب کیا مالک و مختار بنایا
کونین بنائے گئے سرکار کی خاطر   کونین کی خاطر تمہیں سرکار بنایا[2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب !   صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

هٿ جي برڪت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جڏهن ڪنهن ٻانهي کي ڪا نعمت ڏيندو آهي تہ ان کي ان جي استعمال جو اِختِيار بہ ڏيندو آهي، جيئن تہ اسان کي اکيون ڏنيون ويون آهن تہ اهو اختيار بہ ڏنو ويو آهي تہ جڏهن چاهيون بند ڪريون جڏهن چاهيون کليل رکون. جيئن تہ

الله پاڪ جڏهن پنهنجي محبوب کي سموريون نعمتون عطا ڪيون آهن تہ هر شيءِ ۾ خيرِ ڪثير سان گڏوگڏ زمين جي سموري خزانن جون ڪنجيون بہ عطا ڪيون آهن ۽ اهو اختيار بہ عطا فرمايو آهي تہ جنهن کي چاهين دنيا جي دولت ڏئي غني ڪري ڇڏين ۽ جنهن کي چاهين آخرت جي نعمت ڏئي الله جو ولي ڪري ڇڏين. چاهين تہ پنهنجي برڪت سان مٺ برابر شيءِ کي گهٽي ڪري ڇڏين. جيئن تہ

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: منهنجي آقا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن حضرت زينب رَضِیَ اللہُ عَنْہَا سان نڪاح فرمايو تہ منهنجي والده اُمِّ سُلَيم مون کي چيو: ڇا اسان پياري آقا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ ڪجھ نذرانو نہ موڪليون؟ مون عرض ڪيو: جي بلڪل! ائين ضرور ڪيو. تہ

1... مسند احمد بن حنبل ،ج۲، ص۱۵۶، مؤسسة الرساله بيروت
2... ذوقِ نعت ص ۴۷

منهنجي والده کجور، گيهه ۽ پنير وٺي حلوو ٺاهيو، پوءِ ان کي هڪ ٿانوءَ ۾ وجهي چيائون: اي اَنس! اهو ٿانءُ منهنجي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ کڻي وڃ ۽ عرض ڪجانء: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهو منهنجي امڙ موڪليو آهي، انهن اوهان جي خدمت ۾ سلام پيش ڪيو آهي ۽ عرض ڪيو آهي ته اهو معمولي تحفو اسان جي طرفان قبول فرمايو. فرمائن ٿا: مان حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيس ۽ امڙ جيڪو چيو هو اهو عرض ڪيو ته حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هن کي رکو. پوءِ فرمايائون: وڃ ۽ فلاڻي فلاڻي کي سڏي اچ، ۽ ان کان علاوه جيڪو به توهان کي واٽ ۾ ملي ان کي به دعوت ڏجو. مان نڪتس ۽ جن جن جو سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نالو ورتو هو، انهن کي دعوت ڏني ۽ انهن کي به دعوت ڏيندو رهيس جيڪي مون کي واٽ ۾ مليا. جڏهن واپس گهر موٽيس ته ڏسان ٿو ته گهر صحابهِ ڪرام سان ڀريل هو. هتي حضرت انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان پڇيو ويو ته ماڻهن جو تعداد ڪيترو هو؟ فرمايائون: ٽي سو(300). فرمائن ٿا ته پوءِ مون سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏٺو ته پاڻ پنهنجو مبارڪ هٿ ان حلوي تي رکيو ۽ جيڪو الله چاهيو پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڙهيو. پوءِ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڏهه ڏهه ماڻهن کي سڏائڻ شروع ڪيو، اهي ان ٿانوَ مان کائيندا هئا ۽ پاڻ انهن کي فرمائيندا هئا ته الله جو نالو وٺو ۽ هر شخص پنهنجي طرف کان کائي. فرمائن ٿا ته انهن سيني پيٽ ڀري کاڌو. هڪ ٽولو نڪرندو هو ته ٻيو داخل ٿي ويندو هو، ايستائين جو سيني کائي ورتو ته مون کي فرمايائون: اي اَنس! ٿانوَ کڻي وٺو، مون کڻي ورتا، مون کي خبر ناهي ته حلوو ان وقت وڌيڪ هو جڏهن مون رکيو، يا ان وقت جڏهن مون ان کي کنيو هو.[1]

کردیا اپنے خزانوں کا خدا نے مالک بے طلب جس کو جو چاہیں عطا کرتے ہیں
میں تیری دَین کے قرباں کہ تیرے منگتا تجھ سے جو چاہتے ہیں مانگ لیا کرتے ہیں[2]

1... بخاری،ح۵۱۶۳،ص۱۳۲۳،دارالمعرفہ،مشکاۃ المصابیح،کتاب احوال القیامۃ،ح۵۹۱۳،ج۴، ص۳۹۱،دارالکتب العلمیہ،بیروت
2... قبالۂ بخشش،ص186

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هي اهي ئي انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہ **آهن جن جي والده اُمِّ سُلَيم سندن کي بارگاهه نبوي ۾ کڻي حاضر ٿين ٿيون ۽ عرض ڪن ٿيون: يا رَسُولَ الله**صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ**! هيءُ منهنجو پٽ اوهان جو خادم آهي. اوهان ان جي لاءِ دعا ڪريو. اهو ٻڌي حبيبِ مڪرم رحمتِ عالم** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن دعا فرمائي: اي الله! ان جي مال ۾ برڪت عطا فرماءِ ان جو مال وڌاءِ ۽ ان جي اولاد ۾ اضافو فرما ۽ جيڪو تو اَنس کي عطا فرمايو آهي ان ۾ برڪت ڏي.**[1]

اها دعا اهڙي مقبول ٿي جو عام باغن ۾ سال ۾ هڪ ڀيري ميوو ٿيندو هو پر حضرت اَنس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہ **جي باغن ۾ سال ۾ ٻه ڀيرا ٿيندو هو، اولاد ۾ اهڙي برڪت ٿي جو سندن 128 پٽ ۽ 2 نياڻيون پيدا ٿيون ۽ پوٽا پوٽين جو تعداد معلوم ناهي ۽ سندن 99 سال عمر ٿي. اهي سڀئي برڪتون حبيبِ خدا جي دعا سبب مليون.**[2]

نہ ہے تم سا نہ کوئی ہوگا آگے ۔۔۔ نہ اے آقا کوئی تم سا ہوا ہے
تری مرضی رضائے حق ہے مولیٰ ۔۔۔ رضائے حق تری مرضی شہا ہے[3]

اعلي جي آمد مرحبا ۔۔۔ والا جي آمد مرحبا
بالا جي آمد مرحبا ۔۔۔ پيشوا جي آمد مرحبا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! ۔۔۔ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شهنشاهِ ختم نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جو شان نرالو آهي. سندن وٽ اهي اختيار آهن جو پاڻ جڏهن چاهين جيڪو چاهين تصرف ڪري سگهن ٿا، ايستائين جو پاڻ سڳورن** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي اختيارات کي شمار ڪرڻ ممڪن ناهي. الله پاڪ سندن کي اهڙا هٿ عطا ڪيا آهن جو جيڪي بظاهر ته خالي آهن پر انهن هٿن ۾ ٻنهي جهانن جون نعمتون آهن:**

1... مشكوة ، ص۵۷۵۔
2... مرقاة ،شرح مشكوة، ص۴۱۶،ج۱۱
3... سامانِ بخشش، ص۲۱۴

- ❖ اهي هٿ هزارن جون جهوليون ڀري ڇڏيندا آهن.
- ❖ انهن مبارڪ هٿن ۾ جيڪر پٿريون اچن ته اهي ڪلمو پڙهڻ لڳنديون آهن.
- ❖ انهن مبارڪ هٿن کي جيڪڏهن ٿوري پاڻي ۾ وجهن ته انهن جي آڱرين مان چشما جاري ٿي ويندا آهن.
- ❖ اهي هٿ جيڪر ٻڪري جي خشڪ ٿڻن تي لڳن ته اهي کير سان ڀرجي ويندا آهن.
- ❖ ان مبارڪ هٿن جي آڱر ڪڇي ته چنڊ جا ٻه ٽڪر ٿي ويندا آهن.
- ❖ انهيءَ هٿ سان سج کي اشارو ڪن ٿا ته اهو واپس موٽي اچي ٿو.
- ❖ اهي ئي هٿ جيڪر ٽٽل پيڏي تي ڦيرن ٿا اها پهريان جيان نيڪ ٿي وڃي ٿي.
- ❖ انهيءَ هٿ جون آڱريون جڏهن آسمان ڏانهن اٿن ٿيون ته ڪڪر اچي وڃن ٿا ۽ برسات وسڻ لڳي ٿي.
- ❖ هي ئي هٿ جيڪڏهن ڪنهن ڪاڏي تي لڳي وڃن ٿا ته ان ۾ اهڙي برڪت ٿئي ٿي جو اهي سوين ماڻهن جي لاءِ ڪافي ٿي ويندو آهي.
- ❖ اهي ئي هٿ جيڪر الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دُعا جي لاءِ ڪڇن ٿا ته دعا قبول ٿي وڃي ٿي.
- ❖ اهي ئي هٿ جيڪڏهن دسترخوان کي لڳي وڃن ته ان کي باهه نه ساڙيندي.

اِجابت نے جُھک کر گلے سے لگایا　　بڑھی ناز سے جب دعائے مُحَمَّدؐ
اِجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا　　دُلہن بن کے نکلی دعائے مُحَمَّدؐ[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب !　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

ڪجورن ۾ ايتري برڪت!!!

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ هڪ لڙائي ۾ صحابہ ڪرام عَلَیھِمُ الرِّضْوَان وٽ کاڌي جي ڪمي ٿي پئي تہ حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي ارشاد فرمايو: اي ابو هريره ! توهان وٽ کاڌي جي لاءِ ڪجھ آهي ؟ مون عرض ڪيو: منهنجي ٿيلهي ۾ ڪجھ ڪجورون آهن. ارشاد فرمايائون: کڻي اچو. مان ٿيلهي کڻي حاضر ٿيس تہ ارشاد فرمايائون: دستر خوان بہ کڻي اچو، پوءِ مون دستر خوان آڻي وڇايو تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪجورون ڪڍيون تہ اهي 21 هيون. پاڻ سڀڪورن بِسْمِ الله پڙهي ۽ هڪ هڪ ڪجور کي پنهنجي مقدس هٿ ۾ وٺي بِسْم الله پڙهندا رهيا ايستائين جو سيئي ڪجورون سندن مبارڪ هٿ اچي ويون. پوءِ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ انهن کي گڏ ڪري ارشاد فرمايائون: فُلاڻي ۽ انهن جي ساٿين کي گهرايو. مان انهن کي سڏي آيس تہ انهن کائڻ شروع ڪيو ايستائين جو اهي پيٽ ڀري کائي هليا ويا. پوءِ فرمايائون: فُلاڻي ۽ ان جي ساٿين کي سڏيو. اهي ماڻهو بہ پيٽ ڀري کائي هليا ويا، پوءِ فرمايائون: فُلاڻي ۽ ان جي ساٿين کي سڏيو. اهي سيئي بہ پيٽ ڀري کائي هليا ويا پر ڪجورون پوءِ بہ بچي ويون. ان کان پوءِ مون کي ارشاد فرمايائون: ويهو. مان ويهي رهيس پوءِ اهي ڪجورون حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۽ مون کاڌيون ۽ جيڪي ڪجورون باقي بچيون انهن کي حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيو ۽ مون کي فرمايائون: جڏهن ڪڍڻ چاهيو تہ پنهنجو هٿ وجهي ڪجورون ڪڍندو رهجان پر ٿيلهي کي ڪڏهن اونڌو نہ ڪجان. بلڪ مون ان مان پنجاھ وسق(هڪ

1... حدائقِ بخشش، ص٦٦

وسق ۾ 60صاع ٿيندا آهن ۽ هڪ صاع 3ڪلو840 گرام جو ٿيندو آهي، اهڙي طرح هڪ وسق230 ڪلو 400 گرام جو ٿيو ۽ پنجاهه وسق11.520 ڪلو جو ٿيو) **ڪجورون راهه خدا ۾ به ڏنيون. اها ٿيلهي حضرت عثمانِ غني** رَضِیَ اللہُ عَنْہ **جي زماني ۾ منهنجي سواري جي پويان لٽڪيل هئي جيڪا خبر ناهي ڪٿي گم ٿي وئي.**[1][2]

کس سے ممکن ہے صفت حضرت رَسُولُ اللہ کی ۔۔۔ جب کہ خالق خود کرے مِدحت رَسُولُ اللہ کی
جانور سنگ و شجر اِنس و ملک عرش و فلک ۔۔۔ جانتے ہیں جیسی ہے قدرت رَسُولُ اللہ کی[3]

حڪيم جي آمد مرحبا ۔۔۔ عظيم جي آمد مرحبا
ياسين جي آمد مرحبا ۔۔۔ پيارِي جي آمد مرحبا
طٰهٰ جي آمد مرحبا ۔۔۔ مزمّل جي آمد مرحبا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب ! ۔۔۔ صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! ٻڌو اوهان اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي برڪت سان** 21 **ڪجورون سڄي لشڪر پيٽ ڀري کاڌيون پر اهي ڪڏهن ختم نه ٿيون. اها ڳالهه جتي رسول اڪرم** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي اختيارات تي دلالت ڪري ٿي اتي هن ڳالهه تي به دلالت ڪري ٿي ته پاڻ سڳورا** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **پنهنجي صحابه جي حاجتن تي نظر ڪندا هئا ۽ ان جي ضرورتن جو خيال رکندا هئا.**

اچو! اسان به پنهنجي پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي ميلاد جي هن موقعي تي نيت ڪريون ٿا ته ماڻهن** (بالخصوص پنهنجي قريبي رِشتيدارن) **جي ضرورتن جو خيال رکندي ايستائين جو انهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.**

1... بهار شريعت،۱/۵۸بتغير

2... الخصائص الکبریٰ ، ج۲،ص۸۵، دارالکتب العلميه

3... قبالۂ بخشش،ص300

غريبن جي مدد ڪريو

اي عاشقانِ رسول! ڪوڙ ماڻهو پنهنجي غربت جي ڪري سياري جي موسِم ۾ گهر وارن ۽ ٻارن ٻچن جي سردي کان بچڻ جي لاءِ گرم لباس وغيره خريدڻ جي طاقت نٿا رکن، اهڙي ۾ جيڪڏهن اسان انهن جي مدد ڪيون تہ ان ۾ اسان جي لاءِ اجرو ثواب آهي. ڪنهن شخص خواب ۾ مشهور تابعي بزرگ حضرت سيدُنا صفوان بن سُلَيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي انهن جي زندگي ۾ ئي جنّت ۾ ڏٺو تہ اهو شخص پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان ملڻ لاءِ حاضر ٿيو ۽ پنهنجو خواب بيان ڪري سندن عمل جي باري ۾ پڇڻ لڳو تہ ڪهڙي عمل جي سبب اوهان کي جنّت ۾ داخلو نصيب ٿيو؟ ان تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: ان جو سبب هڪ قميص آهي جيڪا مون هڪ شخص کي پارائي هئي. ماڻهن واقعو پڇيو تہ فرمايائون: سردي جي هڪ رات ۾ مسجد مان نڪتس تہ هڪ شخص کي ڏٺم جنهن وٽ سردي کان بچڻ جي لاءِ ڪجهہ نہ هو، مون پنهنجي قميص لاهي ان کي پارائي ڇڏي.[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن الله پاڪ اسان کي رِزق ۾ وسعت ڏني آهي تہ خشڪ ميوه جات(Dry Fruits) ۽ مفيد غذائن جو پاڻ بہ استعمال ڪريو ۽ غريب مسلمانن جي دِلجوئي جي لاءِ انهن کي بہ پيش ڪريو، جيئن تہ

حضرت سيدُنا ليث بن سعد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عادت هئي تہ سياري جي موسِم ۾ ماڻهن کي ڪڻڪ جي گيهہ ۽ ماکي مان تيار ڪيل حلوو کارائيندا هئا.[2]

حضرت سيدُنا خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مصيبت زده ماڻهن جي فرياد ٻڌڻ ۽ انهن جو ساٿ ڏيڻ، حاجت مندن جي حاجت روائي ڪرڻ، بکايلن کي کاڌو کارائڻ، قيدين کي قيد مان ڇڏائڻ اهي ڳالهيون الله ڪريم وٽ وڏو رتبو

1... صفة الصفوة، جز:1، 106/1
2... سير اعلام النبلاء،448/7

رکن ٿيون.[1]

الله پاڪ اسان کي غريبن جي مدد ڪرڻ ۽ ٻين جي تڪليفن ۾ انهن جي ڪم اچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاه النَّبِي الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

سردي کي گرمي ۾ بدلي ڇڏيائون

پيارا اسلامي ڀائرو! مديني واري مصطفيٰ، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪومت صرف شين تي نہ هئي بلڪ سندن جي تابع تہ اها سردي ۽ گرمي بہ هئي. پاڻ سردي کي حڪم فرمائيندا هئا تہ گرمي ۾ بدلجي ويندي هئي. جيئن تہ

مُؤَذِّنِ رسولُ الله حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون هڪ سرد رات ۾ صبح جي اذان ڏني تہ ڪو بہ نماز جي لاءِ نہ آيو، مون ٻيهر اذان چئي پوءِ بہ ڪو بہ نہ آيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پڇيو: اي بلال! ڇا معاملو آهي؟ مون عرض ڪيو: منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي فدا ٿين، ٿڌ انهن کي تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو آهي. رسولِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن دعا ڪئي: ياالله! انهن کان سردي کي ختم ڪري ڇڏ. حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا تہ مون ان دعا کان پوءِ ڏٺو تہ ماڻهو پکي سان هوا وني رهيا آهن.[2]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اختياراتِ مصطفيٰ جو ڇا چوڻ! منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حڪومت جو ڇا چئجي جو پاڻ جڏهن ارادو ڪن ۽ جيئن ارادو فرمائن الله پاڪ سندن جي دعا کي قبوليت سان نوازيندو آهي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دعا گهري تہ **سرديءَ کي گرميءَ** ۾ بدلي ڇڏيو. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ئي دعا سان حضرت اَنس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه جي اولاد ۾ ڪثرت ٿي، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ئي دعا سان مديني ۾ گهڻي برسات ٿي. پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دعا ئي سان صحابي

1... معين الہند حضرت خواجہ معين الدين اجميری، ص 124

2... دلائل النبوة، ج۶، ص۲۲۴، دارالکتب العلميہ

رسول کي ٻيهر اهڙي اک ملي جو جنهن جي روشني ٻي اک کان تمام گهڻي هئي. جڏهن اسان کي اهڙو ڪريم آقا، مهربان و رحيم آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مليو آهي تہ پوءِ اسان سندن ساراهہ ڇو نہ ڪيون، اسان جشنِ ولادت ڇونہ ملهايون جو اهي ڪريم آهن جيڪي پنهنجي رب جا محبوب ۽ ڪائنات جي تخليق جو سبب آهن.

دنيا کي پيدا نہ ڪيان ها

حضرتِ سيدُنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: الله پاڪ فرمائي ٿو: وَعِزَّتِي وَجَلَالِي لَوْلَاكَ مَا خَلَقْتُ الْجَنَّةَ لَوْلَاكَ مَا خَلَقْتُ الدُّنْيَا يعني مون کي پنهنجي عزت و جلال جو قسم ! اي محبوب! جيڪڏهن توهان نہ هجو ها تہ مان جنت پيدا نہ ڪيان ها، جيڪڏهن توهان نہ هجو ها تہ مان دنيا پيدا نہ ڪيان ها.[1]

اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي اها هستي آهن جن جي آمد جون خوشخبريون انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسّلام ڏيندا رهيا آهن تہ پوءِ اسان بہ ڇو نہ آمدِ مصطفيٰ جا گيت ڳايون ۽ مرحبا جون صدائون لڳايون.

سيد جي آمد مرحبا — جيد جي آمد مرحبا
طيب جي آمد مرحبا — طاهر جي آمد مرحبا
حاضر جي آمد مرحبا — ناظر جي آمد مرحبا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ! — صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

سردي ۽ گرمي کان بي نياز ڪري ڇڏيو

موليٰ مشڪل ڪشا، حضرت علي ڪَرَّمَ اللّٰه وَجْهه الْڪَرِيم فرمائن ٿا: نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي لاءِ دعا فرمائي: ياالله! هن کي سردي ۽ گرمي کان بي نياز ڪري ڇڏ، فرمائن ٿا: ان ڏينهن کان پوءِ مون کي ڪڏهن نہ گرمي لڳي نہ سردي. پاڻ سخت گرمي ۾ ٿُلهي قبا (ويڪرو ۽ ڊگهو لباس جيڪو ڪپڙن جي مٿان پاتو ويندو آهي) پائي وٺندا

[1]... فردوس الاخبار، ۲/ ۴۵۸، حديث : ۸۰۹۵

هئا ۽ سخت سردي ۾ به هلڪا ڪپڙا پائي وٺندا هئا.[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تمام موسم الله پاڪ جي نعمت آهن جو انهن جي تبديلي سان اسان کي طرح طرح جا فائدا حاصل ٿيندا آهن. سياري جي موسم اللهٰ پاڪ جي نعمت آهي جو گهٽ وقت ۾ گهڻيون نيڪيون ڪمائڻ جو سبب آهي. اسان جو اَسلاف سياري جي موسم جي آمد تي خوش ٿيندا هئا ۽ ان کي پنهنجي عبادتن ۾ اِضافي جو موسم قرار ڏيندا هئا.[2]

اي عاشقانِ صحابه و اهلبيت! سياري جي اچڻ تي ته ملائڪ به خوش ٿيندا آهن، جيئن حضرت سيدُنا قَتاده رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيشڪ! ملائڪ مؤمنن جي لاءِ سياري جي اچڻ تي خوش ٿيندا آهن، ڇوته ان جا ڏينهن ننڍا هئڻ جي ڪري مؤمن روزو رکندو آهي ۽ رات ڊگهي ٿيڻ جي ڪري قِيام ڪندو آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪوشش ڪريو ۽ روزا رکو، ڇوته سياري جا ڏينهن ننڍا هوندا آهن، موسم ٿڌو رهندو آهي جنهن جي ڪري بک ۽ اڃ جو اِحساس گهٽجي ويندو آهي، لهٰذا هن مان فائدو کڻندي ڏينهن جو نفلي روزا رکو، اسان جي پياري نبي، مڪي مدنيﷺ جن فرمايو: سياري جا روزا ٿڌي غنيمت آهن.[4]

هڪ ڀيري نبي اڪرم،شفيعِ معظمﷺ جن ارشاد فرمايو: جنهن هڪ نفلي روزو رکيو، الله پاڪ ان جي لاءِ جنّت ۾ هڪ وڻ لڳائيندو جنهن جو ميوو ڏاڙهونءَ جيان ننڍو ۽ صوف کان وڏو هوندو اهو ماکي جهڙو مٺو ۽ خوش ذائقه هوندو، الله پاڪ بروزِ قيامت روزيدار کي ان وڻ جو ميوو کارائيندو.[5]

1... سيرتِ حلبيه،غزوه خيبر،ج٣،ص٥٣،دارالڪتب العلميه

2... مسندُالفردوس،349/2،حديث:6808

3... الزہد لاحمد بن حنبل، ص240، رقم: 1251

4... ترمذی،210/2،حديث:797

5... معجمِ کبیر، 366/18، حديث:935

جهنّم کان پناه گهرو

ياد رکو! جهنّم ۾ جتي گرمي جو عذاب آهي اتي ٿڌاڻ جو بہ عذاب ٿيندو، لهٰذا سخت سردي ۾ جهنّم جي سردي کان بچڻ جي دُعا ڪرڻ گهرجي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: **جڏهن سخت سردي ٿيندي آهي تہ ٻانهو چوندو آهي:** لَاۤاِلٰهَ اِلَّا الله **اڄ ڪيترو سخت سيء آهي!** اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِيْ مِنْ زَمْهَرِيْرِ جَهَنَّمَ يعني اي الله پاڪ! مون کي جهنّم جي زَمْهَرِير کان بچاء. الله پاڪ جهنّم کي فرمائيندو آهي: منهنجو ٻانهو تنهنجي زَمْهَرِير کان منهنجي پناه ۾ اچڻ چاهي ٿو ۽ مون تنهنجي زَمْهَرِيرکان ان کي پناه ڏني. صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: جهنّم جي زَمْهَرِير ڇا آهي؟ ارشاد فرمايائون: اها هڪ کڏ آهي جنهن ۾ ڪافر کي اڇلايو ويندو تہ سخت سردي (سيء) سان ان جي جسم جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا.[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم جو قرب ماڻڻ ۽ ان جي رضا حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو نفل بہ آهن انڪري بزرگ سڳورا فرضن، واجبن سان گڏوگڏ نفلن جي ڪثرت ڪندا هئا.

ٻارهين جي رات نفل پڙهڻ جون بہ فضيلتون آهن، اچو انهن مان هڪ فضيلت ٻڌون ٿا: ٻارهين جي رات جو رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي روح پاڪ کي هديو پهچائڻ جي لاءِ ويهہ 20 رڪعت هن طرح پڙهون جو هر رڪعت ۾ سورة الفاتحہ کان پوءِ ايڪيهہ 21 ڀيرا سورة الاخلاص پڙهون، منقول آهي تہ هڪ شخص هميشہ هن طرح اها نماز پڙهندو هو ان کي نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ٿي ۽ فرمائي رهيا هئا تہ اسان توکي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندا سين.[2]

1...جواہر خمسہ،21

2... جواہر خمسہ،ص21

ميلاد جي خوشي جون برڪتون

اي عاشقان رسول! يقينًا جلوس ميلاد ۾ شرڪت ڪرڻ سعادتمندي جي نشاني آهي. ۽ جشن ولادت ملهائڻ الله ڪريم جي طرفان بي شمار ديني ۽ دنياوي رحمتن ڪي ماڻڻ جو ذريعو آهي. جيئن تہ سيدنا امام عبدالرحمن ابن جوزي فرمائن ٿا: جشن ِولادت تي خوشي ڪرڻ واري جي لاءِ اها خوشي، جهنّم کان رُڪاوٽ بڻجندي. جيڪو جشنِ ولادت جي خوشي ۾ هڪ درهم خرچ ڪري تہ رحمتِ عالم نورمجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ان جي شفاعت فرمائيندا، ربّ ڪريم ان کي هڪ درهم جي بدلي ڏھ درهم عطا ڪندو. اي حضور جي اُمَّت! توهان جي لاءِ خوشخبري آهي توهان دنيا ۽ آخرت ۾ خيرِ ڪثير جا حقدار ٿيندا. حضرت سيدنا احمدِ مجتبيٰ، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو جشنِ ولادت ملهائڻ واري کي برڪت، عزت، ڀلائي ۽ فخر ملندو، موتين وارو عمامو ۽ سبز حُلّو پائي اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.[1]

خوش ٿيو جو آقا جي آمد جا نعرا لڳائڻ وارا الله کي پيارا آهن ۽ محبوبِ خدا جي آمد جي خوشي ۾ مال خرچ ڪرڻ سان رزق ۾ برڪت ملندي آهي .

جلوسِ ميلاد بابت احتياط

ياد رکو! آقا جي ميلاد جون خوشيون ملهائڻ ۽ جلوس ميلاد ۾ شرڪت ڪرڻ مستحب آهي جڏهن تہ گناهہ کان بچڻ لازم آهي تنهنڪري جلوس جي حوالي سان ڪجهہ احتياط ڀڙو:

(1) جشنِ ولادت جي خوشي ۾ جلوس ميلاد ڪڍڻ مهل بعض جڳهن تي ڳائڻ وڄائڻ ٿيندو آهي ائين ڪرڻ شَرْعاً گناهہ آهي. هن سلسلي ۾ بہ روايتون پيشِ خدمت آهن: {١} سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مون کي ڍول ۽ بانسري ٽوڙڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي.[2]

1... مجموع لطيف الانسى ، مولد العروس، ص٢٨١

2... فردَوسُ الاخبار ج١ ص٣٨٣ حديث١٦١٢

{۲}حضرتِ سيدُنا ضَحاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ ڪان روايت آهي: ڳائڻ دل کي خراب ۽ ربّ تَبارَڪ وتعاليٰ کي ناراض ڪرڻ وارو آهي.[1]

(2)...نعتِ پاڪ جي ڪيسٽ بيشڪ هلايو پر هلڪي آواز ۾ ۽ هن احتياط سان جو ڪنهن عبادت ڪرڻ واري، سُتل يا مريض وغيره کي تڪليف نہ ٿئي پڻ آذان و اوقاتِ نَماز جي بہ رِعايت ڪريو. (عورت جي آواز ۾ نعت جي ڪيسٽ نہ هلايو)

(3)..جُلوسِ ميلاد ۾ حتَّي الامڪان باوُضو رهو، **باجماعت نماز جي پابندي جو خيال رکو. عاشِقانِ رسول نَماز جي جماعت ترڪ ڪرڻ وارا نہ هوندا آهن.**

(4) جُلوسِ مِيلاد ۾ گهوڙا گاڏي (تانگو) ۽ اُٺ گاڏي نہ آڻيو ڇوتہ گهوڙا ۽ اُٺ جي پَيشاب ۽ لِڏ ڪان عاشِقان رسول جا ڪپڙا وغيره پليد ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي.

(5). جُلوس ۾ "لنگرِ رسائل" هلايو يعني مڪتبۃُ المدينہ جا شايع ٿيل رسالا ۽ مَدَني گلن جا مختلف پمفلٽ پڻ سنّتن ڀرين بيانن جي V.C.Ds وغيره خوب ورهايو، ميوا ۽ اناج وغيره تقسيم ڪرڻ ۾ بہ اڇلائڻ بدران ماڻهن جي هٿن ۾ ڏيو، زمين تي ڪِرڻ وڪرڻ ۽ پيرن هيٺان لتاڙجڻ سان ان جي بي حُرمتي ٿيندي آهي.

(6) ڇڙ ڏياريندڙ نعره بازي پُروقار جُلوسِ ميلاد کي مُنتَشِر ڪري سگهي ٿي، پُر اَمن رهڻ ۾ اوهان جي پنهنجي ڀلائي آهي.

(7)...خدانخواستہ جيڪڏهن ڪٿي هلڪو پٿراءُ ٿئي بہ تہ جذبات ۾ اچي جوابي ڪاروائي نہ ڪيو جو هن طرح اوهان جو جلوسِ ميلاد ٽڙي ڪڙي ويندو ۽ دشمن جي مُراد پوري ٿيندي....

---

[1]... تفسيرات اَحمديَّہ ص ۶۰۳

غُنچے چٹکے، پُھول مہکے ہر طرف آئی بہار ہو گئی صبحِ بہاراں عیدِ میلادُالنّبی

هڪ هزار سال جي عبادت جو ثواب

اي عاشقانِ رسول! ٻارهن ربيع الاول جي ڏينهن روزو رکو جو حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت جي ڏينهن روزو رکڻ رب ڪريم جي نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ آهي ۽ ان ۾ تمام گهڻو اجروثواب بہ آهي. خود اسان جي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر سومر شريف جو روزو رکي پنهنجو يومِ ولادت ملهائيندا هئا. جيئن تہ حضرت اَبُو قَتَادَہ رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: حضور نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ سومر جي روزي جي باري ۾ پڇيو ويو تہ ارشاد فرمايائون: انهيء ڏينهن منهنجي وِلادت ٿي ۽ انهيء ڏينهن مون تي وَحي نازِل ٿي.

هن فرمانِ عالي مان انهن ڏينهن ۾ روزن جي مستحب هئڻ ڏانهن اشارو آهي جو جن ۾ الله پاڪ جون نعمتون ٻانهن تي لهن ٿيون، هن امت تي الله پاڪ جي سڀ کان وڏي نعمت حضرت محمد مصطفيٰ احمدِ مجتبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ٻانهن جي لاءِ ظاهر فرمائڻ آهي. ۽ اهڙي ڏينهن روزو رکڻ تمام سٺو آهي جنهن ڏينهن ۾ الله پاڪ جي ٻانهن تي ان جون نعمتون نازل ٿينديون آهن. تنهنڪري هن مهيني ۾ وڌ کان وڌ نيڪيون ڪرڻ گهرجن.

جواهر غيبي ۾ آهي تہ ٻارهن ربيع الاول جي ڏينهن جو روزو رکڻ واري کي 1000 سال جي عبادت جو ثواب ملندو آهي ۽ 5، 16 ۽ 26 ربيع الاول تي روزو رکڻ جو بہ گهڻو ثواب آهي .[1]

اي عاشقانِ رسول! ڪوشش ڪريو ٻارهين جي ڏينهن روزو رکو. ۽ پنهنجي پياري پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ايصال ڪري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ

1... جواہر غیبی ،ص۶۱۷۔

واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان پنهنجي عشق جو اظهار فرمايو.

ٽيلي ٿون جي ترغيب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ 108 کان **وڌيڪ شعبن** جي ذريعي قرآن و سنّت جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن شعبن ۾ **جامعة المدينہ** ۽ **مدرسة المدينہ** بہ شامل آهن، جتي قرآن پاڪ ۽ علمِ دين جي تعليم في سبيل الله ڏني ويندي آهي. ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ **851** (اٺ سو ايڪونجاهه) **جامعات المدينہ** ۽ **4201** (چار هزار ٻه سو هڪ)**مدارس المدينہ** ۾ تقريبًا **258947** (2لک، 58هزار947) **شاگرد ۽ شاگردياڻيون** دِيني تعليم حاصل ڪرڻ ۽ قرآنِ ڪريم(حفظ و ناظره) ۾ مشغول آهن، صرف هنن ٻن شعبن جا اخراجات **ڪروڙين روپيا** سالانہ آهن.

اِنْ شَآءَاللّٰه **15 نومبر2020** ء،28 **ربيع الاول** 1442ھ **آچر جي ڏينهن** 02:00 **کان اڳئين ڏينهن صبح 05:00** بجي تائين ٽيلي ٿون (چنده/Donation جمع ڪرڻ جي مهم) جو سلسلو ٿيندو. **پاڪستاني ڪرنسي** مطابق 1 **يونٽ** 10 **هزار** روپين جو هوندو، ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ”**مدارس المدينہ وجامعات المدينہ جي قيام وانتظام جي جملہ اخراجات جي لاءِ تعاون فرمايو.**

ٽيلي ٿون (چندو جمع ڪرڻ جي مهم) ۾ **حصو وٺندڙ خوش نصيب عاشقانِ رسول جي لاءِ دعاءِ عطار:**

15 نومبر2020 ء،28 **ربيع الاول** 1442ھ **تي ٿيندڙ ٽيلي ٿون** (چندو جمع ڪرڻ جي مهم) ۾ حصو وٺندڙ خوش نصيب عاشقانِ رسول جي لاءِ اميراهلسنت ڪيتري نہ پياري دُعا فرمائي آهي:

دعاءِ عطار: ياالله پاڪ! جيڪو گهٽ مان گهٽ 1 يونٽ هن ٽيلي ٿون ۾ جمع ڪرائي، ان کي ايمان جي سلامتي نصيب فرماءِ، بري خاتمي کان بچاءِ ۽ مرڻ وقت ان کي تنهنجي حبيب جو جلوو نصيب ٿئي ۽ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

ڪلمو پڙهائڻ ۽ پنهنجي قدمن ۾ ان ڪي سمهارين. ياالله! هي دعا هر ان اسلامي ڀيڻ جي حق ۾ به قبول فرماءِ جيڪا پنهنجي محرم جي ذريعي 1 يونٽ جمع ڪرائي، يا ڪنهن طرح به جمع ڪرائي، سيني جي حق ۾ قبول فرماءِ. جيڪو ويچارو پاڻ نتو ڏئي سگهي، پر ٻين کي تيار ڪري هي ڏياري، ان جي حق ۾ به اها دعا قبول فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ غيب نشان آهي :"آخري زماني ۾ دِين جو ڪم به دِرهم ۽ دِينار سان ٿيندو." (المعجم الكبير، ٢٧٩/٢٠،حديث:٦٦٠،ملخصاً) اڄ جي دور جون تقاضائون جيڪي آهن اهي ڪنهن سان لڪيل نه آهن. ان ڪري دِين جي ڪمن ۾ تعاون جي لاءِ پنهنجي صدقات، عطيات (چندي/ فنڊ Donation) ۽ خيرات وغيره سان تعاون فرمايو. اِنْ شَآءَ الله اوهان جو ڏنل صدقو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪوڙ فائدن جو سبب بڻجندو.

اِمامِ اهلسنّت، مجدّدِ دِين و ملّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فتاويٰ رضويه جلد23، صفحي 152 تي صدقي جي فضيلتن بابت حديث مبارڪ مان حاصل ٿيل جيڪي فائدا ذڪر ڪيا آهن، انهن ۾ ڪجھ هي به آهن: ❖ الله پاڪ جي حڪم سان (صدقو ڏيندڙ) بُري موت کان بچندا، ستّر دروازا بُري موت جا بند ٿيندا. ❖ ان (يعني صدقو ڏيندڙن) جون عمرون وڌنديون. ❖ (صدقو ڏيندڙن وٽ) رزق جي وسعت، مال جي گهٽائي ٿيندي، ❖ (۽ صدقو ڏيندڙ) صدقو ڏيڻ جي عادت سبب ڪڏهن به محتاج نه ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيندڙ) خير و برڪت ماڻيندا. ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) آفتون بلائون پري ٿينديون، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) بُري قضا ٽرندي، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) ستر (70) دروازا برائي جا بند ٿيندا، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) ستر(70) قِسم جون بلائون دور ٿينديون. ❖ (صدقو ڏيڻ وارن سان) مددِ الٰهي شامل ٿيندي. ❖ رحمتِ الٰهي انهن (يعني صدقو ڏيندڙن) جي لاءِ واجب ٿيندي. ❖ ملائڪ اُنهن (يعني صدقو ڏيندڙن) تي درود موڪليندا.

انهن جي علاوه ٻيا ٻه ڪوڙ دِيني ۽ دنياوي فائدا آهن جيڪي صدقو ڏيڻ سان حاصل ٿين ٿا. تنهنڪري اوهان پاڻ ٻه ٽيلي ٿون مهم ۾ تعاون ڪريو، پنهنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ان ۾ يونٽ جمع ڪرايو. وڌيڪ نه هجي ته گهر جي هر فرد جي طرفان گهٽ مان گهٽ هڪ يونٽ ته ضرور جمع ڪرايو ۽ ٻين کي ٻه ان جي ترغيب ڏياريو. يونٽ جمع ڪرڻ جو پنهنجو ڪو هدف ٺاهي هينئر کان ان جي لاءِ رابطا شروع ڪري ڇڏيو. الله پاڪ اوهان کي جزاءِ خير عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

﴿1﴾ جمع جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ لاهي رهيا آهن، [1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو : جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

(3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

(4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [2]

(5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

(6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود

1...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

3...القول البديع،الباب الاول،ص125

شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهۡلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

(1) چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي۔

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان چڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الۡحَلِيۡمُ الۡكَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الۡعَرۡشِ الۡعَظِيۡم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم ڪان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!　　　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3... تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:٤٤١٥

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

طاقتِ مصطفٰي ﷺ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: الله پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحو ڪن (يعني هٿ ملائين) ۽ نبي ڪريم (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرودِ پاڪ موڪلين تہ انهن جي جُدا ٿيڻ

ڪان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهہ بخشيا ويندا آهن. (مسند ابي يعلي، مسند انس بن مالک، ۹۵/۳،حديث:۲۹۵۱)

ڪعبے کے بدر الدُّجیٰ تم پہ کروروں دُرُود طیبہ کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ ڪان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل ڪان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل:

3) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
4) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُ الله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان ڪان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رَبِيعُ الاَوَّل جو مبارڪ مهينو پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي، هر طرف مني مني آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا ترانا

آهن. عاشقانِ رسول مدحتِ مُصطفيٰ سان پنهنجي دِل ۽ دِماغ کي مهڪائي رهيا آهن، ❖ **ڪٿي** سندن جي **وِلادَت** جو ذِڪر آهي تہ ڪٿي سندن جي **ڪمالات** جو تذڪرو آهي. ❖ **ڪٿي** سندن **سِيرت** جو بيان آهي تہ ڪٿي سندن **مُبارَڪ صُورت** جو ذِڪر خير آهي. ❖ **ڪٿي عِبادتِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي تہ ڪٿي **سلطنتِ مُصطفيٰ** جا چرچا آهن. ❖ **ڪٿي شَفاعتِ مُصطفيٰ** جا تذڪرا آهن تہ ڪٿي سندن جي **عنايتن** جا چرچا آهن. ❖ **ڪٿي** سندن جي **عظمتن** جو بيان آهي تہ ڪٿي سندن جي **رِفعتن** (بُلندين) جا تذڪرا آهن. ❖ **ڪٿي طاقتِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي تہ ڪٿي **شُجاعتِ مُصطفيٰ** جا تذڪرا ڪيا پيا وڃن. ❖ **ڪٿي نگاهِ مُصطفيٰ** جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي **عطاءِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي. ❖ **ڪٿي خاندانِ مُصطفيٰ** جا چرچا آهن تہ ڪٿي **برڪاتِ نبوت** جو بيان آهي. ❖ **ڪٿي معجزاتِ مُصطفيٰ** جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي **اَخلاقِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي. ❖ **ڪٿي اِختياراتِ مُصطفيٰ** جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي **نوازشاتِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي. ❖ **ڪٿي هجرتِ مُصطفيٰ** جون ڳالهيون آهن تہ ڪٿي **اِستقبالِ مُصطفيٰ** جو بيان آهي. جڏهن تہ **ذرّو ذرّو ميلادِ مُصطفيٰ** جي برڪتن سان پنهنجو حصو سميٽي رهيو آهي. انهيءَ مُناسبَت سان اڄ اسان بہ رحمت عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي جسماني طاقت مبارڪ ۽ سندن والدين ڪريمين جو مختصر تذڪرو بہ ٻڌنداسين.**

الله پاڪ اسان کي سچو بيان سنين سنين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت نصيب فرمائي. اچو! سڀ کان پهريان حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي والدين ڪريمين جو مختصر تعارف ٻڌون ٿا:**

والدِ مصطفٰي جو شان

حضرت سيدنا عبدالله بن عبد المطّلب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا **هي اسان جي حضور رحمتِ عالَم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جا والد ماجد آهن. سندن نالو عبدالله، ڪنيت ابو محمد، ابو احمد ۽ ابو قُثَم**(يعني خير و برڪت سميٽڻ وارا) (شرح زرقاني علي المواهب اللدنية،المقصد الاول...الخ،١/١٣٥.) **۽ والدهءِ محترمہ جو نالو مبارڪ آمنہ** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی

عَنْهَا آهي. حضرت سيدنا عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي والدِ محترم حضرت عبدالمطلب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي سيني پُٽن مان سيني کان گهڻا پيءُ جا لاڏلا ۽ پيارا هئا ڇو ته ان جي پيشاني ۾ نورِ محمدي پنهنجي پوري شان ۽ شوڪت سان چمڪي رهيو هو. ان ڪري حسن ۽ خوبي جا پيڪر، جميل صورت ۽ ڪمالِ سيرت جا نمونا، ۽ پاڪدامني ۾ بي مثال هئا. قريش قبيلي جون تمام حسين عورتون انهن جي حسن ۽ جمال تي فريفته (عاشق) ۽ انهن سان شادي ڪرڻ جون خواهشمند هيون. پر عبدالمطّلب ان جي لاءِ هڪ اهڙي عورت جي تلاش ۾ هئا جيڪا حسن ۽ جمال سان گڏو گڏ حسب نسب، شرافت ۽ پاڪدامني ۾ به ممتاز هجي.

غيبي سوارن جان بچائي

عجيب اتفاق جو هڪ ڏينهن حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ شڪار جي لاءِ جهنگ ۾ تشريف ڪٺي ويا ته ملڪ شام جي يهودين ڪن علامتن مان سڃاڻي ورتو ته نبي آخرالزمان جا والدِ ماجد هي ئي آهن. تنهنڪري انهن يهودين حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي قتل(شهيد) ڪرڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. پر الله تعالٰي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان کين بچائي ورتو ۽ عالَمِ غيب مان اوچتو اهڙا ڪجهه سوار آيا جيڪي هن دنيا جي ماڻهن سان مشابهت رکندڙ نه هئا، ان سوارن اچي يهودين کي ماري ڀڄايو ۽ حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي حفاظت سان انهن جي گهر تائين پهچايو.

نڪاح ٿي ويو

(حضرت بيبي آمنه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جا والدِ محترم) حضرت وهب بن مناف رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ به ان ڏينهن جهنگ ۾ هئا ۽ ان اِهو سڀ ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏٺو، انهيءَ ڪري انهن کي حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان تمام گهڻي محبت ۽ عقيدت پيدا ٿي وئي ۽ گهر اچي اهو پڪو عزم ڪري ڇڏيو ته مان پنهنجي نورِ نظر حضرت آمنه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي شادي حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان ئي ڪندس. تنهنڪري پنهنجي دلي آرزو کي پنهنجي ڪجهه دوستن جي ذريعي ان عبدالمطلب تائين پهچائي ڇڏيو. خدا جو شان جو حضرت سيدناعبدالمطّلب رَضِيَ

رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي نورِ نظر حضرت عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي لاءِ جهڙي ڪنوار جي تلاش ۾ هئا، اهي سڀ خوبيون حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا ۾ موجود هيون. پوءِ چوويهن سالن جي عمر ۾ حضرت عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا سان نڪاح ٿي ويو ۽ نورِمحمدي حضرت عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ مان منتقل ٿي حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جي شڪمِ اَطهر (يعني پيٽ مبارڪ) ۾ ظاهر ٿي ويو.

حضرت عبد الله جي وفات

جڏهن حمل شريف کي ٻہ مهينا پورا ٿيا تہ حضرت سيدناعبدالمطّلب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ حضرت عبدالله رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي کتلون (ڪجورون) وٺڻ جي لاءِ مديني موڪليو يا تجارت جي لاءِ ملڪ شام روانو ڪيو اتان کان واپس ايندي مديني ۾ پنهنجي والد جي ناناڻن "بنو عدي بن نجار" ۾ هڪ مهينو بيمار رهي پنجويهہ سالن جي عمر ۾ وفات ڪري ويا ۽ اتي "دارِنابغہ" ۾ دفن ٿيا. ۽[1]

بيبي آمنہ جي وفات

حضور اقدس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عمر شريف جڏهن پنجن يا ڇهن سالن جي ٿي تہ سندن والده ماجده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ساڻ وٺي مديني شريف پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏاڏي حضرت سيدناعبدالمطّلب رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي ناناڻن بنو عدي بن نجار ۾ ملڻ وئي. حضوراڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي والد صاحب جي ٻانهي اُمِ ايمن بہ ان سفر ۾ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ هئي اتان کان واپسي تي "ابواء" نالي ڳوٺ ۾ حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جي وفات ٿي وئي ۽ اهي اُتي ئي دفن ٿيون.[2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص 12، 14، ملتقطاً

[2] المواهب اللدنية، ذڪر رضاعہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ج 1، ص 77 ملخصاً

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو هاڻي حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي شهزادي حضرت بيبي آمنه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي لعل حضور رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جسماني طاقت جي باري ۾ ٻڌون ٿا

نبي ڪريم ﷺ ۽ عرب جو مشهور پهلوان

مڪي جي ويجهو ڳوٺ ۾ رُڪانه نالي پهلوان رهندو هو. ان جو نسبي تعلق خاندانِ بنو هاشم سان هو، هو تمام ئي طاقتور، وڏي زور وارو، زبردست رعب ۽ دٻدٻي وارو ۽ مار ڪٽ ڪرڻ وارو شخص هو. "جبل اِضَم" جي وچ ۾ هڪ سرسبز وادي هئي جتي هو ٻڪريون چاريندو هو. هن وادي ۾ ڪنهن کي چرپر ڪرڻ جي جُرئت نه هوندي هئي. ماڻهو ان جي سامهون اچڻ کان لهرائيندا هئا. مشرڪن ۽ ٻين اسلام جي دشمنن جي غلط ڳالهين ڀڙڪائڻ جي ڪري هو رسولِ اڪرم، شاهه بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان شديد نفرت جا جذبات رکندو هو. ان جي دشمني هن حد تائين وڌي وئي جو مَعَاذَالله هو رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي شهيد ڪرڻ لاءِ راضي ٿي ويو. اُمّت تي مهربان، ٻنهي جهانن جا سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن به قسم جي خطري کي بغير ڪنهن خاطر ۾ آڻيندي هڪ ڏينهن دينِ اسلام جي دعوت جي لاءِ رُڪانه جي وادي ۾ اڪيلا تشريف کڻي ويا. اتي رُڪانه به ٻاهر اچي ويو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏسي ميرجي پيو ۽ تڪبر جي نشي ۾ بدمست ٿي چيائين: **يَامُحَمَّدُ! اَنۡتَ الَّذِي تَشۡتِمُ اٰلِهَتَنَا** يعني اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) اوهان ئي آهيو جيڪي اسان جي معبودن کي بُرو چئو ٿا؟ ان کان پوءِ هو وڏيڪ ڪاوڙجي پيو ۽ چوڻ لڳو: اي محمد! (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) اوهان اسان جي معبودن کي بُرو ۽ ڪمزور چئو ٿا ۽ پنهنجي خدا جي وڏائي بيان ڪريو ٿا. جيڪڏهن منهنجو اوهان سان خانداني رشتو نه هجي ها ته اڄ مان اوهان جو ڪم تمام ڪري ڇڏيان ها پر اوهان کي مان بغير مقابلي جي وڃڻ نه ڏيندس.

ان کان پوءِ رُڪانه رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پاڻ سان ڪُشتي وڙهڻ

جي دعوت ڏني ۽ چيائين: مان پنهنجي خدائن کي سڏيندس ۽ اوهان پنهنجي خدا کي مدد جي لاءِ پڪاريو. جيڪڏهن اوهان مون کي هارائي ڇڏيو ته مان اوهان کي ڏهه ٻڪريون ڏيندس. رَسُولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان جو چيلنج قبول ڪري ورتو ۽ ان سان ڪشتي وڙهڻ جي لاءِ آماده ٿي ويا. پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ رُڪانه جي هٿن ۾ هٿ ڏنا ۽ ان جو چنبو مروڙيائين. رُڪانه جا هوش اُڏامي ويا ۽ هو درد سان تڙپڻ لڳو. پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي ڌڪو ڏنو ته هو سڪل پَن جيان زمين تي ڪري پيو. رُڪانه کي پنهنجي بازو جي قوت تي ناز هو، هو سوچي به نه پئي سگهيو ته حضوراڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ هن طرح ڪجهه لمحن ۾ ان کي اهڙي طرح ڪيرائي وجهندا. جيڪو ڪجهه ٿيو ان جي توقع جي خلاف هو پر رُڪانه ان کي اتفاق سمجهندي هار نه مڃي. هوش بحال ٿيا ته ان ٻيهر ڪشتي وڙهڻ جي درخواست ڪئي. پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ان جي درخواست منظور ڪئي. پر ان جو نتيجو به پهريان کان مختلف نه هيو يعني هن ڀيري به هو گهڙي ڪن ۾ هارجي ويو. رُڪانه حيرت ۾ پئجي ويو. ان جي وهم و گمان ۾ به نه هو ته ان جهڙي ڪنڌار پهلوان جو اهڙو حشر ٿيندو. پر اجا به هو شڪست قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هو. ٽئين ڀيري وري ڪشتي وڙهڻ جي درخواست ڪئي جيڪا پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ قبول ڪئي. ٽئين ڀيري به شڪست ان جو مقدر ٿي ۽ هو پاڻ عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي زورِ بازو جي تاب نه سهي ڪري پيو ۽ چيائين: اهو سڀ ڪجهه اوهان نه ڪيو بلڪ اوهان جي غالب ۽ قادر معبود الله ئي ڪيو آهي جڏهن ته منهنجي خدائن مون کي رسوا ڪيو آهي. (دلائل النبوة للاصبهاني، الفصل التاسع عشر ، ذکر خبر رکانة، ۲/ ۲۳۵ماخوذاً)

هتي اها ڳالهه به ملي ٿي ته رڪانه پهلوان چيو هو ته جيڪڏهن اوهان مون کي ڪيرائي ڇڏيو ته مان مسلمان ٿي ويندس ته پوءِ رڪانه مسلمان ٿي ويو، يعني انهيءَ وقت اسلام ڪٿي آيو جڏهن ته هڪ روايت جي مطابق ان فتحِ مڪه جي ڏينهن اسلام قبول ڪيو هو. (شرح الزرقانی علی المواہب،الفصل الثانی فیما اکرمہ اللہ...الخ، ۶/۱۰۲)

شهزادهءِ اعليٰ حضرت، مفتي اعظمِ هند مولانا مُصطفيٰ رضا خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡہ چا ته

خوب فرمائن ٿا:

سب سے اعلیٰ عزّت والے غلبہ و قہر و طاقت والے
حُرمت والے کرامت والے تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام
ظاہر باہِر سیادت والے غالب قاہر ریاست والے
قوت والے شہادت والے تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام
بگڑی ناؤ کون سنبھالے ہائے بھنور سے کون نکالے
ہاں ہاں زور و طاقت والے تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام

(سامانِ بخشش، ص٨٩-٩٠)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سُبْحٰنَ الله! اوهان ڏٺو ته اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيترا طاقتور ۽ اعلٰي اخلاق جا مالڪ هئا جو سامهون وارو وڙهڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي ڪشتي جو چيلنج ڪري رهيو آهي، سخت لهجي ۾ ڳالهه ڪري رهيو آهي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي پر قُربان وڃجي حُسنِ اَخلاق جي پيڪر، محبوبِ رَبِّ دَاوَر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خُلُقِ عظيم تي جو سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ بدران حِلم و بُردباري، صبرو استقامت ۽ نرمي سان ڪم وٺندا رهيا.

۽ اها رحمت عالم، شاهه بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري عادت هئي جو بداَخلاقي ڪرڻ، چڙبڻ، ڌمڪيون ڏيڻ يا گهورڻ يا ڪنهن به قسم جي بد اَخلاقي ڪرڻ واري سان به الفت ۽ پيار ڀريو برتاؤ ڪندا هئا، ۽ بداَخلاقي سان پيش اچڻ واري تي به لطف و ڪرم ڪندا هئا ۽ ان ڪي پنهنجي حسين اَدائن

جو اَسِير (قيدي) ٻڌائيندا ها. حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہا فرمائن ٿيون تہ رسول اللّٰہ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ راھ خدا ۾ جھاد جي علاوہ ڪڏھن ڪنھن شيءِ، عورت يا خادم کي پنھنجي دستِ اقدس سان نہ ماريائون، ۽ نہ ئي ايذاء پھچڻ تي ايذاء ڏيڻ واري کان بدلو ورتائون، البت جڏھن اللّٰہ پاڪ جي حُرمت کي ٽوڙيو ويندو ھو تہ رسول اڪرم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ اللّٰہ پاڪ جي لاءِ ان کي سزا ڏني.

(مسلم،کتاب الفضائل،باب مباعدته للآثام۔۔۔ الخ، ص۹۷۸، حديث:۶۰۵۰)

رسول اڪرم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي انھيءَ اَخلاقِ ڪريمانہ جي برڪتن سان فيضياب ٿي ڪيئي ماڻھن اِسلام قبول ڪيو ۽ بي شُمار ماڻھن جي زندگين ۾ اھڙو مدني انقلاب پيدا ٿيو جو ھر پاسي اسلام جي ڦھلجڻ واري روشني گمراھي ۽ ضلالت جي اونداھين کي مٽائي ڇڏيو ۽ قتل و غارت گري ڪرڻ وارن رت جي پياسن کي جامِ محبت پيئڻ نصيب ٿيو.

دَورِ جہالت تھا ہر سُو جب کُفر کی ظُلمت چھائی تھی
تم نے حیوانوں جیسے لوگوں کو بھی اِنسان کیا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰہُ عَلٰى مُحَمَّد

اسان جو ڪردار۽ درگذر

اي عاشقانِ رسول! پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي انھيءَ طرزِ عمل (يعني حُسنِ اَخلاق) کي سامھون رکندي اڄ اسان غورو فڪر ڪريون تہ اسان جو اخلاق ڪھڙو آھي، اسان تہ سِر جو جواب پٿر سان ڏيڻ پاڻ تي لازم سمجھون ٿا، ڪو اسان سان بداخلاقي سان ڳالھ ڪري تہ اسان ان کي ان کان وڌيڪ بداخلاق ٿي ڏيکارڻ پسند ڪيون ٿا، ڪنھن سان ڪا غلطي بہ ٿي وڃي ۽ ھو ان تي معافيون گھرندو وتي تڏھن بہ اسان ان کي معافي ناھيون ڏيندا- اھي سڀ دين کان دوري ۽ جھالت وارا ڪم آھن.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰہُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پنهنجي پياري آقا، مديني واري مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسماني طاقت جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين. جهڙي طرح ٻين خوبين ۾ آقا عَلَيْهِ السَّلَام جو ڪو مٽ نہ هو اهڙي طرح جسماني طاقت ۾ بہ پاڻ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بي مثل ۽ بي مثال هئا. اچو انهيءَ باري ۾ هڪ ٻيو واقعو ٻڌون ٿا:

چٽان جو ٽٽڻ

مشهور صحابي رسول حَضرتِ سَيدُنا جَابِر رَضِيَ اللهُ عَنْه بَيان ڪن ٿا تہ (غَزوَه خَندق جي موقع تي) خَندق (کاهي) کوٽڻ مهل اوچتو هڪ اهڙي چَٽان ظاهر ٿئي جيڪا ڪنهن کان بہ نہ ڀڃي ٽُٽي. جڏهن اسان بارگاهِ رِسَالَت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ اها ڳالهہ عَرض ڪئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُٿيا، ٽن ڏينهن جي بُک هئي ۽ پيٽ مُبارَڪ تي پٿر ٻڌل هو، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي مُبارَڪ هٿ سان پاهوڙو هنيو تہ اها چٽان واريءَ جي ذرڙن وانگر پورا پورا ٿي وئي. (بخاري،ڪتاب المغازي،باب غزوة الخندق، الحديث :۴۱۰۱، ۵۱/۳) هڪ ٻي رِوَايت ۾ هيئن بہ آيو آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان چٽان تي ٽي ڀيرا پاهوڙو هنيو، هر ڌڪ تي ان مان هڪ روشني نڪرندي هئي ۽ ان روشني ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شام ۽ اِيران ۽ يمَن جي شهرن کي ڏسي ورتائون ۽ انهن ٽنهي مُلڪن جي فَتح ٿيڻ جي صَحَابَہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي بِشَارَت ڏنائون.
(المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني،باب غزوة الخندق...الخ، ۳۱/۳)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ ٻي روايت ۾ هي بہ آهي تہ حَضرت سَيدُنا جَابِر رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا تہ مسلسل بُک سبب نبي اڪرم، رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شڪمِ اَقدَس (پيٽ مبارڪ) تي پٿر ٻڌل ڏسي منهنجي دل ڀرجي آئي، مان حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان اِجازَت وٺي پنهنجي گهر موٽيس ۽ پنهنجي گهرواريءَ کي چيم تہ مون نبي اَڪرَم، نُورِ مُجَسّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ايتري قَدر شديد بک جي حالت ۾ ڏٺو آهي جو مون ۾ صَبر جي تاب ناهي رهي. ڇا گهر ۾ ڪجهہ کاڌو آهي؟ هو چوڻ لڳي تہ گهر ۾ هڪ صَاع (تقريباً چار ڪلو) جَوَن جي علاوه ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، مون چيو تہ تون جلدي سان انهن جَوَن کي

پيهي ڳوهي وٺ، پوءِ مون پنهنجي گهر جي سانديل هڪ ٻڪري جو ٻچو ذبح ڪري ان جون ٻوٽيون ناهيون ۽ گهرواريءَ کي چيم ته جَلد کان جَلد ٻوڙ ۽ مانيون تَيار ڪري وٺ، مان حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سڏي اچان ٿو، وڃڻ مهل گهرواري چوڻ لڳي: ڏسو! آقا عَلَيهِ الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام جي عِلاوه صِرف ڪجهه ئي اَصحاب کي گڏ آڻجو، چوته کاڌو گهٽ آهي، وڏيڪ ماڻهو آڻي مون کي رُسوا (Disgrace) نه ڪجان.

حَضرت سيدنا جابر رَضِیَ اللهُ عَنْه خَندق وٽ اچي آهسته سان عَرض ڪيو: يارَسُولَ الله! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ صاع اٽي جون مانيون ۽ هڪ ٻڪري جي ٻچي جو گوشت مون گهر ۾ تيار ڪرايو آهي، تنهنڪري اوهان ڪجهه ماڻهن سان گڏ هلو ۽ ماني ڪائي وٺو، اهو ٻڌي حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته اي خَندق وارو! جابر دَعوتِ طَعام (کاڌي جي دعوت) ڏني آهي، تنهنڪري سيئي ماڻهو ان جي گهر هلي کاڌو کائي وٺو، پوءِ مون کي فرمايائين ته جيستائين مان نه اچان مانيون نه پچائجان، پوءِ جڏهن حُضُورصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تَشريف فرما ٿيا ته ڳوهيل اٽي ۾ پنهنجو لُعابِ دَهن (مبارڪ ٿُڪ) وجهي بَرَڪت جي دُعا ڪئي ۽ گوشت جي ديڳڙيءَ ۾ به پنهنجو لُعابِ دَهن وڌائون. پوءِ ماني پچائڻ جو حڪم ڏنائون ۽ فرمايائون ته ديڳڙي چُلهه تان لاٿي نه وڃي. جڏهن مانيون پچي ويون ته حَضرتِ سَيدُنا جابر رَضِیَ اللهُ عَنْه جي گهرواريءَ ديڳڙي مان گوشت ڪڍي ڏيڻ شُروع ڪيو، هڪ هزار صَحَابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ڍئو ڪري کاڌو پر ڳوهيل اٽو اوتري جو اوترو ئي رهجي ويو ۽ ديڳڙي به چُلهي تي ٽهڪندي رهي.

(بخاري،كتاب المغا زي، باب غزوة الخندق. ..الخ ،۵۱/۳ حديث:۴۱۰۲،۴۱۰۱ ملخصا)

حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا ته پوءِ نبي ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هڪ ٿانوَ جي وچ ۾ هڏين کي جمع ڪيو ۽ انهن جي مٿان پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ڪجهه ڪلام پڙهيائون جنهن کي مون نه ٻُڌو، هينئر جنهن جو گوشت کاڌو ويو اها ئي ٻڪري هڪدم ڪن ڇنڊيندي اٿي بيٺي! پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو پنهنجي ٻڪري کاهي وڃو! مان ٻڪري پنهنجي گهرواريءَ وٽ

آندي. هوءَ (حيرت مان) چوڻ لڳي، هي ڇا؟ مون چيو، وَاللّٰه! هيءَ اسان جي اها ئي ٻڪري آهي جنهن کي اسان ذبح ڪيو هو. **دعاءِ مصطفيٰ** صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **سان الله** تعاليٰ هن کي زنده ڪيو آهي! اهو ٻُڌي سندن گهرواري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا **بي اختيار** چوڻ لڳي، مان گواهي ٿي ڏيان ته بيشڪ اهي **الله** پاڪ جا رسول صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **آهن.** (الخصائصُ الکبرٰي، ٢/ ١١٢)

مردوں کو جِلاتے ہیں رَوتوں کو ہنساتے ہیں آلام مٹاتے ہیں بگڑی کو بناتے ہیں
سرکار کھلاتے ہیں سرکار پلاتے ہیں سلطان و گدا سب کو سرکار نبھاتے ہیں

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! هن واقعي مان اسان کي ڪيئي درس ملن ٿا، غور ڪريون ته هڪ ڇٽان جيڪا ڪيئي صحابہ ڪرام گڏجي ٻه ٽوڙي نه سگهيا آقا ڪريم، رسولِ عظيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ باوجود ان جي جو ڪيئي ڏينهن کان بکايل هئا، ڪجهه نه کاڌو هو. پيٽ مبارڪ تي پٿر ٻڌل هئا پر پوءِ ٻه جڏهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي دَستِ مُبارَڪ سان هڪ ئي پاهوڙو هنيو ته اها سڄي ڇٽان واريءَ جي ذرڙن وانگر پورا پورا ٿي وئي. هن مان معلوم ٿيو ته مديني جا سلطان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هرگز اسان جهڙا نه آهن. حضور جهڙو نه ڪو ٻيو ٿيو آهي ۽ نه ٿي سگهي ٿو. اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرتِ جبريل امين عَلَيه السّلَام جي ترجماني ڪندي ڇا خوب فرمائن ٿا:

یہی بولے سدرہ والے چمنِ جہاں کے تھالے
سبھی میں نے چھان ڈالے ترے پایہ کا نہ پایا
تجھے یک نے یک بنایا

(حدائقِ بخشش،ص٣٦٣)

اي عاشقانِ رسول! حضرت جابر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جي واقعي تي غور ڪريو! اسان جو معاملو اهو آهي ته جيڪڏهن اسان وٽ کاڌو گهٽ هجي ۽ کائڻ وارا ماڻهو

گهڻا ٿي وڃن ته ڪاڏي جي مقدار وڌائڻ ڪان علاوه ٻيو ڪو چارو ناهي هوندو، تقريبًا چار ڪلو اٽو ۽ ٻڪري جو ٻچو چاهي ڪيترو به صحت مند هجي مشڪل سان پنجاهه سٺ ماڻهن جي پيٽ پري ڪائڻ جو سامان بڻجي سگهي ٿو. پر نبي رحمت، شفيع امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لعابِ دهن جي برڪت سان ايترو ڪاڌو نه صرف صحابه ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جي مڪمل جماعت ڪي پورو ٿي ويو بلڪ جيترو پچايو هو اوترو ئي باقي بچيل رهيو. ۽ پوءِ ٻڪري جي بچيل هڏين تي ڪجهه پڙهيائون ته اها گوشت ۽ کل سميت پهريان جهڙي ٻڪري ٿي ڪن ڇنڊيندي بيهي رهي، اها حڪايت سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڪيئي ڪمالات جي جامع آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مسجد درس"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هن دور ۾ دعوتِ اسلامي جي مدني تحريڪ عشقِ رسول ۽ محبتِ رسول جا جام ڀري ڀري پيئاريندي آهي، اوهان به هن مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ شرڪت ڪرڻ وارا بڻجي وڃو. اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه روزانو گهٽ مان گهٽ 2 ڪلاڪ مدني ڪمن جي لاءِ ڏيڻ جي ترغيب اِرشاد فرمائي آهي. يقيناً جيڪو جيترو وڌيڪ وقت ڏيندو، اِنْ شَآءَ الله ان جي لاءِ ثواب ڪمائڻ جا موقعا به ايتري قدر گهڻا هوندا. اِنْ شَآءَ الله

ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم "مسجد درس" به آهي. ❖ "مسجد درس" سان مسجدون آباد ٿين ٿيون. ❖ "مسجد درس" سان انفرادي ڪوشش ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ❖ "مسجد درس" سان نمازين جي تعداد ۾ اضافو ٿيندو آهي. ❖ "مسجد درس" جي برڪت سان ڀلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جو موقعو ملندو آهي. ڀلائي جون ڳالهيون سکڻ سيکارڻ جي ته ڇا ڳالهه ڪجي، جيئن

منقول آهي تہ اللہ ڪريم حضرتِ سَيِدُنا مُوسيٰ عَلَيہ السَّلام ڏانهن وَحي فرمائي: ڀلائي جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ٻين کي بہ سيکاريو، مان ڀلائي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن جي قبرن کي روشن فرمائيندس تہ جيئن انهن کي ڪنهن قسم جي وَحشت نہ ٿئي. (حِليۃُ الاَولِياء،٦/٥،حديث:٧٦٢٢) بيان ڪيل روايت مان معلوم ٿيو تہ سٺين سٺين نيتن سان سُنَّتن ڀريو بيان ڪرڻ يا درس ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارن جا ڀاڳ کلي پوندا آهن، اِنْ شَآءَاللہ اُنهن جون قبرون اَندر کان جڳمڳ جڳمڳ ڪري رهيون هونديون ۽ انهن کي ڪنهن قسم جو خوف محسوس نہ ٿيندو. اچو! ترغيب لاءِ "مسجد درس" جي هڪ مدني بهار ٻڌون تاڪ جيئن

مدني بهار

تعلقو پلوال (پنجاب، پاڪستان) جو رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان بدمذهبيت جي تاريڪ وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هو، بدمذهبن جي صحبت جي نحوست جو رنگ ايتري قدر غالب هو جو دعوتِ اسلامي جي نالي سان بہ چِڙ هئي، ان جا ڏينهن رات انهيءَ بغض و عناد ۾ گذري رهيا هئا، هڪ ڏينهن هو پنهنجي پاڙي جي مسجد ۾ مغرب نماز جي ادائيگي جي لاءِ ويو، نماز کان پوءِ مسجد ۾ درس (درسِ فيضانِ سُنّت) ٿي رهيو هو، ان جي خوش قسمتي جو هو درس ۾ شريڪ ٿي ويو. ان کان پوءِ ان اسلامي ڀاءُ سان جهيڙي واري انداز ۾ بحث مباحثو شروع ڪيائين پر هو اسلامي ڀاءُ گهڻي پياري انداز ۾ دعوتِ اسلامي جي ماحول جون برڪتون ٻڌائڻ سان گڏوگڏ سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جو ذهن بہ ڏيندا رهيا، اللہ ڪريم جي فضل و ڪرم سان هو هفتيوار سُنتن ڀري اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويو، سُنتن ڀري اجتماع ۾ مبلغ دعوتِ اسلامي جو بيان پوءِ ذِڪرُ اللہ ۽ آخر ۾ رقت انگيز دعا تہ ان جي دل جي دنيا ئي بدلي ڇڏي. اَلْحَمْدُلِلّٰہ! ان سچي دل سان توبہ ڪئي ۽ سُنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ماحول سان وابستہ ٿي ويو.

ہے تجھ سے دعا ربِّ اکبر! مقبول ہو"فیضانِ سُنّت"   مسجد مسجد گھر گھر پڑھ کر،اسلامی بھائی سناتا رہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان آقا عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **جي جسماني طاقت جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين. يقيناً الله کريم پنهنجي پياري محبوب** عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **کي بي مثال طاقت عطا فرمائي هئي جنهن جو ڪائنات ۾ ڪو مثال نٿو ملي، اهو ئي سبب هو جو وڏي ڪان وڏو پهلوان پاڻ** عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام **ڪان مقابلي جي سگهہ نہ رکندو هو، اچو هن باري ۾ ٻہ واقعا ٻڌون ٿا:**

يزيد بن رُڪانہ سان مقابلو

(1) بيان جي شروع ۾ اسان رُڪانہ پهلوان جو واقعو ٻڌو هو- ان جو هڪ پٽ هو جنهن جو نالو يزيد هو، هو بہ ناليوارو پهلوان هو- هڪ ڀيري هو ٽي سؤ ٻڪريون ڪاهي بارگاهِ نبوت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين تہ اي محمد!(صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ**) اوهان مون سان ڪُشتي وڙهو- رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **فرمايائون تہ جيڪڏهن مان توکي ڪيرائي وڌو تہ تون مون کي ڪيتريون ٻڪريون انعام ۾ ڏيندين؟ ان چيو تہ هڪ سؤ ٻڪريون مان اوهان کي ڏيندس- حضور** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تيار ٿي ويا ۽ ان سان هٿ ملائيندي ئي ان کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيو ۽ هو حيرت وچان پاڻ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو منهن ڏسڻ لڳو ۽ واعدي جي مطابق هڪ سو ٻڪريون ان پاڻ ڪريمن** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي ڏئي ڇڏيون- وري ٻيهر ان ڪُشتي وڙهڻ جي لاءِ چيلنج ڏنو- رسول الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ٻئين ڀيري بہ ان کي هارائي ڇڏيو- ان وري هڪ سؤ ٻڪريون پاڻ سڳورن** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **کي ڏنيون- وري ٽئين ڀيري ان ڪشتيءَ جي لاءِ للڪاريو- پاڻ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ان جو چيلنج قبول فرمائي ورتو ۽ ڪُشتي وڙهي ان کي ايترو زور سان زمين تي هنيو جو هو پنيءَ ڀر وڃي ڪريو- ان باقي هڪ سؤ ٻڪرين کي بہ پاڻ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏيو- پر چوڻ لڳو تہ اي محمد! سڄو عرب شاهد**

آهي تہ اڄ تائين ڪو پھلوان مون کي ناهي هارائي سگھيو پر اوهان ٿي پيرا مونکي جھڙي نموني ڪُشتيءَ ۾ هارايو آهي هن سان منهنجي دل مڃي وئي آهي تہ يقيناً اوهان خدا جا نبي آهيو، اهو چيائين ۽ ڪلمو پڙهي دامنِ اسلام ۾ اچي ويو- حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ان جي مسلمان ٿيڻ سان بيحد خوش ٿيا ۽ ان جون ٽي سؤ ٻڪريون واپس موٽائي ڏنيون- (زرقاني علي المواهب،الفصل الثاني فيما اکرمه الله ...الخ ،۱۰۳/٦)

حُسن ہے بے مِثْل صورت لاجواب میں فدا تم آپ ہو اپنا جواب

ہیں دعائیں سنگِ دشمن کا عوض اس قدر نرم ایسے پتھر کا جواب

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان معلوم ٿئي ٿو تہ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم **پنهنجي نگاهِ مصطفيٰ** سان ڄاڻي ورتو هو تہ جيڪڏهن يزيد بن رُڪانہ سان اهڙو سلوڪ ڪيو ويندو تہ اهو ايمان آڻيندو، انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم انهن سان مقابلو فرمايو ۽ بعد ۾ سموريون ٻڪريون تحفي طور واپس ڪري ڇڏيون. انهيءَ حسن سلوڪ جي بدولت اهو ايمان ڪٺي آيو. بهرحال اهي واقعا تربيت جي زماني جا آهن، اسان انهن کي دليل طور نٿا پيش ڪري سگھون. هاڻي اسان کي هرحال ۾ هر ان ڪم کان بچڻو آهي جنهن کان شريعت منع ڪري ٿي.

جُوا جي تعريف ۽ ان جون ڪجھ صورتون:

افسوس! صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلھ مسلمانن ۾ جيڪي حرام ڪم تيزي سان ڦھلجي رهيا آهن، انهن مان هڪ جوا بہ آهي. جوا جون ڪجھ اهڙيون بہ صورتون آهن جو ماڻهو لاعلمي جي ڪري انهن ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. جوا چوندا ڪنهن آهن؟ پهريان اهو بہ ٻڌي وٺو: هر اها راند جنهن ۾ اها شرط هجي تہ مغلوب(يعني ناڪام ٿيڻ واري) جي ڪاشيءِ غالب(يعني ڪامياب ٿيڻ واري) کي ڏني وڃي اها "قِمار" (يعني جوا) آهي. (التّعريفات ص ۱۲٦)

ياد رکو! جوا حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. اڄ معاشري ۾ ڪيئي طرح سان جوا جون صورتون رائج آهن. جيئن موبائل تي مختلف سوالن تي مشتمل ميسيج موڪليا ويندا آهن، جنهن ۾ مثلاً ڪهڙي ٽيم ميچ کٽيندي؟ يا پاڪستان ڪهڙي ڏينهن ٺهيو هو؟ صحيح جواب ڏيڻ وارن لاءِ مختلف انعام رکيا ويندا آهن، شرڪت ڪرڻ وارن جي”موبائل بيلنس“ مان ڪجھ رقم مثلاً 10 روپيه ڪٽي ويندي آهي، جن جو انعام ناهي نڪرندو انهن جي رقم ضايع ٿي ويندي آهي، اها به جوا آهي جيڪو حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. انهيءَ طرح اسان وٽ هتي مختلف رانديون مثال طور گهوڙا ڊوڙائڻ، ڪرڪيٽ، ڪيرم، بِليرڊ، تاس، شطرنج، وغيره ۾ ڏرين وچ ۾ شرط لڳائي ڪيڏيون وينديون آهن ته هارڻ وارو کٽڻ واري کي ايتري يا فلاڻي شيءِ ڏيندو(يا کاڌو کارائيندو وغيره) هي به جوا آهي ۽ ناجائز ۽ حرام آهي. ڪيرم ۽ بليرڊ ڪلب وغيره ڪيڏندي وقت عام طور اها شرط لڳائي ويندي آهي ته ڪلب جي مالڪ جي فيس هارڻ وارو ادا ڪندو، اها به جوا آهي. ڪجھ”نادان“ گهرن ۾ مختلف راندين مثلاً تاس يا چڪي راند تي به ڏريون شرط لڳائي ڪيڏنديون آهن ۽ علم جي ڪمي جي سبب هن ۾ ڪو حرج ناهن سمجهندا، اهي به سنيلجي وجن ته اها به جوا آهي ۽ جوا حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. جيڪڏهن ڪو ان ۾ مبتلا ٿيو هجي ته ان کان فوراً توبه ڪرڻ گهرجي ۽ جوا جي ذريعي حاصل ڪيل رقم کي ڪهڙي طرح واپس ڪرڻو آهي. هن بابت مفتيانِ ڪرام سان رهنمائي ورتي وڃي. الله پاڪ اسان کي هر طرح جي گناهن کان محفوظ فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ابوالاسود سان مقابلو

(2) اهڙي طرح اَبُوالْاَسوَد جُمَحِي به وڏو طاقتور پهلوان هو، ان جي باري ۾ اچي ٿو ته هو ايترو طاقتور هو جو هڪ چمڙي تي ويهي رهندو هو ۽ ڏھ

پهلوان ان چمڙي کي ڇڪيندا هئا ته جيئن هو چمڙو ان جي هيٺان نڪري وڃي پر اهو چمڙو ڦاٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃڻ جي باوجود ان جي هيٺان نه نڪرندو هو. هڪ ڀيري ان به بارگاهِ اقدس ۾ اچي اهو چيلنج ڪيو ته جيڪڏهن رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي ڪشتيءَ ۾ ڪيرائي وڌو ته مان مسلمان ٿي ويندس. حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کان ڪُشتي وڙهڻ جي لاءِ اٿي بيٺا ۽ ان جو هٿ پڪڙيندي ئي ان کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيو. هو پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هن طاقتِ نبوت سان حيران ٿي يڪدم مسلمان ٿي ويو.

(زرقاني علي المواهب،الفصل الثاني فيما اکرمه الله ...الخ ،١٠٣/٦)

مجھ سے بے کس کی دولت پہ لاکھوں درود مجھ سے بے بس کی قُوّت پہ لاکھوں سلام

جس کو بارِ دو عالم کی پروا نہیں ایسے بازو کی ہمّت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش، ص٢٩٧-٣٠٣)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! الله پاڪ پنهنجي محبوب عَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلام کي ڪيتري جسماني طاقت عطا فرمائي هئي. ياد رکو! شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن به پيٽ ڀري کاڌو نه کاڌائون ۽ نه ئي پاڻ پهلواني ڏانهن متوجه ٿيا هئا، ان جي باوجود به ايتري قدر طاقت ۽ توانائي جو سندن کان ظاهر ٿيڻ اهو سندن جو معجزو به آهي. ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي قلبِ اطهر جي طاقت ۽ قوت ته قرآنِ پاڪ مان به ظاهر آهي. سيپاري28 سورة الحشر آيت نمبر21 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰی جَبَلٍ لَّرَاَیْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْیَةِ اللّٰهِ ؕ

ترجمو: جيڪڏهن اسان هي قرآن ڪنهن جبل تي لاهيون ها ته ضرور تون ان کي جهڪيل، الله جي خوف کان ذرا ذرا ڏسين ها

(پ٢٨، الحشر :٢١)

تفسيرِ صراط الجنان ۾ هن آيت ڪريمہ جي حوالي سان لکيل آهي: يعني قرآن ڪريم جي عظمت ۽ شان اهڙي آهي تہ جيڪڏهن ان کي ڪنهن جبل تي لاهي ها ۽ ان کي انسان جهڙي سمجهہ عطا فرمائي ها تہ انتهائي سخت ۽ مضبوط هئڻ جي باوجود توهان ان کي ضرور جهڪيل ۽ اللّٰہ پاڪ جي خوف سبب ريزا ريزا ٿيندي ڏسو ها. (مدارک، الحشر، تحت الآیۃ: ۲۱، ص۱۲۲۸، خازن، الحشر، تحت الآیۃ: ۲۱، ۲۵۳/۴، ملتقطاً) هن آيتِ مبارڪہ مان اشاري طور معلوم ٿيو تہ حضور انور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو قلب شريف جبل کان بہ وڏيڪ طاقتور ۽ مضبوط آهي ڇوتہ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي اللّٰہ پاڪ جو خوف ۽ اسرارِ اِلاهي سان واقفيت ڪامل طريقي سان حاصل ٿيڻ جي باوجود حضور پنهنجي مقام تي قائم آهن.

ياد رهي تہ هتي آيتِ ڪريمہ ۾ قرآن ڪريم مان مراد اللّٰہ پاڪ جو ڪلام آهي ۽ لاهڻ مان مراد هن ڪلام کي ان جي عظمت جي ظهور سان لاهڻ مراد آهي يعني جيڪڏهن اسان قرآنِ ڪريم کي ان جي عظمت ظاهر ڪندي جبل تي لاهيون ها تہ ان جي تجلين کي سهي نہ سگهي ها ۽ ڦاٽي پوي ها. (صراط الجنان،پ ۲۸،الحشر،تحت الآیۃ :۱۰،۲۱/۹۳ ملخصاً)

چاند اشارے کا ہِلا حکم کا باندھا سورج واہ کیا بات شہا تیری توانائی کی

(حدائقِ بخشش، ص۱۵۴)

شعر جي وضاحت: يعي سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اشاري سان چنڊ جا بہ ٽڪڙا ٿي پيا ۽ سج واپس عصر جي وقت تي اچي ويو. اهڙا اهڙا ڪمالات ڏسي چوڻو پوندو تہ آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي طاقت ۽ توانائي جي ڇا ڳالهہ ڪجي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

شعبہ اَئِمّہ مساجد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪين جو وڏيڪ شوق ماڻڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي پياري تحريڪ دعوتِ اسلامي

سان وابستہ ٿي وڃو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! دعوتِ اسلامي ڪم و بيش 107 شعبن ۾ دين متين جي خدمت ۾ مصروف عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو ”مجلس آئِمَّہ مساجد“ بہ آهي، جيڪو مَسجدن جي آبادڪاري جي لاءِ آئمَّہ (امامن) خطيبن ۽ مُؤذِّنن جي تَقرُّرِي جو ڪم سَراَنجام ڏيندي آهي ۽ انهن جي خَيرخَواهي ڪندي مناسب مُشاهرو (پگهار) بہ مُقَرَّر ڪندي آهي، تہ جيئن هي اسلامي ڀائر مُعاشي پريشانين مان آزاد ٿي خُوب خُوب نيڪي جي دعوت عام ڪندا رهن. مَسجدن کي آباد ڪرڻ ۾ امامن ۽ مُؤذّنن جو اَهمّ ڪردار هوندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سَان وابستہ امام سڳورا، صداءِ مدينہ، اِنفِرادي ڪوشش جي ذَريعي باجماعت نماز جي رَغبت، مَدَني درس، چوڪ درس، بعد نمازِ فَجر تفسيرِ قرآن جي حلقي ۾ شِرڪت ڪرڻ ڪرائڻ، ۽ سُنَّتن جي تربِيت جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني قافِلن جي بَرڪت سان مَسجدن کي آباد رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: جيڪو مسجد سان اُلفت (محبت) رکندو آهي، اللّٰہ ان سان مَحَبَّت ڪندو آهي. (مُعْجَمْ اَوْسَط، ۴/۴۰۰،حديث: ۶۳۸۳) حضرت علّامہ عبد الرّؤف مَنَاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه لکن ٿا: مسجد سان اُلفت، رِضاءِ الٰهي جي لاءِ ان ۾ اعتڪاف، نماز، ذِڪرُ اللّٰہ ۽ شَرعي مَسئلا سکڻ سيکارڻ جي لاءِ وينو رهڻ جي عادت بنائڻ آهي ۽ اللّٰہ پاڪ جو ان ٻانهي سان مَحَبَّت ڪرڻ هن طرح آهي جو اللّٰہ پاڪ ان کي پنهنجي رَحمت ڀري ڇانوَ ۾ جڳهہ عطا فرمائيندو آهي ۽ ان کي پنهنجي حِفاظت ۾ داخل فرمائيندو آهي. (فيض القدير، ۱۱۲/۶، تحت الحديث:۸۵۲۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون

سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

اچو! شيخ طريقت،امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101مدني گل“ مان سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب

◈ سمهڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو ته جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيءِ وغيره هجي ته نڪري وڃي ◈ سمهڻ کان اڳ هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا **ترجمو: اي الله! مان تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيان ٿو (يعني سمهان ٿو ۽ جاڳان ٿو)** (بخاري، حديث 6325 ج 4 ص 196) ◈ **عصر کان پوءِ نه سمهو عقل ختم ٿيڻ جو ڊپ آهي. فرمان مصطفي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ: ”جيڪو شخص عصر کان پوءِ ستو ان جو عقل ختم ٿي ويو ته پاڻ کي ملامت ڪري.“ (مسند ابي يعلىٰ ج 4 ص 278 حديث 4897) ◈ منجهند جو قيلولو (ڪجھ دير ليٽڻ) مستحب آهي. (فتاوىٰ هندية،٣٧٦/٥) ◈ صدرُالشَّريعه، بدرُالطريقه حضرت علامه مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: غالباً هي انهن ماڻهن جي لاءِ هوندو آهي جيڪي رات جو جاڳندا آهن، رات جو نمازون پڙهندا آهن، ذِڪر اِلٰهي ڪندا ۽ ڪتاب پڙهڻ يا مطالعو ڪرڻ ۾ مشغول رهندا آهن ته جيئن رات جو جاڳڻ ۾ جيڪا ٿڪاوٽ ٿي سا قيلولي سان ختم ٿي وڃي. (بهارشريعت ج 3 ص 435)◈ ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروھ آهي. (عالمگيري ج 5 ص 376) ◈ سمهڻ لاءِ مستحب اهو آهي ته پاڪائي سان سمهي ۽ ◈ ڪجھ دير ساڄي پاسي هٿ ڳل جي هيٺان رکي قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي ۽ ان کان پوءِ کاٻي پاسي سمهي. (ايضا) ◈ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري ته اُتي اڪيلو سمهڻو پوندو عملن کان سواءِ ڪير به گڏ نه هوندو ◈ سمهڻ وقت يادِ خدا ۾ مشغول هجي، تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهي. (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ، سُبْحٰنَ الله ، ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه جو وِرد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي پوي انسان جنهن

---

[1] ...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو. (ايضا) ◈ جاڳڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو: اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ الَّذِیۡٓ اَحۡیَانَا بَعۡدَ مَآ اَمَا تَنَا وَاِلَیہِ النُّشُوۡرُ. (بخاري،١٩٦/٤،حديث: ٦٣٢٥) **ترجمو:** **سڀ تعريفون اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن موٽي وڃڻو آهي. ◈ انهي وقت پڪو ارادو ڪري ته پرهيزگاري ۽ تقويٰ اختيار ڪندو، ڪنهن کي به نه ستائيندو. (فتاويٰ هندية،٣٧٦/٥)، ◈ جڏهن ڇوڪري يا ڇوڪريءَ جي ڄمار ڏهه سال ٿئي ته انهن کي الڳ الڳ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان ڄمار جو ڇوڪرو ايڏي وڏي (يعني پاڻ جيڏن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ نه سمهي. (درمختار و رد المحتار ج 9 ص 629) ◈ زال مڙس جڏهن کٽ تي گڏ سمهن ته ڏهه سال جي ٻار کي پاڻ سان گڏ نه سمهارين، ڇوڪرو جڏهن حدِ شهوت کي پهچي ته اُهو مرد جي حڪم ۾ آهي. (درمختار ج 9 ص 630) ◈ ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏندڻ ڪريو ◈ رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿي تهجُّد ادا ڪريو ته وڏي سعادت آهي. سرڪار مدينه راحت قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ”فرضن کان بعد افضل نماز رات جي نماز آهي.“ (مُسلِم،ص ٥٩١ حديث: ١١٦٣)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں اور آداب**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

﴿1﴾ جمع جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ لاهي رهيا آهن، (1)

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو : جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (2)

(3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

1...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

(4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

(5)قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

(6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

1...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

3...القول البديع،الباب الاول،ص125

4... الترغيب والترہيب،کتاب الذکر و الدعاء،۳۲۹/۲،حدیث:۳۰

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف ڪي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن [1]

(1) ڇڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا ڪي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان ڇڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[2]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2... تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:۴۴١۵

22 آڪٽوبر2020 تي پاڪستان جي هفته وار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

شانِ مصطفٰي ﷺ

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

- ❖ وڏن جو حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هلڻ
- ❖ شانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ
- ❖ عزت ۽ ڪرامت جا سڀ کان وڏيڪ اسباب
- ❖ جنت ۽ دوزخ جون چاٻيون هٿ مبارڪ ۾ ڏنيون ويون
- ❖ شفاعت حاصل ڪرڻ جو بهترين ذريعو
- ❖ جنهن پاسي اشارو ڪندا هئا چنڊ ان پاسي جهڪي ويندو هو

پيشڪش

مجلس المدينة العلميہ

شعبہ بيانات دعوت اسلامي

ترجمو ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ(دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

شانِ مصطفٰي ﷺ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا رَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصْحٰبِکَ یَا حَبِیْبَ اللہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا نَبِیَّ اللہ وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصْحٰبِکَ یَا نُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).**

دُرُود شريف جي فضيلت

حضرتِ سَيِّدُنا اِمام سخاوِي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ **نقل فرمائن ٿا: نور واري آقا، مکي مدني مصطفٰي** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايو:** ”مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ صَلَاۃً وَاحِدَۃً صَلَّی اللہ عَلَیہ عَشْرًا“ **جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان تي ڏھ (10) رَحمتون نازِل**

فرمائيندو آهي وَمَنْ صَلَّى عَلَيَّ عَشْراً صَلَّى الله عَلَيه مِاءَةً ۽ جيڪو مون تي ڏهه (10) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ ان تي سو (100) رحمتون نازل ڪندو آهي، وَمَنْ صَلَّى عَلَيَّ مِاءَةً كَتَبَ الله لَه بَيْنَ عَيْنَيه بَرَاءَ ةً مِّنَ النِّفَاقِ وَبَرَاءَ ةً مِّنَ النَّار ۽ جيڪو مون تي سو (100) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکندو آهي تہ هي نِفاق ۽ جهنَّم جي باهه کان آزاد آهي وَاَسْكَنَهُ اللهُ يَوْمَ الْقِيامَةِ مَعَ الشُّهدَاء ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (القول البديع،الباب الثانی فی ثواب الصلاة علی رسول اللّٰہ...الخ،ص٢٣٣)

اے شہنشاہِ مدینہ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام — زینتِ عرشِ معلّٰی اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

مومنو پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر دُرود — ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام

میں وہ سُنّی ہوں جمیلِؔ قادری مرنے کے بعد — میرا لاشہ بھی کہے گا اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل:

5) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
6) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖

[1] ...قبالہٗ بخشش،ص164

ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڏِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ ڪان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُ الله ، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان ڪان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي اڄ جي بيان جو موضوع آهي "**شانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ" جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين ته وٽن جو حضور سان گڏ هلڻ ۽ وڻ الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ ڪيئن هلندا هئا؟ شانِ مصطفٰي، عزت ۽ ڪرامت جا سڀ ڪان وڏيڪ ڪهڙا سبب آهن؟، جنت و دوزخ جي چاٻين جو مالڪ ڪير آهي؟، شفاعت ماڻڻ جو بهترين ذريعو ڪهڙو آهي؟ ۽ ان ڪان علاوه عشقِ رسول سان مالا مال ڪيئي اهم مفيد ڳالهيون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. اِنْ شَآءَ الله

وہ خَتْمُ الانبیاء تشریف فرما ہونے والے ہیں ... نبی ہر ایک پہلے سے سناتا یہ خبر آیا

رَبیعِ پاک تجھ پر اہلِ سنت کیوں نہ قرباں ہوں ... کہ تیری بارہویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

چلو اے مُفلسو جو آج مانگو گے وہ پاؤ گے ... کہ صدقہ بانٹتا ارض و سَما کا تاجور آیا[1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

وٽن جو حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هلڻ

حضرت جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْه ڪان روايت آهي ته اسان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ هلياسين، ايستائين جو هڪ وسيع وادي ۾ پهتاسين. رسول الله

[1] ...قبالهٔ بخشش، ص65

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ قضاءِ حاجت جي لاءِ تشريف وٺي ويا، مان پاڻي جو ٿانءُ کڻي سندن پويان ويس، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ هيڏانهن هوڏانهن نگاهِ اقدس کنئي پر سِتر ۽ پردي جي لاءِ ڪا شيءِ نظر نہ آئي. اوچتو وادي جي ڪناري تي بہ وڻ نظر آيا. رحمت عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن اُنهن مان هڪ وٽ تشريف وٺي ويا، ان جي ٽارين مان هڪ ٽاريءَ کي پڪڙي فرمايائون: ”الله پاڪ جي حڪم سان مون سان گڏ منهنجي اطاعت ۾ هل“ اهو وڻ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ مٿو جهڪائي اهڙي طرح هليو جيئن ناڪيلي پاتل اُٺ پنهنجي مالڪ سان گڏ ڪنڌ جهڪائي هلندو آهي، ايستائين جو پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ٻي وڻ وٽ تشريف وٺي ويا ۽ ان جي ٽاري پڪڙي فرمايائون: ”الله پاڪ جي حڪم سان منهنجي پيروي ڪر ۽ منهنجي پويان هل“ اهو وڻ بہ پهرئين وڻ جيان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي پويان هلڻ لڳو ايستائين جو ٻئي ويجهو ٿي ويا ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي وچ ۾ ويهي رهيا ۽ حڪم ڏنائون، الله پاڪ جي حڪم سان مون لاءِ گڏجي اوٽ ٿاهيو، اهي ٻئي وڻ گڏجي ويا.

حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مان ڊوڙندي اتان نڪتس تہ جيئن ڪٿي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ منهنجي ويجهو هئڻ جو احساس ڪندي اجان پري وڃڻ جي تڪليف نہ ڪن. مان پري وڃي ويهي رهيس ۽ ڪنهن خيال ۾ گم ٿي ويس. اوچتو ڏٺم تہ محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ اچي رهيا آهن ۽ اهي ٻئي وڻ جدا ٿي پنهنجي هنڌ هليا ويا. (الوفا، ابن جوزی، مترجم، ص۳۴۴، لاہور)

اپنے مولیٰ کی ہے بس شان عظیم جانور بھی کریں جن کی تعظیم
سنگ کرتے ہیں ادب سے تسلیم پیڑ سجدے میں گرا کرتے ہیں [1]

[1] ۰۰۰ حدائق بخشش ص۱۱۲

شعر جي مختصر وضاحت: الله پاڪ جي آخري نبي، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان تہ ڏسو جو جانور بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ڪن ٿا، پٿر نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو اِحترام ڪندي دُرود و سلام پڙهن ٿا ۽ وڻ سندن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿي سجدو ڪن ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

شانِ مصطفٰي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا، اسان جي مولا، اسان جي رهبر، شفيعِ محشر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مقام ۽ رُتبو سيني نبين کان افضل ۽ سڀ کان اعليٰ آهي، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي! پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان اهو آهي جو سندن ذات تڏهن کان آهي جڏهن زمين ۽ آسمان بہ نہ هئا ۽ اهو جهان بہ نہ هو. خود فرمائن ٿا: "**سڀ کان پهريان الله پاڪ منهنجو نور پيدا فرمايو ۽ منهنجي ئي نور مان هر شيء پيدا فرمائي.**"

منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان اهو آهي جو حضرتِ جبرئيل کان پڇن ٿا: تنهنجي عمر ڪيتري آهي، عرض ڪن ٿا: چوٿين حجابِ عظمت ۾ ستر (70) هزار سالن کان پوءِ هڪ تارو اڀرندو آهي، مون ان تاري کي ٻاهتر هزار ڀيرا ڏٺو آهي، ارشاد فرمائن ٿا: اي جبرائيل اهو تارو مان ئي آهيان. اهو آهي شانِ مصطفٰي جو الله پاڪ فرمائي ٿو: اوهان نہ هجو ها تہ مان دنيا پيدا نہ ڪيان ها. اهو آهي شانِ مصطفٰي جو سمورن چڱن کان چڱي نبي، سمورن سچن کان سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نالي کي حضرتِ آدم عليه السلام پنهنجي لاءِ وسيلو بڻائن. اهو آهي شانِ مصطفٰي جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اگر مبارڪ جي اِشاري سان چنڊ جا بہ ٽڪرا ڪري ڇڏين. اهو آهي شانِ مصطفٰي جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪاني کي روشن ڪري ڇڏين ۽ صحابہ ڪرام ان جي روشني ۾ گهر

پهچي وجن. اهو آهي شانِ مصطفيٰ جو رسول اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابي رسول کي ڪاٺي عطا ڪن تہ اها تلوار جيان ڪافرن جون سسيون ڏار ڪري ڇڏي. اهو آهي شانِ مصطفيٰ جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪنهن جي لاءِ سون (Gold) حلال ڪن ۽ ڪنهن هڪ جي شاهدي ٻن شاهدن جي برابر قرار ڏئي ڇڏين. يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو شان تہ اهو آهي جو سڀ اوهان جا حاجت مند آهن ڪو بہ اوهان کان بي نياز نٿو ٿي سگهي.

سيدي اعليٰ حضرت اِمام احمد رضا خان رَحْمَۃُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا

خلیل اللہ کو حاجت رسول اللہ کی ہے　　　وہ جہنم میں گیا جو اُن سے مستغنی ہوا [1]

شعر جي مختصر وضاحت: منهنجي آقا جو شان اهو آهي تہ ڪو بہ ان کان بي نياز نٿو ٿي سگهي جيڪو بي نياز ٿيندو اهو پنهنجو نڪاڻو جهنم بڻائيندو ڇوتہ سندن جي حاجت تہ انبياء ڪرام کي پڻ آهي ۽ الله جا پيارا خليل حضرت ابراهيم بہ سندن محتاج آهن.

عزت ۽ ڪرامت جا سڀ کان وڏيڪ سبب

امام فخر الدين رازي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: غزوه بدر وغيره ۾ الله تعالٰي جي طرف کان ملائڪن جو لشڪر نازل ڪرڻ تاجدارِ عرب محبوبِ ربِّ اڪبرصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم جي لاءِ هو، نہ تہ ڪافرن کي تباهہ و برباد ڪرڻ جي لاءِ هڪ ملائڪ جو پنهنجي پر کي هِلائڻ ئي ڪافي هو. (تفسيرکبير، يس، تحت الآية: ۲۸، ۹ / ۲۶۹)

امام قرطبي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪافرن کي هلاڪ ڪرڻ جي لاءِ صرف هڪ ملائڪ ئي ڪافي آهي، جيئن حضرت لُوط عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي قوم جا شهر حضرت جبريل عَلَيه السَّلَام جي پرن مان هڪ پر سان تباهہ و برباد ڪيا ويا هئا ۽ حضرت صالح

---

[1] ... حدائق بخشش ص۱۵۲

عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي قوم ثمود جا علائقا هڪ ئي رڙ سان تباهه ڪيا ويا، پر الله پاڪ تمام انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي، ايستائين جو صاحبِ همت ۽ بُلند ارادو رکندڙن رسولن تي به هر شيءِ ۾ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فضيلت عطا فرمائي آهي ۽ الله پاڪ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڪرامت ۽ اعزاز جا اهي اسباب عطا فرمايا آهن جيڪي ڪنهن ٻئي کي عطا ناهن ڪيا، انهن مان هڪ اهو آهي ته رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ آسمان تان لشڪر نازل ڪيا ۽ آيت ۾ "وَمَآ اَنْزَلْنَا" ۽ "وَمَا كُنَّا مُنْزِلِيْنَ" فرمائي جڻ ته هن ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ڇڏيو ته اي حبيب! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ، ملائڪن جو لشڪر نازل ڪرڻ انتهائي عظمت وارو ڪم آهي جنهن جي لاءِ توهان کان علاوه ٻيو ڪو اهليت نٿو رکي ۽ اسان توهان کان سواءِ ڪنهن ٻي جي لاءِ ائين نه ڪنداسين. (تفسيرقرطبی، يس، تحت الآية: ۲۸، ۸ / ۱۸، الجزء الخامس عشر)

خدا نے اس قدر اُونچا کیا پایہ محمد کا ۔۔۔ نہ پہچانا کسی نے آج تک رُتبہ محمد کا
بحکمِ حق اترتے ہیں فرشتے خاص رحمت کے ۔۔۔ کیا کرتے ہیں جب اَہلِ سُنَن چرچا محمد کا
نہیں ہے جو غلامِ مصطفٰے بندہ ہے شیطاں کا ۔۔۔ وہی ہے بندۂ حق جو ہوا بندہ محمد کا
جمیلِ قادری ایسی سُنا، رنگیں غزل کوئی ۔۔۔ کہ بے خود ہو یہاں ہر ایک مستانہ محمد کا[1]

رسول اڪرم عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام مالڪ ۽ مختار آهن

اي عاشقانِ رَسُول! اسان جي نور واري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان ڪيترو نرالو آهي جو رب پاڪ انهن کي شرعي احڪام جو مالڪ و مختار بڻائي موڪليو جو پاڻ جنهن کي چاهين جيڪو چاهين حڪم ڏئي سگهن ٿا، جنهن جي لاءِ جيڪو چاهين جائز يا ناجائز ڪري سگهن ٿا، سيپاري

[1] … قبالۂ بخشش ،ص۵۰تا۵۳

22 سورۃُ الاحزاب آيت نمبر 36 ۾ اِرشاد آهي:

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا ؕ﴿۳۶﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪنهن بہ مسلمان مرد ۽ مسلمان عورت کي حق نہ ٿو پهچي جو جڏهن الله ۽ رسول ڪجهہ حڪم فرمائن پوءِ بہ انهن کي پنهنجي معاملي جو ڪو اختيار رهي ۽ جيڪو حڪم نہ مڃي الله ۽ ان جي رسول جو بيشڪ اهو پٽڪي ويو ڪليل پٽڪڻ.

تفسير صِراطُ الجنان جلد 8 ۾ آهي: هن آيت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضور پُرنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي عطا سان شرعي اَحڪام ۾ خود مختار آهن. پاڻ جنهن کي جيڪو چاهين حڪم ڏئي سگهن ٿا، جنهن جي لاءِ جيڪا شيءِ چاهين جائز يا ناجائز ڪري سگهن ٿا ۽ جنهن کي جنهن حڪم مان چاهين جدا ڪري سگهن ٿا. (تفسير صراط الجنان، پ۲۲،الاحزاب، تحت الآية:۳۶، ۳۵/۸) حضرتِ سَيِدُنا داؤد عَلٰى نَبِيِّنا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي نازل ٿيندڙ مُقَدَّس ڪتاب ”زَبور شريف“ ۾ آهي: اَحمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڀني زمين ۽ تمام اُمتن جي گردنن جو مالڪ ٿيو. (فتاوىٰ رضويه،۳۰/۴۴۵)

اللہ اللہ! شَہِ کونین جَلالت تیری
فرش کیا عرش پہ جاری ہے حکومت تیری[1]

آقا جي آمد مرحبا — داتا جي آمد مرحبا
مولِي جي آمد مرحبا — اَولِي جي آمد مرحبا
اعلي جي آمد مرحبا — والا جي آمد مرحبا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... ذوقِ نعت، ص۲۴۷۔

جنَّت ۽ دوزخ جون چاٻيون هٿ مُبارڪ ۾ ڏنيون ويون

مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجو مالڪ نہ ڄاڻي سنت جي مٺاس کان محروم رهي، تمام زمين ان جي مِلڪ آهي، تمام جنت ان جي جاگير آهي، مَلَكُوْتُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْض (يعني آسمان ۽ زمين جون سڀئي سلطنتون) حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي فرمان هيٺان(يعني حڪم مڃيندڙ آهن)، جنت ۽ دوزخ جون ڪنجيون دستِ اقدس (يعني هٿ مبارڪ) ۾ ڏنيون ويون، رزق و خير ۽ هر قسم جون عطائون، حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ئي دربار مان عطا ٿينديون آهن، دنيا ۽ آخرت حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عطا جو هڪ حصو آهي. (بہارِ شریعت، ۸۱/۱-۸۳،حصہ:۱) رَسُوۡلُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي رَب جي عطا سان جنت جا مالڪ آهن، جنَّت عطا ڪندڙ آهن، جنهن کي چاهين عطا ڪن. (فتاویٰ رضویہ ،۱۴/ ۶۶۷) بخاري شريف جي حديث نمبر 71 ۾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَّاللّٰه يعْطِي يعني الله تعاليٰ عَطا ڪري ٿو ۽ مان تقسيم ڪيان ٿو. (بخاری،کتاب العلم،باب من یرد اللہ بہ خیرا یفقہ فی الدین،۴۲/۱، حدیث:۷۱)

رَبّ ہے مُعطی یہ ہیں قاسم　　رِزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں
اُس کی بخشش اِن کا صَدقہ　　دیتا وہ ہے دِلاتے یہ ہیں[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جنهن پاسي اشارو ڪندا هئا چنڊ ان پاسي جهڪي ويندو هو

الله پاڪ جي عطا سان مالڪ و مختار نبي، الله جي ڪرم سان غيبن تي خبردار نبي(يعني غيب کي ڄاڻڻ وارا) صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سج کي حڪم ڏنو تہ ڪجھ دير بيهي رهو، اهو يڪدم بيهي رهيو. (معجم اوسط،باب العین، من اسمہ علی،۱۱۶/۳،حدیث:۴۰۳) عاشقن جي امام، اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنَّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه

[1] حدائقِ بخشش،ص۴۸۱-۴۸۲۔

جي فرمانِ عالي شان جو خُلاصو آهي: اها حديث ان حديث کان علاوه آهي جنهن ۾ موليٰ عليرَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي لاءِ سج کي رُڪڻ جو حڪم اِرشاد فرمايو هو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه ان کي خِلافتِ رَبُّ العِزَّت چئبو آهي، سڀني مخلوقِ اِلٰهي کي ان جي حڪم جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري لازم آهي. اهي خدا جا آهن ۽ جيڪو ڪجهه خدا جو آهي اهو سڀ اُن جو آهي، اهي سڀ کان وڏا محبوب (يعني پيارا) آهن، جڏهن پينگهي ۾ کير پيئندا هئا ته چنڊ سندن غلامي ڏيندو هو (يعني ڳالهه مڃيندو هو)، جيڏانهن اشارو ڪندا هئا چنڊ ان پاسي جُهڪي ويندو هو. (فتاویٰ رضویہ، ۳۰/۴۸۵-۴۸۸ ملخصاً)

چاند اِشارے کا ہِلا حکم کا باندھا سورج
واہ کیا بات شہا تیری توانائی کی[1]

شعر جي مختصر وضاحت: سُبحان الله! منهنجي مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڇا ته طاقت ۽ اِختيار آهي جو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ آڱر جو اِشارو ٿئي ته چنڊ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِشارن تي هلڻ جو عادي نظر اچي (جيئن ته ننڍپڻ ۾ چنڊ سندن دِل وندرائڻ جي لاءِ سندن آڱر جي اشاري تي ڇُرپر ڪندو هو). يارسول الله! سج به اوهان جي حڪم جو پابند ٿيو جو حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي هڪ نماز جي لاءِ سج کي پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موٽائي ورتو.

مُنوّر جي آمد مرحبا ⠀⠀ مُعطّر جي آمد مرحبا
شاه بحروبر جي آمد مرحبا ⠀⠀ رسولِ انور جي آمد مرحبا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! ⠀⠀ صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اَحڪام حضور صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حوالي آهن

مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اَحڪامِ تَشرِيعِيه (يعني حلال و حرام بابت اَحڪام) حضوراڪرم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبضي ۾ ڪيا ويا آهن جنهن

[1] ... حدائقِ بخشش، ص۱۵۴۔

لاءِ جيڪو چاهين حرام ڪن ۽ جنهن جي لاءِ جيڪو چاهين حلال ڪري ڇڏين ۽ جيڪو فرض چاهين مُعاف ڪري ڇڏين. (بہارِ شریعت، ۸۴/۱،حصہ:۱)

علّامہ زَرقاني رَحْمَۃُ اللهِ عَلَیْه فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ دُنيا و آخرت جي تمام زمينن جو حضور پُرنور صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مالِڪ ڪري ڇڏيو آهي، حضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنّت جي زمين مان جيتري چاهين جنهن کي چاهين جاگير بخشي ڇڏين ته دُنيا جي زمين جي ڪهڙي اوقات! (شرح زرقانی علی المواهب اللدنية،الفصل السادس فی امرائه و رسله...الخ،۴۹/۵)

مالڪ الاحڪام هئڻ بابت ٻه روايتون

رَحمتِ عالَم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اِختيارات بابت ٻه حديثون پيش ڪيان ٿو: (1) صحيح مسلم شريف جي حديث ۾ آهي: اللّٰه پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ خطبو پڙهي فرمايو: اي انسانو! اللّٰه پاڪ توهان تي حج فرض ڪيو آهي، تنهنڪري حج ڪريو، ته هڪ شخص عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه! ڇا هر سال حج ڪرڻ فرض آهي؟ حضوراڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ خاموش رهيا، 3 ڀيرا ان اهو ئي سوال ڪيو، ارشاد فرمايائون: جيڪڏهن مان "ها" چئي ڇڏيان ها ته توهان تي واجب ٿي وڃي ها ۽ توهان نه ڪري سگهو ها. (يعني مان ها چوان ها ته توهان تي هر سال حج فرض ٿي وڃي ها ۽ توهان ادا نه ڪري سگهو ها) (مسلم،کتاب الحج، باب فرض الحج مرة فی العمر،ص ۵۳۶، حدیث:۳۲۵۷) (2) بخاري ۽ مسلم جي حديث ۾ آهي ته حضوراڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪڏهن مان پنهنجي اُمَّت تي بوجهه نه ڄاڻان ها ته انهن کي هر نماز سان گڏ يا هر نماز جي وقت مِسواڪ جو حڪم ڏيان ها.
(ترمذی،ابواب الطهارة،باب ما جاء فی السواک،۱۰۰/۱، حدیث:۲۳)

کُنجی تمہیں دی اپنے خزانوں کی خدا نے   محبوب کیا مالک و مختار بنایا
اللہ کی رَحمت ہے کہ ایسے کی یہ قسمت   عاصی کا تمہیں حامی و غمخوار بنایا[1]

1... ذوقِ نعت، ص۴۸۔

پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شَفاعت جو دَروازو کوليندا

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ "توريت شريف" ۾ مالڪ و مختار نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا هي وصف (يعني خوبيون) بيان ٿيون آهن: منهنجو ٻانهو احمدِ مختار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي، سندن پيدائش جي جڳهہ مڪ مڪرمہ ۽ هجرت جو هنڌ مدينو پاڪ آهي، سندن اُمَّت هر حال ۾ اللّٰه پاڪ جي ڪثير حمد (يعني گهڻي ساراهہ) ڪرڻ واري آهي. (تاريخ ابن عساکر، باب ما جاء من ان الشام يکون ملک اهل الاسلام، ۱۸۶/۱-۱۸۷) قيامت جي ڏينهن شَفاعتِ ڪبريٰ جو رُتبو سرورِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خصوصيات مان آهي تہ جيستائين حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شَفاعت جو دَروازو نہ کوليندا ڪنهن کي شَفاعت جي مجال نہ هوندي، بلڪ حقيقت ۾ جيترا شَفاعت ڪرڻ وارا آهن، حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دَربار ۾ شَفاعت آڻيندا. شفاعتِ ڪبريٰ مومن، ڪافر، فرمانبردار، گنهگار سڀني جي لاءِ آهي، جيئن تہ قيامت جو حِساب شروع ٿيڻ جو اِنتظار جيڪو سخت جان وڃندڙ هوندو ان جي لاءِ ماڻهو تمنّا ڪندا تہ ڪاش! جهنم ۾ اڇلايا وڃن ها ۽ هن اِنتظار کان ڇوٽڪارو ملي ها. هن مصيبت کان ڇوٽڪارو ڪافرن کي پڻ حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صَدقي ملندو، جنهن تي پهريان ۽ بعد ۾ ايندڙ اتفاق ڪندڙ، مخالف، مؤمن ۽ ڪافر سڀئي حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ساراهہ ڪندا. انهيءَ جو نالو "مقامِ محمود" آهي.
(بهارِ شريعت، ۷۰/۱، حصہ:۱ بتغير قليل)

کیا ہی ذوق افزا شفاعت ہے تمہاری واہ واہ
قرض لیتی ہے گنہ پرہیز گاری واہ واہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

شَفاعت جا مختلف قسم

اي عاشقانِ ميلاد! شَفاعت جا ٻيا بہ قسم آهن، مثال طور ڪيترا اهڙا هوندا جيڪي بِلاحساب جنّت ۾ داخِل ڪيا ويندا. جن ۾ چار اَرَب نَوّي ڪروڙ جو

تعداد معلوم آهي، ان کان علاوه ٻيا پڻ ڪوڙ آهن، جيڪي الله پاڪ ۽ رَسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي عِلم ۾ آهن، ڪيئي اهڙا هوندا جن جو حِساب ٿي چڪو آهي ۽ جهنم جا حقدار ٿي چڪا، انهن کي جهنم کان بچائيندا ۽ ڪن جي شَفاعت فرمائي جهنم مان ڪڍندا ۽ ڪن جا دَرَجات بلند ڪندا ۽ ڪن کان عذاب گهٽ ڪرائيندا. هر قسم جي شَفاعت حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ ثابت آهي. اِن مان ڪنهن جو اِنڪار اهو ئي ڪندو جيڪو گمراه آهي ۽ ها! شَفاعت جو منصب حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي ڏنو ويو آهي جيئن ته بخاري شريف جي حديث نمبر 335 ۾ شافعِ روزِ جَزا، رَسُولِ خُدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: اُعْطِيتُ الشَّفَاعَةَ يعني مون کي شَفاعت ڏني وئي آهي. (بخاری،کتاب التیمم،باب التیمم،۱۳۳/۱، حدیث:۳۳۵)

حرزِ جاں ذِکرِ شَفاعت کیجئے　　نار سے بچنے کی صُورت کیجئے

ہم تمہارے ہو کے کس کے پاس جائیں　　صَدقہ شہزادوں کا رَحمت کیجیے[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اشعار جي مختصر وضاحت: اي عاشقانِ رسول! پنهنجي جان کي محفوظ ڪرڻ جي لاءِ شفاعت جو ذِڪر پنهنجي ڳلي جو تعويذ بڻائي ڇڏيو، جيئن تعويذ هر وقت ڳلي ۾ رهندو آهي، اهڙي طرح ذِڪرِ شفاعت سان هر وقت پنهنجي زبان کي تَر رکو، اهڙي طرح اي گنهگارو! دوزخ جي باهه کان بچڻ جي توهان جي لاءِ ڪا صورت نڪري سگهي ٿي، عملن تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي، حضوراڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت سان ئي ڪم بڻجندو.

اي گنهگارن کي پنهنجي دامن ۾ لڪائڻ وارا مهربان آقا! جڏهن اسان اوهان ئي جا آهيون، جيتوڻيڪ جهڙا به آهيون ته پوءِ اسان مصيبت جا ماريل اوهان ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو در ڇڏي ڪنهن وٽ وڃون، پنهنجن پيارن شهزادن (امامِ

[1] ... حدائقِ بخشش،ص۱۹۴-۱۹۶۔

حسن ۽ حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما) جو صدقو اسان تي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ڪريو.

دُرُودِ پاڪ پڙهڻ واري جي لاءِ شَفاعت

حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن اهو چيو: "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ "[1] اُن جي لاءِ منهنجي **شَفاعت واجب** ٿي وئي. (معجم کبير،رويفع بن ثابت الانصاری،۲۵/۵، حديث:۴۴۸۰) اسان گنهگارن جي شَفاعت ڪرڻ واري، پنهنجي رَبّ کان اسان ڪي بخشائڻ واري آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: جنهن مون تي 10 ڀيرا صُبح ۽ 10 ڀيرا شام دُرُودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي **شَفاعت** ملندي. (مجمع الزوائد،کتاب الاذکار، باب مايقول اذا اصبح و اذا امسی،۱۶۳/۱۰، حديث:۱۷۰۲۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

شَفاعت ماڻڻ جو هڪ بهترين ذَريعو

اي عاشقانِ رَسُول! الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مَدَني صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شَفاعت ماڻڻ جو هڪ بهترين ذَريعو دُرُود پاڪ جي ڪثرت بہ آهي، يعني تمام گهڻو دُرُودِ پاڪ پڙهڻ بہ شَفاعت جو بهترين ذَريعو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه نيڪ بڻجڻ جو طريقو بنام "نيڪ اعمال" جي رسالي ۾ بہ روزانو گهٽ ۾ گهٽ 313 ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهڻ جي ترغيب موجود آهي، ڪيترو نہ پلو ٿئي جو اسان جنهن ٻارهين واري آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو جَشنِ وِلادت ملهائي رهيا آهيون، اُن تي روزانو گهٽ ۾ گهٽ 313 **ڀيرا** دُرُود پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻايون. اچو! شَفاعت جي خيرات گهرندي اسان پنهنجي ٻارهين واري آقا و مولیٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي اهو دُرُودِ شفاعت پڙهون ته، الله پاڪ اسان کي پنهنجي حبيب صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شَفاعت

---

[1]... اے اللہ!حضرت محمد صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پر رَحمت نازِل فرما اور انہیں قیامت کے روز اپنی بارگاہ میں مُقَرّب مَقام عطا فرما۔

كان محروم نہ فرمائي: ”اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ“[1]

گر لبِ پاک سے اِقرارِ شَفاعت ہو جائے یوں نہ بے چین رکھے جوششِ عِصیاں ہم کو
نَیّرِ حَشر نے اِک آگ لگا رکھی ہے! تیز ہے دھوپ ملے سایۂ داماں ہم کو[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

نُور جو رانديڪو

حضرتِ سيدُنا عبّاس رَضِیَ اللهُ عَنْه كان روايت آهي تہ مون رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عرض ڪيو:" يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! مون کي تہ اوهان جي نبوت جي نشانين اوهان جي دِين ۾ داخل ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي. مون ڏٺو تہ اوهان ننڍپڻ ۾ پينگهي ۾ چنڊ سان ڳالهائيندا ۽ پنهنجي آڱر سان ان جي طرف اشارو ڪندا هئا تہ جنهن طرف اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اشارو فرمائيندا هئا، چنڊ ان طرف جهڪي ويندو هو، حضور پرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مان چنڊ سان ڳالهيون ڪندو هيس ۽ چنڊ مون سان ڳالهيون ڪندو هو، اهو مون کي روئڻ کان رجهائيندو هو ۽ جڏهن چنڊ عرشِ الٰهي جي هينان سجدو ڪندو هو تہ ان وقت مان ان جي تسبيح جو آواز ٻڌندو هيس. (كنزالعمال،كتاب الفضائل،باب فضائل نبينامحمد و اسمائه و صفاته البشريه،جزء۶،۱۱/۱۷۲، حديث:۳۱۸۲۵)

چاند جُھک جاتا جِدھر اُنگلی اُٹھاتے مَہد میں
کیا ہی چلتا تھا اشاروں پر کھلونا نور کا[3]

---

[1]... اے اللہ! حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پر رَحمت نازِل فرما اور انہیں قیامت کے روز اپنی بارگاہ میں مُقَرّب مَقام عطا فرما۔

[2]... حدائقِ بخشش،ص۱۲۶۔

[3]... حدائقِ بخشش،ص۲۴۹۔

سلطان جي آمد مرحبا ذيشان جي آمد مرحبا
غيب دان جي آمد مرحبا آقاء عطارؔ جي آمد مرحبا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **جي خصائص ۽ ڪمالات ڪي شمار ڪرڻ انسان جي وس ۾ ناهي، علماءِ ظاهر و باطن سڀ هتي عاجز آهن.**

حضرت خواجہ صالح بن مبارڪ بخاري خليفہ مجاز حضرت خواجہ سيد بهاؤالدين نقشبنديرَحْمَةُاللهِعَلَيْه''**انيس الطالبين** '' **جي صفحي نمبر 9 تي لکن ٿا:**

صوفي سڳورن جو هن معاملي تي اتفاق آهي تہ نبوت جي سڀ کان وڌيڪ ويجهو مقام ۽ رتبو "صديقيت" آهي. ۽ سلطان العارفين ابو يزيد بسطامي قُدِّسَ سِرُّهٗ **الله جي بارگاھ ۾ انسانن جي درجات جو تفصيل بيان ڪندي فرمائن ٿا: درجات جي ترتيب ۾ اعتبار اهو آهي تہ هتي هڪ جي درجات جي انتها ٿيندي آهي اتي ٻئي جي درجات جي ابتداء ٿيندي آهي، وڌيڪ فرمائن ٿا: سڀ کان هيٺ عام مومنين جو درجو آهي ان کان مٿي اولياء ان کان مٿي شهداء ان کان مٿي صديقين ان کان مٿي انبياءِ ڪرام ان کان مٿي الله جا رسول، رسولن کان مٿي اولوالعزم رسول ۽ ان کان مٿي مقام جي انتهاء کان محمد رسول** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **جي مقام جي ابتدا آهي. ۽ حضرت مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ **جي مقام جي ڪا انتهاء ناهي ۽ الله پاڪ کان سواء ڪو ٻيو سندن مقام جي انتهاء نٿو ڄاڻي. عالَمِ ارواح ۾ جڏهن الله پاڪ سيني روحن کان عهد ورتو ان ڏينهن روحن جو مقام انهيءَ مرتبن تي هو جيڪي بيان ڪيا ويا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن بہ انهيءَ رتبن تي هوندا.** (سيرت رسول عربی،550 ص بحوالہ انيس الطالبين (مُتَرْجَمْ)، قسم اوّل، ولی اور ولايت کی تعريف، ص ٣۴) **يعني اسان جي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا جو رُتبو عالَمِ ارواح ۾ بہ سيني کان بلند هو ۽ قيامت ۾ بہ سيني کان بلند هوندو.**

لعابِ دهن جو ڪمال

اي عاشقانِ رسول! سيدِ عالم، نورِمجسم تمام جهانن جي لاءِ رحمت بڻائي موڪليا ويا. هن رحمت جو عالم اهو هو جو الله پاڪ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لعابِ دهن (يعني ٿُڪ مبارڪ ۾) اها برڪت رکي، جيڪا زخمين ۽ بيمارن جي لاءِ شفاء ۽ زهر جو اثر دُور ڪرڻ واري هئي. جيئن

روايت ۾ آهي تہ هجرت جي رات حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي گهر مبارڪ مان نڪتا ۽ حضرت سَيدُنا ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه بہ گڏ هئا، جڏهن پاڻ ڪريم غارِ حرا ۾ پهتا تہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه پهريان پاڻ غار ۾ داخل ٿيا ۽ چڱي طرح غار جي صفائي ڪئي ۽ پنهنجي ڪپڙن ڪي ڦاڙي غار جي سمورن سوراخن کي بند ڪيو، پوءِ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ غار جي اندر تشريف وٺي ويا ۽ حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جي هنج ۾ پنهنجو مٿو مبارڪ رکي سمهي پيا. حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه هڪ سوراخ کي پنهنجي ڪڙي سان بند ڪري رکيو هو، سوراخ جي اندران هڪ نانگ هر هر يارِ غار جي پير ۾ پئي ڏنگيو، پر جان نثار ان خيال سان پير نہ هٽايو تہ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آرام ۾ خلل نہ پئجي وڃي. پر درد جي شدت سبب يارِ غار جي لڙڪن جا ڪجھ ڦڙا سرورِڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڳل مبارڪ تي اچي پيا. جنهن سان رحمتِ عالم جاڳي پيا ۽ پنهنجي يارِ غار کي روئندو ڏسي بيقرار ٿي ويا. پڇيائون ابوبڪر ڇا ٿيو؟ عرض ڪيائين يا رسول الله! مون کي نانگ ڏنگي ورتو آهي اهو ٻڌي حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ زخم تي پنهنجو لعاب دهن لڳايو، جنهن سبب يڪدم ئي سڄو سور هليو ويو ۽ زخم بہ ٺيڪ ٿي ويو. (تفسير روح البيان، پ۱۰،التوبہ، تحت الآية:۴۰،۳/۴۵۳)

صديق بلکہ غار میں جاں اس پہ دے چکے　　　اور حفظ جاں تو جان فروض غرر کی ہے

ہاں تو نے ان کو جان انھیں پھیر دی نماز　　پر وہ تو کر چکے تھے جو کرنی بشر کی ہے

ثابت ہوا کہ جملہ فرائض فروع ہیں　　اصل الاصول بندگی اس تاجور کی ہے

اشعار جي مختصر وضاحت! يارسول الله! هجرت جي رات غارِ ثور ۾ حضرتِ صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ سندن حفاظت جي خاطر غار جي سوراخ مان نانگ جي ڏنگڻ جي تڪليف برداشت ڪئي جڻ تہ پنهنجي جان ڏئي ڇڏي، جڏهن تہ جان جي حفاظت ڪرڻ تمام فرضن کان وڌيڪ آهي ۽ حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ننڊ جي خاطر پنهنجي عصر جي نماز جو وقت ختم ڪري ورتو جڏهن تہ عصر جي نماز سڀني نمازن کان افضل هئڻ جو درجو رکي ٿي پر انهن اها بہ پاڻ ڪريم تي قربان ڪري ڇڏي. انهن اهو ڪيو جنهن جي انسان قدرت رکي ٿو پر سندن جي شانِ عظمت جي بلندي اها آهي جو پاڻ صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي جان واپس ڪري ڇڏي ائين جو لعابِ دهن سان نانگ جي زهر کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ حضرت علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي قضا نماز سج واپس ڪري نماز ادا ڪرائي. انهن ٻنهي واقعن مان اهو ثابت ٿيو تہ تمام فرض تارين جيان آهن ۽ حضوراڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۽ فرمانبرداري تمام فرضن جو بنياد آهي، پاڙ آهي ۽ پاڙ هوندي آهي تہ تاريون سايون رهنديون آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي لُعابِ دهن سان صرف صديقِ اڪبر ئي فيض ياب نہ ٿيا بلڪ سندن لعابِ دهن جي برڪتن سان ٻين صحابہ ڪرام عَلَیھِمُ الرِّضوان بہ فيض پاتو آهي جيئن تہ

موليٰ مشڪل ڪشا، حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي اکين جي اٿڻ جي لاءِ اهو لعابِ دهن "شِفاءُ العَين" بڻجي ويو. حضرت رفاعہ بن رافع رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي اک ۾ جنگِ بدر واري ڏينهن تير لڳو ۽ اک زخمي ٿي پئي پر پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي لعابِ دهن سان اهڙي شفا حاصل ٿي جو درد بہ هليو ويو ۽ اک جي روشني بہ برقرار رهي.

حضرت ابو قتاده رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي چهري تي تِير لڳو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان تي پنهنجو لعابِ دهن لڳايو ته يڪدم ئي رت بند ٿي ويو ۽ پوءِ سڄي زندگي انهن کي ڪڏهن تِير و تلوار جو زخم نه لڳو.

اي عاشقانِ رسول! اسان تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا خصائص و معجزات ۽ لُعابِ دهن جي برڪتن جي باري ۾ ٻڌي رهيا آهيون. هونئن ته الله پاڪ هر نبي عَلَیْہِ السَّلَام کي عظمت و شان عطا فرمائي آهي ۽ زماني جي اعتبار سان انهن کي مختلف معجزات به عطا فرمايا آهن.

۽ ايترا معجزا عطا ڪيا آهن جو جن جو يقيني تعداد اجان تائين ڪو بيان ناهي ڪري سگهيو، نائين صدي هجري جو بزرگ حضرت علامه جلال الدين سيوطي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جيڪو 500 کان وڌيڪ ڪتابن جو مصنف آهي انهن 20 سال جي وڏي محنت کان پوءِ سندن خصوصيتن بابت به ڪتاب لکيا جن ۾ پاڻ ڪريمصَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هڪ هزار (1000) کان ڪجھ وڌيڪ معجزن جو بيان آهي. جيڪي مڪمل ناهن بلڪ سندن جي معجزن مان ڪجھ آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو شان تمام اوچو آهي

❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي چا ڳالھ ڪجي جو الله** پاڪ پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي سيني نبين کان پهريان پيدا ڪيو ۽ سيني کان آخر ۾ دنيا ۾ مبعوث فرمايو. (المواهب اللدنية مع شرح زرقانی، المقصد الاول۔۔۔الخ،فی تشريف اللّٰه تعالی له ۔۔۔الخ، ج۱، ص۷۶) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي چا ڳالھ ڪجي جو** عالمِ اَرواح ئي ۾ رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي نبوت سان سرفراز فرمايو ويو ۽ انهيء عالم ۾ ٻين انبياءِ ڪرامعَلَیْہِمُ السَّلَام جي روحن سندن روح انور مان فيض حاصل ڪيو. (المواهب اللدنية مع شرح زرقانی،المقصد الاول۔۔۔الخ،فی تشريف اللّٰه تعالی له ۔۔۔الخ،ج۱، ص۶۳) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي چا ڳالھ ڪجي ته** عالم اَرواح ۾ ٻين انبياءِ ڪرامعَلَیْہِمُ السَّلَام جي روحن کان الله پاڪ عهد ورتو ته جيڪڏهن اهي حضورِ انور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زماني کي ڏسن ته

سندن تي ايمان آڻين ۽ سندن مدد ڪن. (المواهب اللدنية مع شرح زرقانی ، المقصد الاول---الخ،فی تشریف اللّٰہ تعالی لہ ---الخ،ج۱، ص۷۷) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو پاڻ ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو مبارڪ نالو عرش جي ستون تي ۽ هر هڪ آسمان تي ۽ بهشت جي وڻن ۽ محلات تي ۽ حُورن جي سينن تي ۽ ملائڪن جي اکين جي وچ ۾ لکيو ويو آهي.** (الخصائص الکبریٰ، باب:خصوصیتہ بکتابة اسمہ الشریف مع اسم اللّٰہ تعالی--الخ، ج۱،ص۱۲-۱۳) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو** پاڻ سڳورن عَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلام **جو مبارڪ نالو مُحَمَّد، الله پاڪ جي مبارڪ نالي محمود مان نڪتو آهي.** (الخصائص الکبریٰ، باب:اختصاصہ صلی اللّٰہ علیہ وسلم باشتقاق اسمہ الشریف ---الخ،ج۱،ص۱۳۴) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو** پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي مبارڪ نالن مان تقريبًا ستر** (70) **نالا اهي ئي آهن جيڪي الله پاڪ جا آهن** ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي** جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو هڪ مبارڪ نالو احمد** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **آهي. سندن ڪان پهريان جڏهن ڪان دنيا پيدا ٿي ڪنهن جو اهو نالو نہ هو تہ جيئن هن ڳالھ ۾ ڪنهن کي شڪ ۽ شبهي جي گنجائش نہ رهي تہ قرآن پاڪ ڪان پهريان جي آسماني ڪتاب ۾ جيڪو احمد جو ذڪر آهي اهو سندن جو ئي آهي.** (شرح الزرقانی علی المواهب،المقصدالثانی---الخ،الفصل الاول فی اسمائہ ---الخ،ج۴، ص۲۳۲-۲۳۴ ملخصًا) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو پاڻ سڳورا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **پنهنجي پٺيان ڪان ائين ئي ڏسن ٿا جيئن اڳيان ڪان ڏسن ٿا. رات جي اونداهي ۾ ائين ڏسن ٿا جيئن ڏينهن جي وقت ۽ روشني ۾ ڏسن ٿا.** (الخصائص الکبریٰ، باب:المعجزة والخصائص فی عینیہ الشریفتین، ج۱،ص۱۰۴ملتقطًا) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي دهنِ مبارڪ جو لعاب کاري پاڻي کي مٺو ڪري ڇڏي ٿو ۽ کيرپياڪ ٻارن جي لاءِ کير جو ڪم ڏئي ٿو.** (الخصائص الکبریٰ،باب:الایات فی فمہ الشریف وریقہ واسنانہ،ج۱،ص۱۰۵) ❖ **شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالھ ڪجي جو پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي ٻڌڻ جي قوت سيني ڪان وڌيڪ هئي. ايستائين جو اڪثر ملائڪن جي هجوم جي سبب آسمان ۾ جيڪو آواز پيدا ٿيندو آهي، پاڻ اهو بہ ٻڌي وٺندا هئا. حضرت جبرائيل** عَلَيه السَّلام **اجان سِدرةُ المُنتهٰي ۾ هوندا هئا پاڻ**

ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ انهن جي پرن جو آواز ٻڌي وٺندا هئا ۽ جڏهن اهي اتان ڪان حضوراڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ڏانهن وحي جي لاءِ لهڻ لڳندا ها ته پاڻ ان جي خوشبو سُونگهي وٺندا هئا. آسمان جي دروازن جي کُلڻ جو آواز به پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌي وٺندا هئا. ★ شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالهه ڪجي جو پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ اهڙا بشر هئا جو جن جو پاڇو نه هو ڇاڪاڻ ته پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ نور ئي نور هئا ۽ نور جو پاڇو ناهي ٿيندو. (الخصائص الکبریٰ،باب:الایۃ فی انہ صلی اللّٰہ علیہ وسلم لم یکن یری لہ ظل، ج۱، ص۱۱۶) شانِ مصطفيٰ جي عظمت جي ڇا ڳالهه ڪجي جو اللّٰه پاڪ پنهنجي شريعت جو پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کي مختارِ ڪل بڻايو آهي، پاڻ جنهن لاءِ جيڪو چاهين حلال ڪن ۽ جنهن جي لاءِ جيڪو چاهين حرام ڪن.

کل امامتِ کل سیادَتِ کل اِمارتِ کل
حکومتِ کل وِلایتِ کل خدا کے یہاں تمہارے لئے

مختصر وضاحت: يارسول اللّٰه! اللّٰه پاڪ وٽ اوهان کي اهو رتبو مليو آهي جو اوهان ئي سيني جا اصل، اوهان ئي سيني جا امام، اوهان ئي سيني جا سردار، اوهان ئي انبياء جا سردار، اوهان وٽ ئي تمام حڪومت ۽ اوهان کي ئي سڀن جي ولايت حاصل آهي.

حڪيم جي آمد مرحبا	عظيم جي آمد مرحبا
چڱي جي آمد مرحبا	پياري جي آمد مرحبا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "صداءِ مدينه"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِخلاص ۽ اِستِقامت سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ عشق رسول حاصل ڪرڻ ۽ ٻين کي ان جا جام پيئارڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو. انهن 12 مَدَني ڪمن مان هڪ

مدني ڪم روزانو “**صَداءِ مدينہ لڳائڻ**” بہ آهي. **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول ۾ مُسلمانن کي فجر جي نَماز جي لاءِ جاڳائڻ کي صَداءِ مدينہ لڳائڻ چيو ويندو آهي. يقيناً اڄڪلهہ مُسَلمان دِين کان گهڻو پري ۽ فڪرِ آخرت کي ڇڏي دنيا جي فڪر ۾ مصروف آهن. سنتن ۽ نفلن جي ڳالهہ تہ پري رهي پر ماڻهن جي اَڪثرِيت فرض نمازون تائين قضا ڪري ڇڏي ٿي. انهيءَ ڪري اسان جون مسجدون وِيران ٿي ويون، اهڙي صورتحال ۾ انهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جو عزم ڪرڻ ۽ انهيء عزم جي تڪميل جي لاءِ مسلسل ڪوشش ڪرڻ يقيناً سَعادَت جي ڳالهہ آهي. لهٰذا ڪوشش ڪريو! ۽ مسجد جي آبادڪاري جي لاءِ روزانو صَداءِ مدينہ لڳائڻ جو معمول بڻائي وٺو. جيئن تہ

اميرالمؤمنين ۽ صداءِ مدينہ

اَمِيرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عُمَر فارُوقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو اهو معمول هو جو پاڻ جڏهن فجر نماز جي لاءِ ويندا هئا تہ واٽ ۾ ماڻهن کي نماز جي لاءِ جاڳائيندا ايندا هئا، ۽ اَذانِ فجر کان فوراً بعد جيڪڏهن مسجد ۾ ڪو سُتل هوندو هو تہ ان کي بہ جاڳائيندا هئا. (الطبقات لابن سعد ، رقم ۵۶ ، عمربن خطاب ، ۳ / ۲۶۳)

ياد رکو! جيڪڏهن اسان جي اِنفِرادي ڪوشش سان هڪ اسلامي ڀاءُ بہ نمازي بڻجي ويو تہ ان کي تہ نيڪ عملن جو ثواب ملندو ئي، گڏوگڏ اسان بہ ان ثواب سان مالامال ٿيندا سين. ڇوتہ “نيڪي جي طرف رَهنمائي ڪرڻ وارو بہ نيڪي ڪرڻ واري جيان آهي.” (ترمذی ، کتاب العلم ، باب ماجاء الدال علی الخیر کفاعله ، ۴ / ۳۰۵ ، حدیث : ۲۶۷۹)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪامل مسلمان بڻجڻ جي لاءِ، غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت ڪڍڻ، نمازن ۽ سُنّتن جي عادت بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان هردَم وابَستہ رهو، اَلحَمدُ لِلّٰہ! مُعاشري جا ڪيئي بگڙيل شخص دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي بَرَڪت سان سڌي واٽ تي اچي چڪا آهن. جيئن تہ

مدني بهار

مَترا (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي تہ ”مان هڪ ماڊرن نوجوان هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ منهنجو مشغلو هو، مڪتبةالمدينه کان جاري ٿيل بيان جي ڪيسيٽ ”T.V کی تباہ کاریاں“ ٻُڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن مون ۾ انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو، مان دعوت اسلاميءَ جي مدني ماحول سان ڳنڍجي ويس، مونکي اپينڊس(Appendix) جي بيماري ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو مشورو ڏنو مان گهٻرائجي ويس ايتري ۾ دعوت اسلاميءَ جي هڪ مبلّغ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾پهريون ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلاميءَ جي سنّتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، اَلحَمدُلله مدني قافلي جي برڪت سان بغير آپريشن منهنجي بيماري ختم ٿي وئي ۽ منهنجي جذبي کي مديني جا ٻارهن چنڊ لڳي ويا. هاڻي مان هر مهيني ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندو آهيان ۽ هر مهيني مدني انعامات جو ڪارڊ جمع ڪرائيندو آهيان ۽ مسلمانن کي فجر جي نماز خاطر جاڳائڻ لاءِ **صداءِ مدينه** لڳائيندو آهيان. (فيضانِ سنت، ص٢٤٧)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

نگران شوري حاجي محمد عمران جي ايپ (Application) جو تعارف

دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ دين جي تبليغ جي لاءِ مصروفِ عمل آهي. اَلْحَمْدُ لِله **دعوت اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ** (I.T Department) **عاشقانِ رسول جي لاءِ هڪ** نهايت شاندار ڪم نگران شوريٰ حاجي محمد عمران عطاري مَدَّظِلّہ الْعَالِي جي نالي سان بہ هڪ ايپ بنام **مولانا محمد عمران عطاري** جي صورت ۾ ڪيو آهي، اها ايپ لاؤنچ ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ نگران شوريٰ حاجي محمد عمران عطاري مَدَّظِلّہ الْعَالِي **جا آڊيو** (Audio)، ويڊيو(Video)بيانات، شارٽ ڪلپ، مختلف مصروفيات، مدني چينل ريڊيو، ڊاؤن لوڊ، سرچ ۽ شيئرنگ جون سهولتون

موجود آهن. هن ايپلي ڪيشن ۾ مدني چينل تي ٽيندڙ پروگرامز بہ شامل ڪيا ويندا آهن. هن ۾ موجود "Chat Live" آپشن جي ذريعي اوهان پنهنجا مفيد مشورا ڏئي سگهو ٿا. لهٰذا اڄ ئي هن موبائل ايپلي ڪيشن کي پلي اسٽور(Play Store) يا ايپ اسٽور(App Store) تان ڊاؤن لوڊ ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

لباس جون سنتون ۽ آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄو باني دعوتِ اسلامي، شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جي رسالي "163 مدني گل"** مان لباس جا ڪجهہ مدني گل ٻڌون ٿا. **پهريان فرمانِ مصطفٰي**صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ملاحظہ ڪريو:** ❖ **جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي تہ جڏهن ڪپڙا لاهي تہ** بِسْمِ الله **چوي.** (اَلْمُعْجَمُ الْاَ وْسَط ج٢ص٥٩حديث ٢٥٠۴) **مُفسّر قرآن، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله پاڪ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو تہ جيئن جنّ ان جي شرمگاهہ کي ڏسي نہ سگهن. (مرآة المناجيح،١/ ٢٦٨) ❖ **جيڪو شخص ڪپڙا پائي تہ هي دعا پڙهي:** اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِحَوْلٍ مِّنِّيْ وَلَا قُوَّةٍ تہ ان جا اڳيان پويان گناهہ معاف ٿي ويندا. (شُعَبُ الْاِيمان ج٥ ص١٨١ حديث٦٢٨٥) **جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو.** (ايضاً ص 326 حديث 4778) ❖ **خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحْمَة لِّلْعٰلَمِين**صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو.** (كشفُ الالْتِباس فِي اسْتِحْبابِ اللِّباس لِلشَّيخ عبدالْحَقّ الدّهلَوي ص٣٦) ❖ **لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي** (اَيضاً ص١ ۴) ❖ **پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو** (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهريان آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ (اَيضاً٣٣) ❖ **اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهريان ساڄي پانچي**

۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو ته ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو ❖ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي ته دامن جي ڊيگهه اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهه وڌ ۾ وڌ آڱرين جي منڍ تائين ۽ ويڪر هڪ گرانٺ هجي (رَدُّالمُحتار ج ۹ ص ۵۷۹) ❖ سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي. (مراٰة ، ج۶ص۹۴) ❖ مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي. ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ به هن ڳالهه جو لحاظ رکو ❖ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" **جلد** 1 **صفحي** 481 تي آهي: مرد جي لاءِ دن جي هيٺان کان گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪيل هئڻ فرض آهي، دن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. ❖ تڪبُّر طور جيڪو لباس هجي اهو منع آهي تڪبُّر آهي يا نه ان جي سڃاڻپ ائين ڪريو جو انهن ڪپڙن جي پائڻ کان پهريان پنهنجي جيڪا حالت ڏسي ٿو جيڪڏهن پائڻ کان پوءِ به اها ئي حالت آهي ته معلوم ٿيو ته انهن ڪپڙن سبب تڪبُّر پيدا نه ٿيو. جيڪڏهن اها حالت اجا باقي نه رهي ته تڪبُّر اچي ويو. لهٰذا اهڙن ڪپڙن کان بچي، ڇوته تڪبُّر تمام بُري صِفَت آهي. (بہارِشریعت ج۳ص ۴۰۹ ،رَدُّ الْمُحتار ج ۹ ص ۵۷۹)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن،[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو : جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

(3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

(4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

(5)قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

1...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الثانیۃ والخمسون،ص149

3...القول البديع،الباب الاول،ص125

(6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡھُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

(1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ والِہٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَ رَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

[2]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3]... تاريخ ابنِ عساكر،١٥٥/١٩،حديث:٤٤١٥

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

معجزو بڻجي آيو اسان جو نبي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، چوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو)**

دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ،راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رَحمت نِشان آهي:

جيڪو مون تي دروِدِ پاڪ پڙهندو آهي ان جو دروِدِ پاڪ مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ استغفار ڪندو آهيان ۽ ان جي علاوه ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکيون ويندو آهن. (معجم اوسط ،من اسمہ احمد، ١/ ۴۴۶،رقم: ١۶۴٢)

گرچہ ہیں بے حد قُصور تم ہو عَفُوّ و غَفور بَخْش دو جُرم و خَطا تم پہ کروڑوں دُرود

مختصروضاحت: اي منهنجا ڪريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسان اِعتِراف ڪيون ٿا تہ اسان جا گناھ تمام گهڻا آهن پر اوهان ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ تمام گهڻو

درگذر ڪرڻ وارا ۽ بخشش عطا ڪرڻ وارا آهيو، تنهنڪري اسان جي جُرمن ۽ خطائن کي به بخشي ڇڏيو. الله پاڪ اوهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي ڪروڙين دُرُود ۽ سلام نازل فرمائي.

حضور جي مرڪڻ سان سُئي ملي وئي

اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا سَحري جي وَقت ڪجھ سبي رهيون هيون، اوچتو هٿ مان سُئي ڪري پئي ۽ چَراغ (Lamp) به وسامي ويو. ايتري ۾ رَحمتِ عالم، نورِمجسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تشريف فرما ٿيا. نوراني چهري جي روشني سان سڄو گھر روشن ٿي ويو ايستائين جو سُئي ملي وئي. اُمُّ المؤمِنين رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا عرض ڪيو: يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جو چهرو ڪيترو روشن آهي. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايائون: وَيلٌ لِّمَنۡ لَّا يرَانِي يوۡمَ الۡقِيامَةِ. يعني ان شخص جي لاءِ هلاڪت آهي جيڪو مون کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. عرض ڪيو: اهو ڪير آهي جيڪو اوهان کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. فرمايائون: اهو بَخيل آهي. پڇيو ويو: بَخيل ڪير؟ ارشاد فرمايائون: اَلَّذِی لَا يُصَلِّیۡ عَلَیَّ اِذۡ سَمِعَ بِاِسۡمِی، جنهن منهنجو نالو ٻڌو ۽ مون تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهيو. (القول البديع،الباب الثالث في التحذير من ترك الصلاة ۔۔۔الخ، ص۳۰۲)

عالم سڳورا فرمائن ٿا: هر مسلمان تي عمر ۾ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ فرض ۽ هر مجلس ۾ جتي بار بار حضورِاڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ نالو ورتو وڃي هڪ ڀيرو واجب آهي ۽ هر ڀيري (جڏهن نالو اچي تہ درود پڙهڻ) مستحب آهي. (مرآة المناجيح، ۲/۹۷)

سُوزَنِ گُمشُدہ ملتی ہے تبسُّم سے ترے　　شام کو صُبح بناتا ہے اُجالا تیرا

مختصر وضاحت: يعني اسان جي پياري آقا، نور واري مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي مرڪڻ سبب اهڙو نُور نڪرندو آهي جنهن جي روشني ۾ گم ٿيل سُئي**

ملي ويندي آهي، جڏهن ته پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان نڪرڻ وارو نور رات جي اونداهي کي ڏينهن جي اُجالي ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي۔

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ''نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه'' يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وِچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُاللّٰه , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سڀ کان پهريان ته اسان کي الله پاڪ جو لک لک شڪر ادا ڪرڻ گهرجي جو جنهن اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر (12) ربيع الاول جي مقدس نوراني رات نصيب فرمائي. اَڄُ جي رات وڏي رات آهي. هي رات

وڏي عظيم الشان رات آهي. هي رات وڏي فضيلتن ۽ برڪتن واري مقدس رات آهي. هي اها رات آهي جنهن کي ڪائنات جي سڀ ڪان وڏي شان ۽ شوڪت واري هستي سيد الانبياء، تاجدارِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم سان نسبت آهي. هي اها رات آهي جو جنهن ۾ آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي مڪانِ رحمت مان اهڙو نور چمڪيو جنهن سڄي عالم کي جڳمڳ جڳمڳ ڪري ڇڏيو. هي اها رات آهي جنهن ۾ هر طرف خوشين جو سمان ڇانئجي ويو. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ هر طرف نور جي روشني ڦهلجي وئي. هي اها رات آهي جنهن ۾ ڪفر ۽ شرڪ جون سڀئي ظلمتون گم ٿي ويون. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ مؤمنن تي احسانِ عظيم ڪيو. هي اها رات آهي جنهن ۾ شيطان پنهنجي ساٿين سان خوار ٿيو. هي اها عظيم رات آهي جو هن رات آسمان جا تارا بہ زمين جي طرف مائل ٿيڻ لڳا. هي اهارات آهي جيڪا تمام راتين جي سردار آهي. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ مڪانِ آمنہ مان اهڙو نور چمڪيو جهن سان اوڀر ۽ اولهہ روشن ٿي ويا. هي اها رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ جي حڪم سان ملائڪن جي سردار جبريل امين اوڀر ۽ اولهہ ۽ خانہ ڪعبہ تي جهنڊا لڳايا. (خَصائصِ کبریٰ، ۸۲/۱ ملخصاً)

هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ جي محبوب جي تشريف آوري تي ايران جي بادشاهہ جي محل تي زلزلو آيو ۽ ان جي محل ۾ ڏار پئجي ويا. هي اها عظيم رات آهي جو جنهن ۾ ايران جو هڪ هزار سالن کان ٻرندڙ آتش ڪدو پاڻهي وسامي ويو. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ الله پاڪ جي حڪم سان آسمان ۽ جنت جا دروازا کوليا ويا. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ آسمان مان نور جون بارشون ٿيڻ لڳيون. هي اها رات آهي جنهن ۾ ملائڪن بہ بيبي آمنہ جي دلبر جي آمد جون خوشيون ملهايون. هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ تاجدارِ حرم، شهنشاهِ عرب و عجم، شفعِ امم، نورِ مجسم، رحمتِ عالم، نبي محتشم، شاهِ بني آدم، سراپا جود و ڪرم، دافعِ رنج و آلم، سيدالانبياء، جنابِ احمد مجتبيٰ، محمد رَّسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي دنيا جي

تشريف آوري ٿئي ۽ اهي مجسمِ رحمت هن ڪائنات ۾ تشريف ڪٺي آيا ته ڪفر ۽ شرڪ جون تمام ظلمتون ختم ٿي ويون. مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڇا خوب فرمائن ٿا:

سحابِ رحمتِ باری ہے بارہویں تاریخ ... کرم کا چشمۂ جاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیں تو جان سے پیاری ہے بارہویں تاریخ ... عدُو کے دل کو کٹاری ہے بارہویں تاریخ
اسی نے موسمِ گل کو کیا ہے موسمِ گل ... بہارِ فصلِ بہاری ہے بارہویں تاریخ
ہزار عید ہوں ایک ایک لَحظہ پر قُرباں ... خُوشی دلوں پہ وہ طاری ہے بارہویں تاریخ
فلک پہ عرشِ بریں کا گُمان ہوتا ہے ... زمینِ خُلد کی کیاری ہے بارہویں تاریخ
تمام ہوگئی میلادِ انبیا کی خوشی ... ہمیشہ اب تِری باری ہے بارہویں تاریخ
دلوں کے میل دُھلے گل کِھلے سُرُور ملے ... عجیب چشمۂ جاری ہے بارہویں تاریخ
چڑھی ہے اَوج پہ تقدیر خاکساروں کی ... خُدا نے جب سے اُتاری ہے بارہویں تاریخ
خُدا کے فضل سے ایمان میں ہیں ہم پورے ... کہ اپنی روح میں ساری ہے بارہویں تاریخ
ولادتِ شہِ دیں ہر خُوشی کی باعث ہے ... ہزار عید سے بھاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیشہ تُو نے غلاموں کے دل کیے ٹھنڈے ... جلے جو تجھ سے وہ ناری ہے بارہویں تاریخ
حَسَن ولادتِ سرکار سے ہوا روشن ... مِرے خُدا کو بھی پیاری ہے بارہویں تاریخ

(ذوقِ نعت، ص۱۲۱-۱۲۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي اسان ٻڌو ته اَڄُ جي رات اها عظيم رات آهي جنهن ۾ نور وارا آقا، مڪي مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نور جي خيرات ورهائڻ ۽ جهان کي پنهنجي نور سان جڳمگائڻ لاءِ

هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا اچو! بيان ڪان پهريان عاشقِ ماهِ ميلاد ۽ عاشقِ ماه رِسالت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادِري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي عطا ڪيل نعرن سان هن نوراني رات جو اِستقبال ڪيون ٿا، ٿي سگهي تہ مدني پرچم بلند ڪري وڏي جوش ۽ جذبي، محبت ۽ عقيدت سان مرحبا يا مصطفيٰ جي ڌُوم مچايو.

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، مٺي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا.. مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَڄ اسان جي بيان جو موضوع آهي"معجزو بڻجي آيو اسان جو نبي". جنهن ۾ اسان رسولِ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت ۽ ولادت جي وقت ظاهر ٿيڻ وارن معجزن ۽ سندن جي مختلف معجزن جي باري ۾ ٻڌنداسين.

يقيناً هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي تہ نبي آخر الزّمان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام نبين جا سردار آهن. ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ مقدسہ تمام نبين جي مقدس زندگين جو خلاصو آهي ۽ پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عالمِ ڪائنات ۾ اولين ۽ آخرين جي تمام قومن جي طرف نبي بڻجي آيا. انڪري الله پاڪ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي کي گذريل نبين جي سيني معجزن جو مجموعو بڻايو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي طرحين طرحين جي

اھڙن بيشمار معجزن سان سرفراز فرمايو، جيڪي ھر طبقي، ھر ٽولي، ھر قوم ۽ تمام اھلِ عرب جي مزاج جي لاءِ ضروري ھئا. (سيرتِ مُصْطفٰے، ص۷۱۲ تا۷۱۴،ملخصًا و ملتقطاً)

اچو! سڀ ڪان پھريان پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نِنڍپڻ جي ادائن جي بابت ٻڌون ٿا!

ولادت باسعادت

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيدائش جي تاريخ ۾ اختلاف آھي. پر مشھور قول اھو ئي آھي تہ "اصحابِ فيل" جي واقعي ڪان پنجونجاھہ ڏينھن پوءِ 12 ربيع الاول مطابق 20 اپريل سنہ571ء ولادت باسعادت جي تاريخ آھي. مڪي وارن جو بہ انھيءَ تي عمل آھي تہ اھي ماڻھو ٻارھن ربيع الاول تي دربارِ نبوت جي زيارت لاءِ ويندا آھن ۽ اتي ميلاد شريف جون محفلون منعقد ڪندا آھن[1]. (مدارج النبوة ج 2 ص 14)

دنيا جي تاريخ ۾ ھي اھو نرالو ۽ عظمت وارو ڏينھن آھي جو اِنھي ڏينھن عالَم ھستي جي وجود جو باعث، گردشِ ليل و نھار جو مطلوب، خُلقِ آدم جي رَمزَ، نوح جي ٻيڙي جي حفاظت جو راز، بانيءِ ڪعبہ جي دعا، ابن مريم جي بشارت جو ظھور ٿيو. ڪائناتِ وجود جي مُنجھيل زلفن کي سنوارڻ وارو، پوري جھان جي بگڙيل نظامن کي سُڌارڻ وارو، يعني

وہ نبیوں میں رحمت لقب پانے والا | مرادیں غریبوں کی بر لانے والا
مصیبت میں غیروں کے کام آنے والا | وہ اپنے پرائے کا غم کھانے والا
فقیروں کا ماویٰ، ضعیفوں کا ملجا | یتیموں کا والی، غلاموں کا مولیٰ

سند الاصفياء، اشرف الانبياء، احمد مجتبيٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص 14 ملخصا

عالمِ وجود ۾ رونق افروز ٿيا ۽ پاڪ بدن، ناڙو مبارڪ ڪٽيل، طهر ٿيل، خوشبو ۾ رَچيل سجدي جي حالت ۾، مڪہ مڪرمہ جي مقدس سر زمين تي پنهنجي والد ماجد جي گهر ۾ پيدا ٿيا. ان وقت دنيا تي والد ماجد نہ هئا جو ڪين سڏيو وڃي ها ۽ پنهنجي پيدا ٿيندڙ پٽ کي ڏسي خوش ٿين ها. اهي تہ پهرين ئي وفات ڪري ويا هئا. ڏاڏي کي گهرايو ويو جيڪي ان وقت ڪعبة الله جي طواف ۾ مشغول هئا. اها خوشخبري ٻڌي ڏاڏا "عبدالمطلب" خوشي خوشي حرمِ ڪعبہ کان پنهنجي گهر آيا ۽ نهايت جوشِ محبت ۾ پنهنجي پوٽي کي سيني سان لڳايو. پوءِ ڪعبي ۾ ڪٺي وڃي خير و برڪت جي دعا گهري ۽ "محمد" نالو رکيو[1]. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي چاچي ابو لهب جي ٻانهي "ثُوَيْبَہ" خوشيءَ وچان ڊوڙندي وئي ۽ "ابولهب" کي سندس ڀائٽي پيدا ٿيڻ جي خوشخبري ٻڌائي تہ ان (ابولهب) خوشي ۾ شهادت جي آڱر جي اشاري سان "ثُوَيْبَہ" کي آزاد ڪري ڇڏيو. جنهن جو فائدو ابو لهب کي اهو مليو تہ ابولهب جي مرڻ کان پوءِ ان جي گهر وارن ان کي خواب ۾ ڏٺو ۽ حال پڇيو ويو تہ ان پنهنجي آڱر ڪڍي اهو چيو تہ توهان کان جدا ٿيڻ کان پوءِ مون کي ڪجھ (کائڻ پيئڻ) لاءِ نہ مليو سواءِ ان جي جو "ثُوَيْبَہ" کي آزاد ڪرڻ جي سبب هِن آڱر جي ذريعي ڪجھ پاڻي پياريو وڃي ٿو[2].

(بخاري ج 2 باب وامهاتكم التي ارضحنكم)

ان موقعي تي حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ تمام سوچڻ ۽ سمجهڻ واري ڳالھ تحرير فرمائي آهي جيڪا اهلِ محبت جي لاءِ تمام ئي لذت بخش آهي. اهي لکن ٿا تہ هن موقعي تي ميلاد ڪرڻ وارن لاءِ سَنَد آهي تہ اُهي حضور ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شبِ ولادت ۾ خوشي ملهائيندا آهن ۽ پنهنجو مال خرچ ڪندا آهن. مطلب اهو آهي تہ جڏهن ابو لهب

[1] المواهب اللدنية مع شرح الزرقاني، ولادة ....النع ، ج 1 ص 232

[2] (صحيح البخاري، كتاب النكاح، باب وامهاتكن اللاتي ارضعمكم، الحديث: 5101 ج 3، ص 432، والمواهب اللدينة مع شرح الزرقاني، ذكر رضاعه ﷺ ..... الخ ، ج 1، ص 259)

ڪي جيڪو ڪافر هو ۽ جنهن جي مذمّت ۾ قرآن شريف نازل ٿيو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت تي خوشي ملهائڻ ۽ ٻانهيءَ کي آزاد ڪرڻ تي جزا ڏني وئي تہ پوءِ ان مسلمان جو ڇا حال هوندو جيڪو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت ۾ خوشي ملهائي ٿو ۽ پنهنجو مال خرچ ڪري ٿو.[1] (مدارج النبوة ج 2 ص 19)

برڪاتِ نبوت جو ظهور

جيئن منقول آهي تہ ولادت کان ڪجھ ڏينهن پهريان اصحابِ فيل جي هلاڪ ٿيڻ جو واقعو پيش اچڻ، فارس ۾ غير مسلمانن جي هڪ هزار سال کان ٻڙڪايل باھ ان جو هڪ گهڙي ۾ وسامجي وڃڻ، ڪسريٰ جي محل جو زَلزلو ۽ ان جي چوڏانهن (14) ڪنگرن جو ڪرڻ، "همدان" ۽ "قُم" نالي شهرن جي وچ ۾ ڇھ ميل ڊگهي ڇھ ميل ويڪري "بُحَيرۂ ساوَہ" نالي دريا جو اوچتو بلڪل سڪي (Dry) وڃڻ، حضورپُرنورصَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي والده جي بدن مُبارَڪ مان هڪ اهڙي نُور جو نڪرڻ، جنهن سان "بصريٰ " جا محل روشن ٿي ويا، اهي سڀ واقعا انهيءَ سلسلي جو حصو آهن تہ حضورِاڪرم،نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري کان پهريان ئي عالمِ ڪائنات کي خوشخبري ڏيڻ لڳا. (المواهب اللدنية وشرح الزرقاني،ولادته...الخ، ۱۶۷/۱ ،۲۲۷،۲۲۸،۲۲۱)

اندھیروں میں بھٹکتے پھرنے والوں کو مبارک ہو تمہیں حق سے ملانے آج رہبر آنیوالا ہے
اگر نہ آج جھومو گے تو کب جھومو گے دیوانو! مچل جاؤ تمہارا آج یاور آنے والا ہے
(وسائلِ بخشش مرمم،ص۴۴۶تا۴۴۸)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اسان جا نُوري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بي مثل ۽ بي مثال

[1] مدارج النبوت، قسم دوم باب اول، ذڪر نسب وحمل و ولادت ..... الخ، ج 2، ص 19

آهن، جنهن جو اندازو پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت سان به لڳائي سگھجي ٿو ته پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ اقدس اهڙي ته پاڪيزه، مقدس ۽ پُرنُور ٿي ته جنهن جو ڪو مثال نه ڪڏهن پيش ڪيو ويو آهي ۽ نه ڪڏهن پيش ڪري سگھجي ٿو،

الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب، ڪل اُمّت جي طبيب صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙو بي مثل ۽ بي مثال بڻايو آهي جو پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زندگي جو هر پهلو به بي مثل ۽ بي مثال آهي، ايستائين جو سندن **ولادتِ باسعادت** به اهڙي آهي جو نه ڪنهن جي اهڙي ولادت ٿي آهي نه ٿيندي. جڏهن پاڻ عَلَیهِ السَّلَام جي ولادت ٿي ته ڄڻ ته هر پاسي نُور جي برسات ٿيڻ لڳي ۽ ڄڻ سڄي ڪائنات جڳمڳائڻ لڳي ۽ هر پاسي **نور ئي نور** ٿي ويو. اچو هن طرح جا ڪجھ واقعا ٻڌون ٿا:

زمانو روشن ٿي ويو

حضرت عثمان بن ابي العاص رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته منهنجي والده مون کي ٻڌايو ته مان ان رات حضرت سيدتنا آمنه رَضِیَ اللهُ عَنۡهَا وٽ هيس، جنهن رات رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت ٿي، مون گھر ۾ هر پاسي روشني ۽ نُور ڏٺو ۽ محسوس ڪندي هيس ڄڻ تارا قريب کان قريب تر ٿي رهيا آهن. ايستائين جو مون کي ائين لڳو ته اهي تارا مون مٿي ٽٽي پوندا، پوءِ جڏهن سرڪارِ نامدار، حبيبِ پروردگار صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن ڪائنات ۾ تشريف فرما ٿيا ته هڪ نُور ظاهر ٿيو جنهن سان هر شيءِ روشن ٿي وئي، ايستائين جو نُور کان سواءِ ڪجھ نظر نه ايندو هو. (الخصائص الکبري، باب ما ظهر في ليلة مولده من المعجزات و الخصائص،۱/۷۸)

گود میں عالمِ شباب حالِ شباب کچھ نہ پوچھ ‏ ‏ ‏ ‏ گُلبنِ باغِ نور کی اور ہی کچھ اُٹھان ہے

(حدائقِ بخشش،ص۱۷۹)

ننڍپڻ جون ادائون

حضرت حليمہ رضي الله عنها جو بيان آهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو پينگهو فرشتن جي لوڏڻ سان لُڏندو هو ۽ پاڻ ننڍپڻ ۾ چنڊ ڏانهن آڱر کڻي اشارو فرمائيندا هئا تہ چنڊ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي آڱر جي اشاري تي حرڪت ڪندو هو جڏهن سندن زبان ڪلي تہ سڀ کان پهرين جيڪو ڪلام سندن زبان مبارڪ مان نڪتو اهو هي هو اللهُ اکبر الله اکبرالحمد لله رب العالمين وسبحان الله بکرة واصيلا ٻارن جي عادت جي مطابق ڪڏهن بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ڪپڙن ۾ بول و براز (پيشاب ۽ پاخانو) نہ فرمايو، هميشہ هڪ خاص وقت تي رفع حاجت فرمائيندا هئا. جيڪڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي شرم گاهہ کُلي ويندي هئي تہ پاڻ روئي روئي فرياد ڪندا هئا ۽ جيستائين شرم گاهہ نہ ڍڪجي ويندي هئي تيسيتائين حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي چين ۽ سُڪون نہ ايندو هو جيڪڏهن شرم گاهہ لِڪائڻ ۾ مون کان دير ٿي ويندي هئي تہ غيب کان ڪو سندن شرم گاهہ لِڪائي ڇڏيندو هو. جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم پنهنجي پيرن تي هلڻ لڳا تہ ٻاهر وڃي ٻارن کي راند ڪيڏندي ڏسندا هئا پر پاڻ راند روند ۾ شريڪ نہ ٿيندا هئا ٻار کين ڪيڏڻ لاءِ سڏيندا هئا تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ آئون ڪيڏڻ لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهيان.[1] (مدارج النبوة ج2، ص 21)

سبحٰن الله! آقا ڪريم جن جي ننڍپڻ جون ڇا تہ ادائون هيون اچو! سندن جي هڪ ادا متعلق سندن جي چاچي حضرت عباس رضي الله عنه جي زباني هڪ معجزو ٻڌون ٿا:

حضرت قاضي عياض مالڪي رحمة الله عليه لکن ٿا: حضرت عباس رضي الله عنه پنهنجي اسلام آڻڻ جو سبب بيان ڪندي عرض ڪيو يارسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! اوهان جڏهن ٻار هوندا هئا تہ مان ڏسندو هئس تہ اوهان پينگهي ۾ هوندا هئا ۽ پنهنجي آڱر جي اشاري سان چنڊ سان ڪيڏندا هئا. جيڏانهن اشارو ڪندا هئا

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص 20

اوڏانهن چنڊ هلندو هو، مونکي حيرت وٺي ويندي هئي. يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بس اهو ئي سبب آهي جو مون اوهان تي ايمان آندو.(شفا شريف ص431)

کير پيئڻ جو زمانو

سڀ کا پهرين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ابو لهب جي لونڊي "حضرت ثُوَيْبَہ" جو کير نوش فرمايو پوءِ پنهنجي والده ماجده حضرت آمنہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا جي کير سان سيراب ٿيندا رهيا، پوءِ حضرت حليمہ سعديہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ساڻ وٺي وئي ۽ پنهنجي قبيلي ۾ رهائي کين کير پياريندي رهي ۽ انهن وٽ ئي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي کير پيئڻ جو زمانو گذريو[1]. (مدارج النبوة ج2، ص 18)

عرب جي ماڻهن جي عادت هئي تہ اهي پنهنجي ٻارن کي کير پيارڻ جي لاءِ پَرَ وارن ڳوٺن ۾ موڪلي ڇڏيندا هئا، ڳوٺ جي صاف ستري آبهوا ۾ ٻارن جي تندرستي ۽ جسماني صحت بہ سٺي ٿي ويندي هئي ۽ هو خالص ۽ فصيح عربي زبان بہ سکي وٺندا هئا ڇو تہ شهر جي زبان ٻاهرين ماڻهن جي اچ وڃ سان خالص، فصيح ۽ بليغ نہ رهندي هئي.

حضرت حليمہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا جو بيان آهي تہ مان "بني سعد" جي عورتن سان گڏ کير پيئڻ وارن ٻارن جي تلاش ۾ مکي ويس. ان سال عرب ۾ تمام سخت ڏڪار پيل هو منهنجي جهولي ۾ هڪ ٻار هو پر غُربت ۽ بُک جي ڪري منهنجي ڇاتيءَ ۾ ايترو کير نہ هو جو ان کي ڪافي ٿئي. سڄي رات اهو ٻار بک جي ڪري تڙپندو ۽ روئندو رهندو هو ۽ اسان ان جي دلجوئي ۽ دلداري جي لاءِ سڄي رات ويهي گذاريندا هئاسين. هڪ ڏاچي بہ اسان وٽ هئي پر ان ۾ بہ کير نہ هو، مکي شريف جي سفر ۾ جنهن خچر تي آئون سوار هيس اهو بہ ايترو ڪمزور هو جو قافلي وارن سان گڏ نہ پئي هلي سگهيو، مونسان گڏ هلڻ وارو قافلو بہ ان مان تنگ اچي چڪو هو. وڏين مشڪلن سان هي سفر مڪمل ٿيو جڏهن هي قافلو مکي پهتو تہ

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج 2، ص 18_19 ملخصاً

جيڪا بہ عورت رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسندي ۽ اِهو ٻڌندي هئي تہ هي يتيم آهن تہ ڪابہ عورت کين کڻڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيندي هئي، ڇو تہ ٻار جي يتيم هئڻ جي ڪري گهڻو انعام ۽ اڪرام ملڻ جي اميد نہ هئي. هوڏانهن حضرت حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي قسمت جو ستارو ثريا کان وڌيڪ بلند ۽ چنڊ کان وڌيڪ روشن هيو. ان جي کير جي گهٽتائي ان جي لاءِ رحمت جو باعث بڻجي وئي ڇو تہ کير گهٽ ڏسي کنهن بہ پنهنجو ٻار ان کي ڏيڻ پسند نہ ڪيو.

حضرت حليمہ سعديہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي مڙس "حارث بن عبد العزيٰ" کي چيو تہ اِهو تہ سنو نٿو لڳي تہ آئون خالي هٿين واپس وڃان، ان کان بهتر اهو آهي تہ آئون هن يتيم کي ئي کڻي هلان، مڙس ان ڳالهہ کي منظور ڪري ورتو ۽ حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ان دُرِ يتيم کي کڻي آئي جنهن سان نہ صرف حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ حضرت آمنہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي گهر ۾ پر پوري ڪائناتِ عالَم جي اوپر ۽ اولهہ ۾ روشني ٿيڻ واري هئي هي خداوندِ قدوس جو فضلِ عظيم ئي هو جو حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي سُتل قسمت جاڳي پئي ۽ سرور ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي هنج ۾ اچي ويا. پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي تنبوءَ ۾ آڻي جڏهن کين کير پيارڻ ويني تہ رحمت جي برسات وانگر برڪاتِ نبوت جو ظهور شروع ٿي ويو خدا جو شان ڏسو تہ حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مبارڪ پستانن (ڇاتيءَ مبارڪ) ۾ ايترو تہ کير لٿو جو رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ انهن جي رضاعي ڀاءُ بہ پيٽ ڀري کير پيتو ۽ ٻئي آرام سان سمهي پيا، هوڏانهن ڏاچيءَ کي ڏنائون تہ ان جا ٿڻَ بہ کير سان ڀرجي ويا هئا. حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي مڙس ان جو کير ڏُڌو. پوءِ زال، مڙس ٻئي پيٽ ڀري پوري رات سک ۽ آرام جي ننڊ ستا.

حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو مڙس حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون هي برڪتون ڏسي حيران رهجي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ حليمہ! تون تہ برڪتن سان مالا مال ٻار کڻي آئي آهين. حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چيو واقعي مون کي بہ اها ئي اميد آهي تہ هي تمام ئي بابرڪت ٻار آهي ۽ خدا جي رحمت بڻجي اسان کي مليو آهي

۽ مون کي اها ئي توقع آهي تہ هاڻي اسان جو گهر خير ۽ برڪت سان ڀرجي ويندو 1.

حضرت حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ ان کان پوءِ اسان رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي هنج ۾ کڻي مڪي شريف کان پنهنجي ڳوٺ روانا ٿياسين تہ منهنجو اهو ئي خچر هاڻي ايترو تہ تيز هلڻ لڳو جو ڪنهن جي بہ سواري ان جي دَزَ کي بہ نہ ٿي پهچي سگهي. قافلي جون عورتون حيران ٿي مون کي چوڻ لڳيون تہ اي حليمہ! رَضِيَ اللهُ عَنْهَا چا هي اهو ئي خچر آهي؟ جنهن تي تون سوار ٿي آئي هئينءَ يا کو ٻيو تيز هلڻ وارو خچر تو خريد ڪيو آهي؟ بالآخر جڏهن اسان پنهنجي گهر پهتاسين اتي تمام سخت ڏڪار پيل هو ۽ جانورن جي ٿڻن ۾ کير سکي چڪو هو پر منهنجي گهر ۾ پير رکندي ئي منهنجي ٻڪرين جا ٿڻ کير سان ڀرجي ويا. هاڻي روز منهنجون ٻڪريون جڏهن چري گهر واپس اينديون هيون تہ انهن جا ٿڻ کير سان ڀريل هوندا هئا. جڏهن تہ پوري ڳوٺ ۾ ڪنهن ٻئي کي پنهنجي جانورن مان کير جو هڪ ڦُڙو بہ نہ ملندو هو. منهنجي قبيلي وارن پنهنجي ڌنارن کي چيو تہ توهان بہ پنهنجي جانورن کي انهي جڳهہ چاريو جتي حليمہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جا جانور چرن ٿا. اهڙي طرح سڀ ماڻهو انهي جاءِ تي پنهنجا جانور چارڻ لڳا جتي منهنجون ٻڪريون چرنديون هيون پر هتي تہ چراگاهہ (يعني چرڻ جي جڳهہ) ۽ جهنگ جو تہ ڪوبہ عمل دخل نہ هو هي تہ رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي برڪتِ نبوت جو فيض هو جنهن کي مون ۽ منهنجي مڙس کان سواءِ منهنجي قوم جو ڪوبہ شخص نٿي سمجهي سگهيو2.

مطلب تہ اهڙي طرح اسان هر وقت هر قدم تي لڳاتار رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪتن جو مشاهدو ڪندا رهياسين ايسيتائين جو بہ سال پورا ٿي ويا ۽ مون

---

[1] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص20،19 ملخصاً ولموهب اللدينة مع شرح الزرقائي، ذڪر رضاعه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج1، ص 79

[2] مدارج النبوت، قسم دوم، باب اول، ج2، ص20، ملتقطاً

حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪير پيارڻ ڇڏائي ڇڏيو. حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تندرستي ۽ نشونما جو حال ٻين ٻارن کا ايترو سنو هو جو ٻن سالن ۾ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تمام وڏا معلوم ٿيڻ لڳا، هاڻ اسان دستور موجب رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ان جي والده وٽ وٺي آياسين ۽ ان حسبِ توفيق اسان کي انعام ۽ اڪرام سان نوازيو[1].

توڙي جوقاعدي موجب هاڻي اسان کي رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پاڻ وٽ رکڻ جو ڪوبہ حق نہ هو پر حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوت جي برڪت جي ڪري هڪ گهڙي جي لاءِ بہ اسان کي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جدائي پسند نہ هئي. عجيب اتفاق جو ان سال مڪي معظّمہ ۾ وبائي بيماري پکڙيل هئي تنهنڪري اسان ان وبائي بيماري جو بهانو ڪري حضرت بيبي آمنہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کي راضي ڪري ورتو ۽ پوءِ رحمتِ عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي واپس پنهنجي گهر آندو ۽ پوءِ اسان جو گهر رحمتن ۽ برڪتن جي کاڻ بڻجي ويو ۽ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ نهايت خوش و خرم رهڻ لڳا جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجھ وڏا ٿيا تہ گهر کان ٻاهر نڪرندا ۽ ٻين ٻارن کي کيڏندي ڏسندا هئا پر پاڻ هميشہ هر قسم جي راند روند کان پري رهندا هئا[2]. هڪ ڏينهن مون کي چوڻ لڳا تہ پياري امان! منهنجا ڀيا ڀائر ڀينرون سڄو ڏينهن نظر نٿا اچن اُهي هميشہ صبح جو اٿي روزانو ڪاڏي هليا ويندا آهن؟ مون چيو اهي ٻڪريون چارڻ ويندا آهن اهو ٻڌي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مهربان امان! توهين مون کي بہ منهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ موڪليندیون ڪريو. تڏهن رحمت عالَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اصرار کان مجبور ٿي حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا پنهنجي ٻارن سان گڏ ٻڪريون چارڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ حَضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو جتي حضرت حليمہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جون ٻڪريون چرنديون هيون اُتي

[1] شرح الزرقاني علي المواهب، من خصائصه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،ج1،ص 279، الموهب اللدينة، ذڪر رضاعه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، ج1 ص 82

[2] شرح الزرقاني علي الموهب، من خصائصه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،ج 1، ص 278 ماخوذاً

تشريف کڻي ويندا رهيا ۽ ٻڪريون چراگاهہ ۾ ڪاهي وڃي انهن جي سار سنڀال ڪرڻ لڳا، جيڪا تمام انبياءِ ڪرام ۽ رسولن عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سنّت آهي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي عمل سان نندپڻ ۾ ئي پنهنجي هڪ خصلتِ نبوت جو اظهار فرمائي ڇڏيو[1].

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي باري ۾حضرتِ سَيدُنا شاهہ وَلِي الله محدثِ دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان هڪ ڀيرو ان محفلِ ميلاد ۾ حاضر ٿيس، جيڪا مڪي شريف ۾ رَبِيعُ الاَوَّل جي ٻارهين تاريخ تي مولدُ النبي (يعني سرڪارصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت گاهہ) ۾ منعقد ٿي، جنهن وقت ولادت جو ذڪر پڙهيو پئي ويو تہ مون ڏٺو تہ اوچتو ان مجلس مان ڪجهہ انوار بُلند ٿيا، مون انهن انوارن تي غور ڪيو تہ معلوم ٿيو تہ اهي رحمتِ الٰهي ۽ انهن ملائڪن جا انوار هئا جيڪي اهڙين محفلن ۾ حاضر ٿيندا آهن- (سيرتِ مصطفي ،ص ٧٢-٧٣)

اے فَرشیو مبارک اے عَرشیو مبارک دونوں جہاں کے سرور تشریف لا رہے ہیں

(وسائلِ بخشش مرمَّم،ص٣٠١)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ جشنِ عيد ميلادُالنبي جي محفل ۾ ربّ ڪريم جي رحمتن جو نزول ٿيندو آهي، اَنوارِ الٰهي جي برسات ٿيندي آهي، رحمت جا ملائڪ ميلاد شريف جي محفلن ۾ شريڪ ٿيندا آهن ۽ ميلاد ملهائڻ وارن ڪي پنهنجي نوراني پرن سان گهيري وٺندا آهن، ميلاد شريف ملهائڻ وارن سان رب ڪريم خوش ٿيندو آهي ۽ ان تي پنهنجن انعامن ۽ نوازشن جي بارش بہ ڪندو آهي. يقيناً ميلاد شريف ملهائڻ، ميلاد جي مهيني ۾ پنهنجن گهرن، محلي جي گهٽين بلڪ پنهنجي گاڏين کي مدني پرچمن،

[1] مدارج النبوت، قسمِ دوم، باب اول، ج 2، ص21

جڳمڳ ڪندڙ ڦمڦمن، رنگ برنگي لائٽن سان سجائڻ، ربيع الاوّل جو چنڊ نظر ايندي ئي نيڪ عمل ۽ درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ ۽ ميلاد شريف جي محفلن ۾ شرڪت ڪرڻ اجر ۽ ثواب جو سبب ۽ مغفرت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ جڏهن بہ سنتن ڀري اجتماع يا مدني مذاڪري ۾ حاضريءَ جي سعادت ملي تہ باادب انداز ۾ توجهہ سان ٻڌڻ جي عادت بڻايون. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

خليفہءِ مفتيءِ اعظم هند، محدثِ اعظم حجاز حضرت شيخ سيد محمد بن علوي مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: منهنجي والد حضرت سَيد عباس مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻڌايو: آئون بيتُ المقدس ۾ ٻارهين شريف جي رات محفلِ ميلاد ۾ شريڪ هئس، مون ڏٺو تہ هڪ پوڙهو شخص ابتداء کان وٺي آخر تائين انتهائي ادب ۽ احترام سان ويهي محفل ميلاد ۾ شريڪ هو، جڏهن ڪنهن سڄي محفل ويهي ٻڌڻ جو سبب پڇو تہ ان ٻڌايو تہ هو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪرِ خير ٻڌڻ وقت تعظيم طور ويهڻ کي بدعتِ سيئہ (برو عمل) سمجهندو هيو. هڪ ڏينهن خواب ۾ ڏٺو تہ هو هڪ تمام وڏي اجتماع ۾ شريڪ آهي ۽ ماڻهو نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو استقبال ڪرڻ جي لاءِ بيٺا آهن، جڏهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد ٿي تہ تمام ماڻهن اِنتهائي ادب ۽ اِحتِرام سان حُضُور جو استقبال ڪيو، پر اهو سندن جي تعظيم ۾ بيٺو نہ هو، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي فرمايو: "**تون هاڻي بيهي نہ سگهندين**"جڏهن ان جي اک کلي تہ ان ڏٺو تہ اهو ان وقت بہ وينل آهي. ان پريشاني ۾ هڪ سال گُذري ويو پر اهو بيهي نہ سگهيو، آخرڪار ان اها باس باسي تہ جيڪڏهن اللّٰہ پاڪ مون کي ان مرض کان شفاياب فرمايو تہ مان محفلِ ميلاد شُروع کان آخر تائين بيهي ٻڌندس. ان باس جي برڪت سان اللّٰہ پاڪ ان کي صحت عطا فرمائي، هاڻي ان جو اهو معمول بڻجي ويو تہ هو سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعظيم ۾ سڄي محفل بيهي ٻڌندو آهي. (الاعلام بفتاوي ائمۃ الاسلام حول مولده عليه السلام ص ٩۴)

تِرا نام لے کر جو مانگے وہ پائے ترا نام لیوا ہے پیارا خدا کا
تِرے رُتبہ میں جس نے چُون و چَرا کی نہ سمجھا وہ بدبخت رُتبہ خدا کا
(ذوقِ نعت،ص۵۸۔۵۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ربيع الاول اهو مبارڪ ۽ عظمت ڀريو مهينو آهي جنهن جو عاشقانِ رسول ڇڻ تہ سڄو سال انتظار ڪندا آهن. هن مهيني جي ايندي ئي سڄي دنيا جا مسلمان پنهنجي محبوب آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو **يومِ ولادت** وڏي شان ۽ شوڪت ۽ نهايت عزّت ۽ احترام سان ملهائيندا آهن، رَبيعُ الاوّل جو چنڊ نظر ايندي ئي غلامانِ مصطفي ۽ عاشقانِ ميلاد خوشي سان جهومي پوندا آهن، ڇڻ هر پاسي بهار جو نظارو هوندو آهي، باغِ اُلفت سرسبز ٿي ويندو آهي، دلين جون مڪڙيون ٽڙڻ لڳنديون آهن ۽ خوش نصيبن جي لبن تي نعت ۽ دُرود و سلام جا وِرد جاري ٿي ويندا آهن، عاشقانِ رسول پنهنجا گهر، گهٽيون، جايون، دڪان ۽ بازار سجائيندا آهن ۽ **اجتماعِ ميلاد ۽ محفلِ دُرود** جون ايندڙ صَلِّ عَلٰی جون صدائون ٻڌي ڪن ٺري پوندا آهن ۽ چو نہ ٺرن جو ربيع الاول جي مهيني ۾ اهي نور وارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي آيا، جن جي نور سان هي ڪائنات روشن آهي، جن جي نور سان زمين ۽ آسمان روشن آهن، جن جي نور سان سج ۽ چنڊ روشن ٿيا، جن جي نور سان تارن ۽ ڪهڪشائن ۾ روشني آهي، جن جي نور سان اونداهيون ختم ٿيون، جن جي نور سان جهالت جا انڌيرا ختم ٿي ويا، جن جي نور سان گمراهن کي هدايت جي واٽ ملي ۽ اهي ٻتڪيل ماڻهو، ان نورِ مجسم، شفيعِ معظم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان نور جي خيرات ماڻي چنڊ تارا بڻجي خود نُور جون روشنيون ورهائڻ لڳا. اهي نور وارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻارهن (12) ربيعُ الاول جي ڀلاري ڏينهن هن ڪائنات ۾ جلوه افروز ٿيا.

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، مٺي جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سهڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين هاڻي اسان حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مختلف معجزن جي باري ۾ ٻڌنداسين

روشن چهرو

(1) حضرتِ سَيدُنا اَسِيد بن اَبي اناس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري منهنجي چِهري ۽ سيني تي پنهنجو نوراني هٿ ڦيريائون، ان جي بَرَڪت هي ظاهر ٿي ته مان جڏهن به ڪنهن اونداهي گهر ۾ داخِل ٿيندو آهيان، اهو گهر روشن ٿي ويندو آهي. (الخَصائِصُ الڪبْري،٢ /١٣٢وتاريخ دمشق،٢١/٢٠)

لٺ روشن ٿي وئي

(2)حضرت سيدنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ بيان فرمائن ٿا ته ٻه صحابي حضرت اُسيد بن حضير ۽ عباد بن بشر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا اونداهي رات ۾ گهڻي دير تائين حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گفتگو ڪندا رهيا، جڏهن هي ٻئي بارگاهه رسالت مان پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا ته هڪ جي لٺ (Stick) خود بخود روشن ٿي وئي ۽ هو ٻئي انهيءَ لٺ جي روشني ۾ هلندا رهيا جڏهن ڪجهه پري هليا تان جو ٻنهي جي گهرن جي واٽ جدا ٿي ته ٻئي جي لٺ به روشن ٿي وئي ۽ ٻنهي پنهنجي پنهنجي لٺ جي روشني جي سهاري سخت اونداهي رات ۾ پنهنجي پنهنجي

گهرن تائين پهچي ويا. (مشكاة المصابيح،كتاب الفضائل والشمائل،باب الكرامات، الحديث:۵۹۴۴، ج۲، ص۳۹۹)

وڻ جي ٽاري روشن ٿي وئي

(3) حضرت ابوسعيد خدري رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت قتاده بن نعمان رضی اللہ عنہ حضور صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان عشاء جي نماز پڙهي، سخت انڌيري رات ۾ آسمان تي ڪارا ڪڪر هئا، روانگي مهل نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي دست مبارڪ سان انهن کي وڻ جي هڪ ٽاري عطا فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون تہ توهان بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي پنهنجي گهر وڃو! اها ٽاري توهان جي هٿ ۾ ائين روشن ٿي ويندي جو ڏهہ ماڻهو توهان جي اڳيان ۽ ڏهہ ماڻهو توهان جي پويان ان جي روشني ۾ هلي سگهندا ۽ جڏهن توهان گهر پهچندؤ تہ هڪ ڪاري شيء کي ڏسندؤ ان کي ماري گهران ڪڍي ڇڏجو، پوءِ ائين ئي ٿيو جيئن ئي حضرت قتاده رضی اللہ عنہ رسول ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ گهر مان نڪتا تہ اها ٽاري روشن ٿي وئي ۽ اهي ان جي روشني ۾ هلي پنهنجي گهر پهچي ويا ۽ ڏٺائون تہ اتي هڪ ڪاري شيء موجود آهي پاڻ فرمان نبوت مطابق ان کي ماري گهران ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. (المسند للامام احمد بن حنبل،مسندابي سعيد الخدري،الحديث:۱۱۶۲۴،ج۴،ص۱۳۱)

دستِ مبارڪ جي برڪت

(4) حضرت عائذ بن سعيد جسري رضی اللہ عنہ رسولُ الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ تيا ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اوهان منهنجي چهري تي پنهنجو مبارڪ هٿ ڦيريو ۽ برڪت جي دُعا ڪريو، حضورِ انور، رسولن جي افسر صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ائين ئي ڪيو (يعني اُن جي چهري تي هٿ ڦيريائون ۽ برڪت لاء دُعا ڪيائون) اُن وقت کان حضرت عائذ رضی اللہ عنہ جو چهره ترو تازه ۽ نوراني رهندو هو. (الاصابه في تمييز الصحابه،عائذ بن سعيد ،۲۹۳/۳،رقم ۴۴۶۲)(سيرتِ رسولِ عربي صفحه۲۶۵)

چھرو چمڪندو ھو

(5) حضرت ابو سِنان عبدي صباحي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي چھري تي رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنھنجو مبارڪ ھٿ ڦيريائون، انھن جي عمر 90 سال جي ٿي وئي پر سندن جو چھرو بجلي جيان چمڪندو ھو. (الاصابه في تمييز الصحابه،ابو سنان العبدي ثم الصباحي ،٧/١٦٣،رقم١٠٠٦٦)

میں گدا تُو بادشاہ بھر دے پیالہ نور کا نور دن دُونا ترا دے ڈال صدقہ نور کا
تاج والے دیکھ کر تیرا عمامہ نور کا سر جھکاتے ہیں الٰہی بول بالا نور کا
جو گدا دیکھو لئے جاتا ہے توڑا نور کا نُور کی سرکار ہے کیا اس میں توڑا نور کا

(حدائق بخشش،ص:٢٤٥)

سرڪار جي آمد...مرحبا، سردار جي آمد ...مرحبا، آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا، رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا، پياري جي آمد ...مرحبا، سني جي آمد ... مرحبا، سچي جي آمد ...مرحبا، سھڻي جي آمد ...مرحبا، دلبر جي آمد ...مرحبا... مرحبا، مُختار جي آمد ...مرحبا، پُرنور جي آمد ...مرحبا، سراپا نور جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! تہ جيڪي سراپا نور آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪنھن جي چھري تي دستِ پُرانوار ڦيرين تہ اھو روشني ڏيڻ لڳي، جيڪي سراپا نور آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم لنين ۽ ٿارين تي توجھ فرمائن تہ اھي برقي قمقمي جيان روشن ٿي وڃن تہ اھڙي نوراني آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پنھنجي نورانيت جو ڇا عالم ھوندو، ھنن واقعن مان اھو بہ معلوم ٿيو تہ ! پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذات بظاھر بشريت ھئي پر حقيقت ۾ پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ **مٿي کان پيرن تائين نور ئي** نور ھئا.

روشن کر قبر بیکسوں کی اے شمعِ جمالِ مصطفائی
اندھیر ہے بے ترے مرا گھر اے شمعِ جمالِ مصطفائی
آنکھوں میں چمک کے دل میں آجا اے شمعِ جمالِ مصطفائی
تاریک ہے رات غمزدوں کی اے شمعِ جمالِ مصطفائی
پُر نور ہے تجھ سے بزمِ عالم اے شمعِ جمالِ مصطفائی

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيار اسلامي ڀائرو! حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي دعا جو ايترو تہ اثر هوندو هو جو جڏهن سندن هٿ مبارڪ کڻندا هئا تہ ڪم بڻجي ويندا هئا اچو سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي دعا جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا

ڪڪر هٽي ويا

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ عرب ۾ نهايت ئي سخت ڏڪار پئجي ويو هو ان وقت جڏهن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم خطبي لاءِ منبر تي چڙهيا تہ هڪ اعرابي (عرب شريف جي ڳوناٺي) اٿي بيهي فرياد ڪئي تہ يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم برسات نہ پوڻ سبب جانور هلاڪ ۽ ٻار ٻچا بک کان تباهہ ٿي رهيا آهن تنهنڪري توهان دعا فرمايو تہ مينهن وسي. ان وقت آسمان تي ڪڪرن جو ڪو نالو نشان نہ هو پر جيئن ئي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم پنهنجا هٿ مبارڪ کنيا تہ هر طرف کان جبلن وانگر ڪڪر اچي ڇائنجي ويا ۽ اجان رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم منبر تان لٿا بہ ڪونہ هئا تہ برسات جا ڦڙا پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جن جي نوراني ڏاڙهي مبارڪ تي ڪرڻ لڳا ۽ انن ڏينهن تائين زوردار برسات ٿيندي رهي ايتري تائين جو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ٻئي جمعي تي خطبي جي لاءِ جڏهن منبر تي رونق افروز ٿيا تہ اهو ئي اعرابي يا ڪو ٻيو اٿي بيهنو ۽ وڏي آواز سان فرياد ڪرڻ لڳو تہ يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم گهر ڪري پيا ۽ مال ۽ جانور هلاڪ

ٿي ويا تنهنڪري توهان دعا فرمايو تہ برسات بند ٿي وڃي. اهو ٻڌي رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وري پنهنجا هٿ مبارڪ کنيا ۽ هي دعا فرمائي تہ ”اَللّٰهُمَّ حَوَالَيۡنَا وَلَا عَلَيۡنَا“ اي الله! اسان جي آسپاس برسات ٿئي ۽ اسان تي نہ ٿئي پوءِ حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڪرن جي طرف پنهنجي دست مبارڪ سان اشارو فرمايو تہ مديني جي آسپاس کان ڪڪر هٽي ويا ۽ مديني ۽ ان جي آسپاس ۾ برسات بند ٿي وئي.[1]
(بخاري جلد 1 ص 127 باب الاستسقاء في الجمعة)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا انهن معجزن کان علاوه بہ بيشمار معجزا آهن اچو انهن مان برڪت وارن ڪجھ معجزن جي باري ۾ ٻڌون ٿا: جيئن تہ

حضرت ابو هريره ۽ هڪ پيالو کير

هڪ ڏينهن حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ بک کان بيحال ٿي رستي تي ويهي رهيا. حضرت ابوبڪرصديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ پرسان گذريا تہ انهن کان هن قرآن جي هڪ آيت معلوم ڪئي مقصد اهو هو تہ شايد هو مونکي پنهنجي گهر وٺي وڃي ڪجھ کارائيندا پر انهن رستي تان گذرندي آيت ٻڌائي ۽ هليا ويا. پوءِ حضرت عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ ان رستي تان گذريا انهن کان بہ هن هڪ آيت جو مطلب پڇيو، مقصد ساڳيو ئي هو تہ ڪجھ کارائيندا پر هو بہ مطلب ٻڌائي هليا ويا. ان کان پوءِ حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي آيا ۽ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي منهن کي ڏسي پنهنجي خداداد بصيرت سان ڄاڻي ورتائون تہ هي ”بکيا آهن“. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي سڏ ڪيو، انهن جواب ڏنو ۽ گڏ هلڻ لڳا جڏهن پاڻ ڪاشانهءِ نبوت تي پهتا تہ گهر ۾ کير سان ڀريل هڪ پيالو ڏٺائون

[1] (صحيح البخاري، ڪتاب الاستسقاء، باب من تمطر في المطر ... الخ، الحديث: 1033، ج 1، ص 353)

گهروارن کين ان ماڻهوءَ جو نالو ٻڌايو جنهن کير هديو موڪليو هو. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو ته وڃ ۽ سيني اصحابِ صفه کي سڏي ڪري اچ. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي دل ۾ سوچڻ لڳا ته هڪ ئي پيالو ته کير آهي ان کير جو وڌيڪ حقدار ته مان هئس جيڪڏهن مونکي ملي وڃي ها ته مون کي بُک جي تڪليف کان ڪجهه راحت ملي وڃي ها هاڻي ڏسون ته اصحابِ صفه جي اچڻ کان پوءِ پلا ان مان ڪجهه مونکي ملي به ٿو يا نه؟ انهن جي دل ۾ اهي ئي خيال هلي رهيا هئا پر الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ڪانسواءِ ڪو حيلو نه هو: تنهنڪري هو اصحاب صفه کي سڏي وٺي آيا هي سيئي ماڻهو پنهنجي پنهنجي جڳهه تي هڪ قطار ۾ ويهي رهيا. پوءِ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو ته ”تون پاڻ ئي انهن سيني کي کير پيئار“ اهڙي طرح انهن سيني کي پيئارڻ شروع ڪيو جڏهن سيئي پيٽ ڀري پي سيراب ٿي ويا ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي رحمت وارن هٿن ۾ اهو پيالو ڪنيو ۽ حضرت ابو هريره جي طرف ڏسي مسڪرايو ۽ فرمايائون ته هاڻي صرف مان ۽ تون رهجي ويا آهيون اچ ويهه ۽ تون پيئڻ شروع ڪر. انهن پيٽ ڀري کير پيتو ۽ پيالو رکڻ چاهيو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ”اجان پيءُ“ تنهنڪري انهن ٻيهر پيتو پر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هرهر فرمائيندا رهيا ته ”اجان پيءُ اجان پيءُ“ ايتري تائين جو حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ عرض ڪيو يارسول الله! (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) مونکي ان ذات جو قسم آهي جنهن توهان کي حق بڻائي موڪليو آهي ته هاڻي منهنجي پيٽ ۾ بلڪل به گنجائش ناهي رهي. ان کان پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پيالو پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو ۽ جيڪو کير بچيو هو رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بسم الله پڙهي پي ڇڏيو.[1] (بخاري جلد 2 ص 955 کان 956 باب ڪيف ڪان عيش النبي)

---

[1] (صحيح البخاري، ڪتاب الرقاق، باب ڪيف ڪان عيش النبي ... الخ، الحديث: 6452، ج 4، ص 234)

هي ئي اهو معجزو آهي جنهن جي طرف اشارو ڪندي اعليٰ حضرت فاضل بريلوي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جن فرمايو ته

ڪيوں جناب بوہریرہ کیسا تھا وہ جام شیر
جس سے ستر صاحبوں کا دودھ سے منہ پھر گیا

آڱرين مبارڪ مان پاڻي جون نهرون

حديثن جي تلاش ۽ جستجو مان معلوم ٿئي ٿو ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ آڱرين مان تقريباً ٽيرنهن موقعن تي پاڻي جون نهرون جاري ٿيون انهن مان صرف هڪ موقعي جو ذڪر هتي تحرير ڪجي ٿو.

سن 6 هجري ۾ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عمري جو ارادو ڪري مدينه منوره کان مڪه مڪرمه لاءِ روانا ٿيا ۽ حديبيه جي ميدان ۾ لهي پيا. ماڻهن جي گهڻائيءَ سبب حديبيه جو کوهه سُڪي ويو ۽ حاضرين پاڻي جي هڪ هڪ ڦُڙي لاءِ محتاج ٿي ويا. ان وقت رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رحمت جو درياء جوش ۾ اچي ويو ۽ پاڻ هڪ وڏي پيالي ۾ پنهنجو هٿ مبارڪ رکي ڇڏيائون ته پاڻ (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي مبارڪ آڱرين مان ائين پاڻي جون نهرون جاري ٿي ويون جو پندرنهن سو جو لشڪر سيراب ٿي ويو. ماڻهن وضو ۽ غسل به ڪيو، جانورن کي به پيئاريو، تمام گلين ۽ ٿانوَن کي به پري ڇڏيو. پوءِ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پيالي مان هٿ مبارڪ ڪڍيو ۽ پاڻي ختم ٿي ويو. حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ماڻهن کان پڇيو ته ان وقت توهان گهڻا ماڻهو هئا؟ ته انهن فرمايو اسان پندرنهن سو جي تعداد ۾ هئاسين پر پاڻي ايترو گهڻو هو جو،

لَوۡكُنَّا مِائَةَ اَلۡفٍ لَكَفَانَا[1]

(مشڪوات جلد 2 ص 532 باب المعجزات)

جيڪڏهن اسان ماڻهو هڪ لک به هجون ها ته سيني کي اهو پاڻي ڪافي ٿي

[1] (مشكاة المصابيح، كتاب احوال القيامة وبدء الخلق، باب المعجزات، الحديث: 5882، ج 2، ص 383)

وجي ها. اها حديث بخاري شريف ۾ بہ آهي ۽ حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان علاوه حضرت انس ۽ حضرت براء بن عازب رَضِیَ اللہُ عَنْہُما جي روايتن مان بہ آڱرين مان پاڻي جون نهرون جاري ٿيڻ جون حديثون مروي آهن ملاحظ فرمايو. (بخاري جلد 1 ص 504، 505 علامات النبوة)

سبحان الله! انهيءَ ئي حسين منظر جي تصوير ڪشي ڪندي اعليٰ حضرت فاضل بريلوي رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ ڇا خوب فرمايو آهي:

انگلیاں ہیں فیض پر ٹوٹے ہیں پیاسے جھوم کر
ندیاں پنجِ آبِ رحمت کی ہیں جاری واہ واہ

قبرانور مان ماني ملي

مشهور بزرگ ۽ صوفي حضرت سيّدُنا ابن جلاد رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جو بيان آهي تہ مان مديني منوره ۾ داخل ٿيس ۽ بکايل هئس مان قبر انور تي حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يا رسول الله! (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) مان توهان جو مهمان آهيان ايترو عرض ڪري مان سمهي پيس. خواب ۾ حضورانور (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) مونکي هڪ ماني عنايت فرمائي اڌ مون کائي ڇڏي جڏهن منهنجي اک کلي تہ اڌ ماني منهنجي هٿ ۾ هئي.[1]

امام طبراني کي کاڌو کيئن مليو

امام ابو بڪر مقري چون ٿا تہ مان، امام طبراني ۽ ابو شيخ ٽئي حرمِ نبوي ۾ بکايل هئاسين جڏهن عشاء جو وقت ٿيو تہ مان قبر شريف وٽ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! "اسان بکارا آهيون" اهو عرض ڪري مان واپس موٽي آيس. امام ابو القاسم طبراني مونکي چيو ويهي رهہ رزق

[1] (وفاء الوفا للسمهودي، الفصل الثالث في توسل الزائر ... الخ، ج 2، ص 1380، 1381)

ايندو يا موت. ابو بڪر مقري جو بيان آهي مان ۽ ابوشيخ ته سمهي پياسين پر امام طبراني وينا هئا ته هڪ علوي اچي دروازو کڙڪايو اسان کوليو ته ڇا ٿا ڏسون ته ان سان گڏ ٻه غلام آهن جن مان هر هڪ جي هٿ ۾ هڪ ٽوڪري آهي جيڪا قسم قسم جي کاڌن سان پريل آهي. اسان ويهي کاڌو ۽ سمجهيو ته بچيل کاڌو غلام کڻي ويندو پر هو بقايا کاڌو به اسان وٽ ڇڏي هليو ويو. جڏهن اسان کائڻ کان فارغ ٿياسين ته علوي اسان کان پڇيو ته ڇا توهان حضورنبيّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرياد ڪئي هئي ڇو ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ مونکي حڪم ڏنو ته مان توهان وٽ ڪجهه کاڌو کڻي وڃان.[1]

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي اسان ٽيلي ٿون جي باري ۾ ٻڌنداسين.

ٽيلي ٿون جي ترغيب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ تقريبًا 104 کان وڌيڪ **شعبن** جي ذريعي دِين و سنّت جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن شعبن ۾ **جامعة المدينہ** ۽ **مدرسة المدينہ** به شامل آهن، جتي قرآن پاڪ ۽ علمِ دين جي تعليم في سبيل الله ڏني ويندي آهي، سڄي دنيا ۾ تقريبًا 3000 کان وڌيڪ **مدارس المدينہ** ۾ 144000(هڪ لک چوئيتاليهه هزار) کان وڌيڪ مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون قرآني تعليم سان پاڻ کي آراسته ڪري رهيا آهن، جڏهن ته هاڻي 300000 (ٽي لک) کان وڌيڪ مدني مُنّا ۽ مدني مُنّيون حفظ ۽ ناظره جي سعادت حاصل ڪري چڪيون آهن، جڏهن ته سڄي دنيا ۾ 606 **جامعات المدينہ** ۾ 50000 (پنجاهه هزار) کان **وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون** دِيني تعليم پرائڻ ۾ مشغول آهن، صرف هنن ٻن شعبن جا اخراجات سالانہ **ڪروڙين روپيا** آهن.

اِنْ شَآءَاللّٰہ 24 نومبر2019، متوقع 26 ربيع الاول آچر جي ڏينهن 02:00 وڳي

[1] (وفاء الوفا للسمهودي، الفصل الثالث في توسل الزائر ... الخ، ج 2، ص 1380، 1381)

ايندڙ ڏينهن صبح 05:00 وڳي تائين **ٽيلي ٿون** (Telethon) جو سلسلو ٿيندو. پاڪستاني ڪرنسي جي مطابق في يونٽ:10 هزار روپيه جو هوندو.

پياري آقا، بنهين جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ غيب نشان آهي :”آخري زماني ۾ دِين جو ڪم بہ دِرهم ۽ دِينار سان ٿيندو.“ (المعجم الكبير، ٢٠/٢٧٩،حديث:٦٦٠،ملخصاً) اڄ جي دور جا جيڪي تقاضا آهن اهي ڪنهن سان لڪيل نہ آهن، ان ڪري دِين جي ڪمن ۾ تعاون جي لاءِ پنهنجي صدقات، عطيات ۽ خيرات وغيره سان تعاون فرمايو، اِنْ شَآءَاللّٰه اوهان جو ڏنل صدقو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪوڙ فائدن جو سبب بڻجندو،

اِمامِ اهلسنّت، مجدّدِدِين و ملّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن فتاويٰ رضويہ جلد 23،صفحي 152 تي صدقي جي فضيلتن بابت حديث مبارڪ مان حاصل ٿيل جيڪي فائدا ذڪر ڪيا آهن، تنهن ۾ هي بہ آهن: ❖ **الله** پاڪ جي حڪم سان (صدقو ڏيندڙ) بُري موت کان بچندا، ستّر دروازا بُري موت جا بند ٿيندا. ❖ ان(صدقو ڏيندڙ) جون عُمرون گهٽيون ٿينديون. ❖ (صدقو ڏيندڙن وٽ) رزق جي وسعت، مال جي گهڻائي ٿيندي، ❖ (۽ صدقو ڏيندڙ) صدقو ڏيڻ جي عادت سبب ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيندڙ) خير و برڪت ماڻيندا. ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) آفتون بلائون پري ٿينديون، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) بُري قضا ٽرندي، ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) ستر (70) دروازا برائي جا بند ٿيندا. ❖ (صدقو ڏيندڙن کان) ستر(70) قِسم جون بلائون پري ٿينديون. ❖ (صدقو ڏيندڙن سان) مددِ الٰهي شامل ٿيندي. ❖ رحمتِ الٰهي انهن (يعني صدقو ڏيندڙن) جي لاءِ واجب ٿيندي. ❖ ملائڪ اُنهن (يعني صدقو ڏيندڙن) تي درود موڪليندا.

ان کان علاوه بہ ڪوڙ دِيني ۽ دنيوي فائدا آهن جيڪي صدقي ڏيڻ سان حاصل ٿين ٿا، تنهنڪري ضرور بالضرور اوهان پاڻ بہ ٽيلي ٿون مهم ۾ تعاون ڪريو، پنهنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ان ۾ يونٽ جمع ڪرايو،

وڏيڪ نہ هجي تہ گهر جي هر فرد جي طرفان گهٽ ۾ گهٽ هڪ يونٽ تہ ضرور جمع ڪرايو ۽ ٻين ڪي بہ ان جي ترغيب ڏياريو، يونٽ جمع ڪرڻ جو پنهنجو ڪو هدف ٻڌائي هيئنر ڪان ئي ان جي لاءِ رابطا شروع ڪري ڇڏيو. الله پاڪ اوهان کي جزاءِ خير عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع پڑهيا ويندڙ درود شريف

﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرا پڑهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو : جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڑهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

(3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

(4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

(5)قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

[1]...القول البديع،الباب الثانى، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الثانية والخمسون،ص149

[3]...القول البديع،الباب الاول،ص125

(6) دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف ڪي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف ڪي پڙهڻ واري جي لاءَ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

(1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3] ... تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:٤٤١٥

12 نومبر 2020 تي پاڪستان جي هفتہ وار اجتماع ۾ ٿيندڙ بيان

سپ کان وڌيڪ سخي

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ!

- ❖ **سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جي سخاوت**
- ❖ صدقي جا فضائل ۽ برڪتون
- ❖ سپ کان وڌيڪ سخي ڪير؟
- ❖ سخاوت جي فضيلتن تي 5 فرامينِ مصطفٰي

پيشڪش

المدينة العلميہ

(شعبہ بياناتِ دعوت اسلامي)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

سب ڪان وڏيڪ سخي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ کائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

حضور جي مرڪڻ سان سُئي ملي وئي

اُمُّ المؤمِنين حضرتِ سيدَتُنا عائشہ صدّيقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا **سَحري جي وَقت ڪجھ سبي رهيون هيون، اوچتو هٿان سُئي ڪري پئي ۽ چَراغ (Lamp) بہ وسامي ويو. ايتري ۾ رَحمتِ عالم، نورِمجسَّم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن تشريف فرما ٿيا. نوراني چهري جي روشني سان سڄو گهر روشن ٿي پيو، ايستائين جو سُئي بہ ملي وئي. اُمُّ المؤمِنين** رَضِیَ اللهُ عَنْهَا **عرض ڪيو: يارَسُولَ الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ**! اوهان جو چهرو ڪيترو روشن آهي. سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايائون: وَيلٌ لِّمَنْ لَّا يرَانِي يوْمَ الْقِيامَةِ. يعني ان شخص جي لاءِ هلاڪت آهي جيڪو مون کي قيامت جي ڏينهن ڏسي نہ سگهندو. عرض ڪيو: اهو ڪير آهي جيڪو اوهان کي قيامت جي ڏينهن نہ ڏسي سگهندو. فرمايائون: اهو بَخيل آهي. پڇيائون: بَخيل ڪير؟**

ارشاد فرمايائون: اَلَّذِی لَا یُصَلِّیۡ عَلَیَّ اِذْ سَمِعَ بِاِسْمِی، جنهن منهنجو نالو ٻڌو ۽ مون تي دُرُودِ پاڪ نہ پڙهيو. (القول البديع،الباب الثالث في التحذير من ترک الصلاة ۔۔۔الخ، ص۳۰۲)

عالم سڳورا فرمائن ٿا: هر مسلمان تي عمر ۾ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ فرض ۽ هر مجلس ۾ جتي بار بار حضورِاڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ نالو ورتو وڃي هڪ ڀيري واجب آهي ۽ هر ڀيري (جڏهن نالو اچي تہ درود پڙهڻ) مستحب آهي. (مرآة المناجيح، ۹۷/۲)

سُوزَنِ گُمشُدہ ملتی ہے تبسُّم سے ترے   شام کو صُبح بناتا ہے اُجالا تیرا

مختصر وضاحت: يعني اسان جي پياري آقا، نور واري مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مرڪڻ سبب اهڙو نُور نڪرندو آهي جنهن جي روشني ۾ گم ٿيل سُئي ملي ويندي آهي، جڏهن تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مان نڪرڻ وارو نور رات جي اونداهي کي ڏينهن جي سوجهري ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "نِیَّۃُ الْمُؤْمِنِ خَیْرٌ مِّنْ عَمَلِہ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وِڇائي ويهندس

۞ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ۞ ڏِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان جو موضوع آهي "سپ کان وڌيڪ سخي" جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين ❖ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سخاوت❖ صدقي جا فضائل و برڪات ❖ سخاوت جي فضيلتن تي 5 فرامينِ مصطفٰي ❖ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت جا واقعا❖ جامعات المدينہ ۽ مدارس المدينہ جو تعارف

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سخاوت:

حضرت عبدالله هَوزَني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن کان روايت آهي تہ مقامِ حَلَب (شام) ۾ مؤذنِ رسول حضرت سَيِّدنَا بِلال رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن سان منهنجي ملاقات ٿي ۽ مان ان کان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خرچ جي باري ۾ پڇيو، تہ انهن ٻڌايو تہ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وٽ جيڪو ڪجهہ (مال) هوندو هو، ان کي خرچ ڪرڻ جي ذمہ داري منهنجي هوندي هئي، بعثت کان وفات شريف تائين هي ڪم منهنجي حوالي رهيو. جڏهن ڪو بي لباس مسلمان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وٽ ايندو هو تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي حڪم فرمائيندا هئا ۽ مان ڪنهن کان قرض وٺي ۽ چادر خريد

ڪري ان ڪي پهرائيندو ۽ ڪاڏو ڪارائيندو هيس. هڪ ڏينهن هڪ مُشرِڪ مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: اي بِلال! توهان مون ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي ڪان قرض نہ وٺندا ڪريو، مون وٽ گهڻو مال آهي. مون ايئن ئي ڪيو، هڪ ڏينهن مان وضو ڪري اذان ڏيڻ لاءِ اُٿيس تہ ڇا ٿو ڏسان تہ اهو مُشرِڪ ڪيترن ئي تاجرن سان گڏ مون وٽ آيو ۽ مون کي گهڻو گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ چوڻ لڳو: "توهان کي ڪجهہ معلوم آهي وعدي ۾ ڪيترا ڏينهن باقي آهن" مون چيو: وعدي جو وقت ويجهو اچي ويو آهي. ان چيو تہ صرف چار ڏينهن باقي رهجي ويا آهن، جيڪڏهن هن مدّت ۾ توهان قرض نہ ادا ڪيو تہ مان توهان کي غلام بڻائي ٻڪريون چارائيندس جيئن تہ توهان پهريان چاريندا هيو. هي ٻڌي مون کي فڪر ٿيو. ايستائين جو مون عشاء جي نماز پڙهي ڇڏي تہ رسول **الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ پنهنجي ڪاشانِ اقدس ۾ تشريف ڪڻي ويا، مان اجازت وٺي حاضرِ خدمت ٿيس ۽ عرض ڪيو: "يا رسول **الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين. اهو مشرڪ جنهن ڪان مان قرض وٺندو آهيان، ان مون کي هيئن هيئن چيو آهي، توهان وٽ بہ قرض ادا ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ ناهي ۽ مون وٽ بہ ڪجهہ ناهي، اهو مون کي بيهر رسوا ڪندو" مون کي اجازت ڏيو تہ مان انهن ماڻهن وٽ هليو وڃان جيڪي مسلمان ٿي ويا آهن. ايستائين جو **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ايترو مال عطا فرمائي جو جنهن سان منهنجو قرض ادا ٿي وڃي. هي چئي مان اتان هليو آيس. صبح جي وقت وڃڻ جي ارادي سان جڏهن مان ٻاهر نڪتس تہ هڪ شخص ڀڄندو مون وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو، اي بلال! رسول **الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن توهان کي گهرايو آهي" مان اتي پهتس تہ ڇا ٿو ڏسان تہ سامان سان ڀريل چار اُٺ موجود آهن. مون اندر اچڻ جي اجازت گهري تہ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

فرمايو: مبارڪ هجي! الله تعاليٰ تنهنجي قرض جي ادائيگي جو سامان ڪري ڇڏيو، پوءِ فرمايو: تون چار اُٺَ ڏٺا ؟ مون عرض ڪيو، جي ها. پاڻ سڳورن فرمايو تہ هي اُٺَ فَدَڪ جي حاڪم موڪليا آهن، هي ان تي رکيل ڪٽڪ ۽ ڪپڙا سڀ توهان رکو ۽ ان مان پنهنجو قرض ادا ڪيو. مون حڪم جي تعميل ڪندي ايئن ئي ڪيو، پوءِ مان مسجد ۾ آيس ۽ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي سلام عرض ڪيو، تہ پاڻ سڳورن جن پڇيو! هن مال مان تو کي ڪهڙو فائدو حاصل ٿيو؟ مون عرض ڪيو، الله عَزَّوَجَلَّ اهو تمام قرض ادا فرمائي ڇڏيو، جيڪو ان جي رسول تي هيو، پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ان مال مان ڪجهہ باقي بہ بچيو آهي؟ مون عرض ڪيو : جي ها. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "مون کي ان کان بہ بي تعلق ڪريو! جيستائين هي ڪنهن نڪاڻي نہ لڳندو، مان گهر نہ ويندس" پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نمازِ عشاء کان فارغ ٿيا تہ مون کي گهرائي ان بقيہ مال جو حال دريافت ڪيو، مون عرض ڪيو: اهو مون وٽ آهي ڪير سوالي نہ مليو. نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم رات جو مسجد ۾ ئي رهيا. ٻئي ڏينهن نمازِ عشاء کان پوءِ مون کي ٻيهر گهرايو، مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي سَبُڪدوش ڪري ڇڏيو. هي ٻڌي پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تڪبير چئي ۽ خدا جو شڪر ادا ڪيو، ڇو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ڊپ هئو تہ ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو موت اچي وڃي ۽ اهو مال مون وٽ هجي. ان کان پوءِ مان حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي پويان هلڻ لڳس، ايستائين جو پاڻ سڳورا ڪاشانہ اقدس ۾ تشريف کڻي ويا. (سنن ابو دائود، ج 3، ص. 230-232، حديث 3055)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اسان جي پياري آقا، محمد مصطفيٰ صَلَّی

اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **ڪيتري قدر سخاوت فرمائيندا هئا جو ٿورو مال به پاڻ وٽ رکڻ پسند نہ فرمائيندا هئا، بلڪ جيستائين ماڻهن ۾ تقسيم نہ فرمائي ڇڏن، ان وقت تائين مطمئن نہ ٿيندا هئا، پاڻ کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجڻ جي باوجود بہ غريبن ۽ محتاجن تي صدقو ڪري ڇڏيندا ۽ سائل کي ايترو نوازيندا هئا جو ان کي ٻيهر گهرڻ جي حاجت ئي پيش نہ ايندي، پر افسوس! صد افسوس! اسان جي حالت اها رهي آهي تہ دنيا جي محبت دل مان گهٽ ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿي وٺي ۽ هر وقت دنيا جون نعمتون ۽ آسائشون وڌائڻ ئي جي ڌُن لڳل هوندي آهي.**

حضرت سَيّدُنا مَجمَع اَنصَاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه **هڪ بزرگ** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه **جي متعلق بيان ڪن ٿا تہ انهن فرمايو: اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **جو مون تي دنيا (جي آسائشن) کان بچائڻ وارو احسان، اِن (يعني دنيا) جي ڪشادگي (مثلاً مال ۽ دولت وغيره) جي صورت ۾ ملڻ واري نعمت کان افضل آهي. ڇو تہ اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **پنهنجي پياري نبي** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن جي لاءِ دنيا کي پسند ناهي فرمايو، انهيءَ لاءِ مون کي اهي نعمتون جيڪي اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **پنهنجي نبي** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي لاءِ پسند فرمايون، انهن نعمتن کان وڌيڪ پياريون آهن، جيڪي ان پنهنجي نبي** صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جي لاءِ ناپسند فرمايون.** (شعب الايمان، ج 4، ص. 117، حديث 4489)

ياد رکو! دنيا جي مال ۽ دولت جي ڪثرت ۽ ان جون گهڻيون آسائشون هجڻ بيشڪ نعمت آهي پر انهن شين کان بچي رهڻ ئي وڏي نعمت آهي.
(نيڪي جي دعوت، ص. 35)

دنيا مٺي سرسبز آهي!

رحمتِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن جو فرمانِ معظم آهي: دنيا مٺي سر سبز آهي، جيڪو ان ۾ حلال طريقي سان مال ڪمائي ٿو ۽ صحيح حقن ۾ خرچ ڪري ٿو، اللّٰہ** عَزَّوَجَلَّ **ان کي ثواب عطا فرمائيندو ۽ ان کي جنت ۾**

داخل فرمائيندو ۽ جيڪو ان ۾ حرام طريقي سان مال ڪمائي ٿو ۽ ان کي غيرِ حق ۾ خرچ ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان کي دار الھوان (يعني ذلت جي گھر) ۾ داخل فرمائيندو. (شعب الايمان، ج. 4، ص. 396، حديث 5527)

حضرت عَلّامَہ عَبدُالرَوف مَنَاوِي رَحْمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْہ ھن حديثِ پاڪ جي تحت فيض القدير ۾ تحرير فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ دنيا فِي نَفْسِہٖ (يعني اصل ۾) مذموم نہ آهي، ڇو تہ ھي آخرت جي ٻني آهي، ان لاءِ جيڪو شخص شريعت جي اجازت سان دنيا جي ڪا شي حاصل ڪري، تہ ھي شي آخرت ۾ ان جي مدد ڪندي آهي. (فيض القدير،ج. 3، ص. 728، تحت الحديث 4273) اسان کي بہ گھرجي تہ ضرورت کان وڏيک دنيا جي پويان پوڻ ۽ حرام ذريعا اختيار ڪري مال ۽ دولت جمع ڪرڻ جي بجاءِ رزقِ حلال ڪمائڻ جو ذھن بڻايون ۽ حسب استطاعت صدقو ۽ خيرات بہ ڪندا رھون. پنھنجي رشتي دارن، پاڙي وارن ۽ ٻين غريبن جي مالي مدد بہ ڪريون. حقيقت ھي آهي تہ جيڪو ڪنھن جي مدد ڪندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ بہ ان جي مدد فرمائيندو آهي ۽ راهِ خدا ۾ ڏيڻ سان مال وڌندو آهي گھٽجندو ناهي.

صدقي جي فضائل ۽ برڪات سان مالا مال فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهي: صدقو مال ۾ گھٽتائي ناهي ڪندو ۽ الله تعالي معاف ڪرڻ جي ڪري ٻانھي جي عزت ئي وڌائيندو آهي ۽ جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي خاطر انڪساري ڪندو آهي، تہ الله تعاليٰ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي. (صحيح مسلم، ص. 1397، حديث 2588) اسان جي پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي شانِ بي نيازي ھئي تہ درِ اقدس ۾ مال رکڻ بہ پسند نہ فرمايو بلڪ فورًا ان کي صدقو فرمائي ڇڏيندا ھئا. جيئن تہ ھڪ ڏينھن نمازِ عصر جو سلام ڦيريندي ئي پاڻ سڳورا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم دولت خانہ ۾ تشريف کڻي ويا ۽ جلدي ٻاھر آيا، صحابہ ڪرام عَلَيْہِمُ الرِّضْوَان جن کي تعجب ٿيو! پاڻ سڳورن فرمايو تہ مون کي نماز ۾ خيال آيو تہ صدقي جو ڪجھ سون گھر ۾ پيو آهي، مون کي پسند نہ آيو تہ رات ٿي وڃي ۽ اھو گھر ۾ پيو رھي، انھيءَ لاءِ وڃي ان کي تقسيم

ڪرڻ جو چئي آيو آهيان. (صحيح البخاري، ج. 1، ص. 411، حديث 1221)

حضرت سَيِّدُنا اَبُو ذَر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان نبِيِ اَڪرَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هيس. جڏهن پاڻ سڳورن احد جبل کي ڏٺو ته فرمايو: ”جيڪڏهن هي جبل منهنجي لاءِ سون بڻجي وڃي ته مان پسند نه ڪندس ته ان مان هڪ دينار به مون وٽ ٽن ڏينهن کان وڌيڪ رهجي وڃي، سواءِ ان دينار جي جنهن کي مان قرض جي ادائيگي جي لاءِ رکي ڇڏيان“ (صحيح بخاري، ج. 2، ص. 105، حديث 2388)

سپ کان وڌيڪ سخي:

شهنشاهِ نبوت، قاسمِ نعمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شانِ سخاوت بيان ڪندي حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا فرمائن ٿا: رسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ سخي آهن ۽ سخاوت جو دريا سڀ کان وڌيڪ ان وقت جوش تي هو، جڏهن رمضان ۾ پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان جبرئيلِ امين عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ملاقات جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا. جبرئيلِ امين عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام (رمضان مبارڪ جي) هر رات ۾ حاضر ٿيندا هئا ۽ رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سان گڏ قرآنِ عظيم جو دؤر فرمائيندا هئا. ”رسول الله صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تيز لڳڻ واري هوا کان به وڌيڪ خير جي معاملي ۾

واہ کیا جُود و کرم ہے شہِ بطحا تیرا نہیں سنتا ہی نہیں مانگنے والا تیرا
دَھارے چلتے ہیں عطا کے وہ ہے قطرہ تیرا تارے کھلتے ہیں سخا کے وہ ہے ذرہ تیرا
اغنیا پلتے ہیں در سے وہ ہے باڑا تیرا اصفیا چلتے ہیں سر سے وہ ہے رستا تیرا

سخاوت فرمائيندا هئا“ (فيضانِ سنت، بحوالو صحيح بخاري، ج. 1، ص. 9، حديث 6)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

حضرت سيدنا جابر بن عبدالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪڏهن ڪنهن سائل کي جواب ۾ لَا (يعني نہ) جو لفظ ناهي فرمايو. (شفاء شريف، جلد 1، ص. 111) هڪ ڀيري حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت سراپاءِ اقدس ۾ 70 هزار درهم آندا ويا تہ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي درهم هڪ تڏي تي رکيا ۽ وٺ ٻيهي ورهائڻ لڳا ڪنهن بہ سوالي کي خالي نہ موٽايو ايستائين جو ان کان آزاد ٿي ويا. (اخلاق النبی وآدابه لابی الشيخ الاصبهانی،واماماذکرمن جوده وسخائه، الحديث:٩٥، ص٣٠،فيه ذکرسبعين الف درهم)

لَا وَرَبِّ العَرْش جس کو جو مِلا اُن سے مِلا
بٹتی ہے کونین میں نِعمت رَسُوْلُ الله کی
ہم بھکاری وہ کریم ان کا خُدا ان سے فُزوں
اور نہ کہنا نہیں عادت رَسُوْلُ الله کی

ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو تہ نَبّي رَحمَت شَفِيعِ اُمّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن کان ڪا شيءِ وٺندا هئا، قيمت ادا ڪرڻ کان پوءِ ان کي يا ڪنهن ٻئي کي عطا فرمائيندا هئا. هڪ ڀيري حضرت سَيّدُنا جَابِر بِن عَبدُالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ اُٺ خريد ڪيو پوءِ اهو اُٺ ان کي تحفي ۾ عنايت فرمائي ڇڏيو. (صحيح البخاری ،کتاب البيوع،ج٢،ص١٨، حديث٢٠٩٧)

اهڙي طرح اَمِيرُالمُؤمِنِين حضرت سَيّدُنا عُمرِ فَارُوق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان اُٺ جو ٻچو خريد ڪيو، پوءِ اهو حضرت سيّدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جن کي عطا فرمايو. (بخاری ،٢٣/٢،حديث:٢١١٥)

پيارا اسلام ڀائرو! اسان جا آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيتري قدر سخاوت فرمائڻ

وارا هئا جو جيڪا شيءِ پنهنجي ضرورت لاءِ خريد ڪئي هوندي هئي اها بہ تحفي ۾ ڪنهن کي عطا فرمائي ڇڏيندا هئا. اسان کي بہ گهرجي تہ پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ان پياري سنّت تي عمل ڪرڻ ۽ مسلمانن جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جي نيّت سان هڪ ٻئي کي تحفو پيش ڪرڻ جي عادت بڻايون ڇو تہ تحفو ڏيڻ سان محبت وڌندي ۽ نفرت ختم ٿيندي آهي جيئن تہ حضرت سَيِّدُنا عَطاء خُراساني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضور نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو "هڪ ٻئي سان هٿ ملايو ان سان ڪينو ختم ٿيندو آهي تحفو ڏيندا رهو، پاڻ ۾ محبت وڌندي ۽ دشمني ختم ٿيندي رهندي". (مشکوٰۃ المصابیح،کتاب الادب، باب ماجآء فی المصافحہ ،الحدیث ۴۶۹۳،ج۲،ص۱۷۱)

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: هي ٻئي عمل مجرَّب (آزمايل) آهن جنهن سان هٿ ملائيندا رهو ان سان دشمني ناهي ٿيندي، جيڪڏهن اتفاقًا ڪنهن سان دشني ٿي وڃي بہ ان جي برڪت سان رڪجندي ناهي. ائين هڪ ٻئي کي تحفو ڏيڻ سان نفرتون ختم ٿينديون آهن. (مراۃ المناجیح ،۳۶۸/۶)

منا منا اسلام ڀائرؤ! ياد رکو! تحفو ڏيڻ وٺڻ هجي يا ٻيو ڪو معاملو هجي حلال ذريعو ئي اختيار ڪرڻ گهرجي ڇو تہ حرام ذريعي سان حاصل ٿيڻ واري مال جو کائڻ، پيئڻ، پارائڻ يا ڪنهن ٻئي ڪم ۾ استعمال ڪرڻ حرام ۽ گناهہ آهي. ان جي سزا دنيا ۾ مال جي گهٽتائي، ذلت ۽ بي برڪتي آهي ۽ آخرت جي سزا جهنّم جي ٻرندڙ باهہ جو دردناڪ عذاب آهي. فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جيڪو شخص حرام مال ڪمائي ٿو ۽ وري صدقو ڪري ٿو ان کان قبول ناهي ڪيو ويندو ۽ ان مان خرچ ڪندو تہ ان ۾ برڪت نہ ٿيندي ان کي پنهنجي پويان ڇڏيندو تہ هي ان جي لاءِ دوزخ جو سامان هوندو. (شرح السنۃ للبغوی ج۴ ص۲۰۶،۲۰۵ حدیث ۲۰۲۳ دارالکتب العلمیۃ بیروت)

تنهنڪري اسان کي گهرجي تي حلال طريقي سان مال ڪمايون ۽ پنهنجي ضرورت جي علاوه جيڪو بچيل مال نظر اچي ان کي فضول شين ۾ برباد

ڪرڻ جي بجاءِ پنهنجي محتاج غريب مسلمانن ڀائرن جي مالي مدد ڪريون، مسجدون، مدرسا ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ ترقي جي لاءِ گهڻي کان گهڻو مال خرچ ڪريون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ گهڻي کان گهڻي برڪت نصيب ٿيندي، جيئن تہ سيپاري 3 سورة البقره جي آيت نمبر 274 ۾ ارشاد آهي:

اَلَّذِیْنَ یُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ بِالَّیْلِ وَ النَّهَارِ سِرًّا وَّ عَلَانِیَةً فَلَهُمْ اَجْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ وَلَا خَوْفٌ عَلَیْهِمْ وَلَا هُمْ یَحْزَنُوْنَ ﴿۲۷۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪي پنهنجو مال خرچ ڪندا آهن رات ۽ ڏينهن ۾ لِڪل ۽ ظاهر انهن جي لاءِ انهن جو اجر آهي سندن رَبّ وٽ ۽ انهن ڪي نہ ڊپ ۽ نہ ڪو غم آهي.

اهڙي طرح سيپاري 3 سورة البقره آيت نمبر 261 ۾ ارشاد آهي:

مَثَلُ الَّذِیْنَ یُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِیْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَ اللّٰهُ یُضٰعِفُ لِمَنْ یَّشَآءُ ؕ وَ اللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِیْمٌ ﴿۲۶۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: انهن جو مثال جيڪي پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن اُن داڻي وانگر جنهن ڄمايا ست سنگ هر سنگ ۾ سؤ داڻا الله ان کان بہ زياده وڌائي ٿو جنهن لاءِ گهري، ۽ الله وسعت وارو علم وارو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ مال خرچ ڪندا تہ اهو مالڪ ۽ مولا جيڪو زمين ۽ آسمان ۽ سڄي جهان جو خالق ۽ مالڪ آهي اهو ڪريم ۽ جواد ربّ عَزَّوَجَلَّ ڪرم فرمائيندو ۽ اسان جي مال کي وڌائيندو. ڪيترائي خوش نصيب مسلمان اهڙا آهن جيڪي پنهنجي مال جا واجب حق ادا ڪندا آهن خوش دليءَ سان وقت تي زڪوٰة ۽ فطرو ادا ڪندا آهن پنهنجو مال ماءُ پيءُ، ڀيڻ ڀاءُ، ۽ اولاد تي خرچ ڪندا آهن، پنهنجي عزيز مٽن مائٽن جي موت تي انهن جي ايصال ثواب لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ڪمن ۾ خرچ ڪندا، سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد ملهائيندا ۽ نيڪ نيّت سان شفاء خانا ٺهرائيندا آهن، ماڻهن

جي حقن جو لحاظ رکندي اخلاق سان قرآن خواني ۽ اجتماعِ ذِکر ونعت ۽ سنّتن ڀريي اجتماعن جي منعقد ڪرڻ تي خرچ ڪندا آهن، مسجدن ۽ مدرسن جي تعمير ۾ حصو وٺندا آهن درس ۽ تدريس، درسِ نظامي يعني عالمِ ڪورس ڪرائڻ ۾ تعاون ڪندا آهن مثلاً استادن جي پگهار شاگردن جا ڪتاب، کاڌو، رهائش ۽ ٻيا خرچ وغيره پورا ڪرڻ ۾ پنهنجو حصو ملائيندا آهن، قرآن ڪريم (حفظ ۽ ناظره) جي تعليم کي عام ڪرڻ ۾ مدد ڪندا آهن. مسجد جي انتظامي معاملن مثلاً بجلي ۽ سوئي گيس جا بل وغيره جمع ڪرائيندا يا ان ۾ حصو وٺندا آهن. دين اسلام جي شهرت، سنّتن کي زنده ڪرڻ، نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ لاءِ الله پاڪ جي ڏنل مال مان خرچ ڪندا آهن. مثلاً مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ وارن غريب اسلامي ڀائرن جا خرچ ڏئي، سنّتن ڀريي درس جي آرزو ڪرڻ وارن غريب اسلامي ڀائرن کي "فيضان سنّت" خريد ڪري ڏيڻ، پنهنجن دوڪانن، مارڪيٽن، مسجدن، پاڙي وارن، آفيسن، ڪاليجن وغيره ۾ شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جا اصلاحي رسالا يا بيانن جون ڪيسٽون (آڊيو، ويڊيو) ورهائڻ جي لاءِ پنهنجي رقم راهِ خدا ۾ خرچ ڪندا آهن، انهن سڀني جي لاءِ خوشخبري آهي ته الله تبارڪ و تعالى انهن جي مال کي وڌائيندو ۽ ان جي ثواب ۾ 700 ڀيرا وڌائيندو، ان تي بس ناهي، وڌيڪ ارشاد فرمايو وڃي ٿو: وَاللّٰهُ يُضٰعِفُ لِمَنۡ يَّشَآءُ ترجمو ڪنزالايمان: (۽ الله ان کان به وڌائي جنهن جي لاءِ چاهي)

اچو! ترغيب جي لاءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جُودو عطا جا وڌيڪ واقعا ٻڌون ٿا اسان کي به دين جي اشاعت، مسجدن، مدرسن جي خدمت، مسلمانن جي مالي مدد ۽ راهه خدا ۾ خرچ ڪرڻ جو جذبو ملي. جيئن ته

پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سخاوت جا واقعا

غزوه حُنين ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايتري قدر ڪثرت سان سخاوت فرمائي جنهن جو انداز نٿو لڳائي سگهجي. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڪرين ۾ رهڻ

وارن ۾ گهٽ کي 100،100 اُٺ عطا فرمايا. (بخاری،۱۱۸/۳،حديث:۴۳۳۷)

حضرت صفوان بن اُميہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ (اسلام آڻڻ کان پهريان غزوه حُنين جي موقعي تي) ٻڪرين جو سوال ڪيو، جنهن سان ٻن پهاڙن جو وچولو جهنگ ڀريل هو، پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهو سڀ ان کي ڏئي ڇڏيو. انهن پنهنجي قوم ۾ وڃي چيو: ”اي منهنجي قوم! توهان اسلام آڻيو! الله (عَزَّوَجَلَّ) جي قسم! محمد (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اهڙي سخاوت فرمائيندا آهن فقر (محتاجي) جو خوف ئي ناهي ٿيندو“. (مشکاۃ المصابيح ،کتاب الفضائل والشمائل،ج۲، ص۳۴۶،حديث۵۸۰۶)

حضرت سعيد بن مُسيّب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ حضرت صفوان بن اُميہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ چيو رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حُنين جي ڏينهن مونکي مال عطا فرمائڻ لڳا، حالانڪ حضور منهنجي نظر ۾ سڀ کان وڌيڪ ناپسنديده هئا پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي عطا فرمائيندا رهيا. ايستائين جو منهنجي نظر ۾ محبوب ترين ٿي ويا. (سنن الترمذی ،کتاب الزکاۃ،ج۲،ص۱۴۷،حديث۶۶۶)

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: حضور اقدس صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان هڪ ڏينهن جي عطا وڏن سخي بادشاهن جي عمر ڀر جي سخاوت ۽ بخشش کان گهٽي هئي، جهنگ ٻڪرين سان ڀريل آهن ۽ حضور (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) عطا فرمائي رهيا آهن. گهرڻ وارا مينهن جي صورت ۾ اڳتي وڌي رهيا آهن ۽ حضور (صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) پوئتي هٽندا ٿا وڃن. ايستائين جو سڀ مال ورهائجي ويو، هڪ اعرابيءَ (يعني عرب جي ڳوٺ ۾ رهڻ واري) چادر مبارڪ بدن اقدس تان ڇڪي ورتي، جنهن سان مبارڪ ڪلها ۽ ڇيلهہ مبارڪ تي نشان پئجي ويا، هن تي ايترو فرمايائون اي انسانؤ! جلدي نہ ڪيو، الله جو قسم توهان مونکي ڪنهن بہ وقت بخيل نہ ڏسندا. (ملتقطاً،صحيح البخاری، کتاب الجهاد والسير، باب الشجاعة فی الحرب۔۔الخ، الحديث ۲۸۲۱، ج۲، ص۲۶۰،ملفوظات، ص۱۲۲)

اهڙي طرح حضرت سهل بن سعد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪندا آهن هڪ عورت هڪ چادر ڪٽي آئي ان عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي مون پنهنجي

هٿ سان سِبي آهي، مان توهان جي پائڻ لاءِ کڻي آئي آهيان. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ضرورت هئي، اهڙي طرح پاڻ اها چادر ورتي، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان ڏانهن نڪتا ۽ اها چادر گوڏ جي طور تي ٻڌل هئي. هڪ صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ڏنو ته عرض ڪيو: واهه ڪيڏي نه سني چادر آهي هي مونکي پارائي ڇڏيو. پاڻ فرمايائون ها! ڪجهه دير کان بعد پاڻ مجلس کان تشريف کڻي ويا، پوءِ واپس تشريف کڻي آيا ۽ اها چادر ويڙهي ڪري ان صحابي ڏانهن موڪلي ڏني. صحابه ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان هن کي چيو توهان سنو ناهي ڪيو، جيئن ته توهان کي معلوم آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن سواليءَ کي ناهن موٽائيندا. اهو صحابي رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ چوڻ لڳو: الله جو قسم! مون صرف انهيءَ لاءِ سوال ڪيو ته جنهن ڏينهن مان مري وڃان ته هيءَ چادر (برڪت لاءِ) منهنجو ڪفن ٿئي. حضرت سهل بن سعد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا اها چادر ان جو ڪفن ئي ٿي. (صحیح البخاری ، کتاب العمل فی اللباس،ج۴،ص۵۴،حدیث۵۸۱۰)

منگتا کا ہاتھ اُٹھتے ہی داتا کی دَین تھی	دُوری قبول و عرض میں بس ہاتھ بھر کی ہے
لب واہیں آنکھیں بند ہیں پھیلی ہیں جھولیاں	کتنے مزے کی بھیک تیرے پاک در کی ہے

وصال ظاهري کانپوءِ سخاوتِ مصطفٰي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻنهي جهانن جا سردار آهن، الله عَزَّوَجَلَّ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مالڪ ۽ مختار بڻايو ،پنهنجي تمام خزانن جون چاٻيون به عطا فرمائي ڇڏيون آهن، پر پاڻ وٽ ڪجهه به بچائي نه رکندا هئا، ۽ سڀ ڪجهه ورهائي ڇڏيندا هئا. پر حيات ظاهريءَ وانگر وصال ظاهريءَ کان پوءِ به پنهنجي امت جي پريشان حالن تي رحمت جو مِينهن وسائيندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن جي ذهن ۾ هي وسوسو اچي ته حضوراڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ته هن دنيا مان پردو ڪري ويا آهن ته هاڻي سوال ڪرڻ وارن جي ڪيئن فرياد رسي فرمائيندا آهن؟ ته ياد رکو الله عَزَّوَجَلَّ جا سڀ

نبي پنهنجي پنهنجي مزارن ۾ حيات آهن .

سرڪار اعلٰي حضرت، شاھ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ سڀ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام حقيقي زندگي، دنياوي، روحاني ۽ جسمانيءَ سان زندھ آهن پنهنجن مزارن ۾ نمازون پڙهندا آهن رزق ڏنو ويندو آهي جتي چاهين تشريف ڪٺي ويندا آهن زمين ۽ آسمان جي سلطنت ۾ تصرُّفَات فرمائيندا آهن. رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اَلۡاَنۡبِيَاءُ اَحۡيَاءٌ فِيۡ قُبُوۡرِهِمۡ يُصَلُّوۡن يعني انبياء عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي مزارن ۾ زندھ آهن ۽ نماز ادا فرمائيندا آهن. (مجمع الزوائد باب ذکر الانبياء عليهم السلام ٨/ ٣٨٦،حديث: ١٣٨١٢از فتاوىٰ رضويہ، ٦٧٥/١٤) جڏهن تہ هڪ ٻي حديث ۾ آهي: اِنَّ اللهَ حَرَّمَ عَلَى الۡاَرۡضِ اَنۡ تَا کُلَ اَجۡسَادَ الۡاَنۡبِيَاءِ فَنَبِيُّ اللهِ حَيٌّ يُرۡزَقُ يعني بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ زمين تي انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي جسمن کي کائڻ حرام فرمائي ڇڏيو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام زندھ آهن ۽انهن کي روزي بہ ڏني ويندي آهي. (سنن ابن ماجہ، کتاب الجنائز، باب ذکر وفاتہ ودفنہ صلّى اللّہ عليہ وسلم، ج٢، ص٢٩١، الحديث ١٦٣٧) جڏهن تہ حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي لاءِ مزارن کان ٻاهر وڃڻ ۽ آسمانن ۽ زمينن ۾ ڪنهن بہ قسم جو اختيار ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي.

(الحاوى للفتاوٰى رسالہ تنوير الحلک دارالفکر بيروت ٢/ ٢٦٣فتاوىٰ رضويہ، ج١٤، ص٦٨٥تا٩٠)

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حديثن ۽ علماءِ ڪرام جي وضاحت مان معلوم ٿيو تہ اسان جا آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ٻيا تمام انبياء عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجين پنهنجين مزارن ۾ نہ صرف حيات آهن پر انهن کي رزق بہ ڏنو ويندو آهي سڄي جهان ۾ جيڏانهن چاهن تشريف ڪٺي ويندا آهن ۽ زمين ۽ آسمان جي سلطنت ۾اختيار بہ فرمائيندا آهن. اچو حضور نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصال ظاهري کان پوءِ پنهنجي امتين جي حاجت روائي مشڪل ڪشائيءَ جا ڪجھ واقعا ٻڌون ٿا.

✿ **حضرت سيّدنا شيخ احمد بن نفيس** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه **فرمائن ٿا : آئون هڪ ڀيرو مدينہ منوره** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا **۾ سخت بک جي عالم ۾ سرڪار مدينہ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي روضہء انور تي حاضر ٿي عرض گزار ٿيس، يا رسول الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **آئون بکايل آهيان. پوءِ اک لڳي وئي، انهي وقت ڪنهن جڳايو ۽ مونکي گڏ هلڻ جي دعوت ڏني، جيئن تہ آئون ان سان گڏ انهن جي گهر آيس ، ميزبان کهجور، گيهہ ۽ ڪڻڪ جي ماني پيش ڪري چيو: پيٽ ڀري کائي وٺو ڇوتہ مونکي منهنجي جدِّ امجد، مکي مدني محمّد** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن توهان جي ميزباني جو حڪم ڏنو آهي. هاڻي بہ جڏهن بک محسوس ٿئي اسان وٽ تشريف آڻيندا ڪريو.**

(حُجَّةُ اللّٰہِ عَلَی الْعٰلَمِین ص۵۷۳)

بے مانگے دینے والے کی نعمت میں غرق ہیں   مانگے سے جو ملے کسے فہم اس قدر کی ہے

✿ **حضرت سَيّدِنَا اَحمد بِن محمد صُوفي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه **فرمائن ٿا تہ آئون ٽن مهينن تائين جهنگن ۾ گهمندو رهيس ، ايستائين جو منهنجي سڄي ڪل ڳري وئي . آخرڪار آئون مَدينہ مُنوّره** زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيْمًا **حاضر ٿيس ۽ مون سرور ڪونين** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي بارگاهہ ۾ سلام عرض ڪيو ۽ سمهي رهيس. خواب ۾ جناب رسالت مآب** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي زيارت سان شرفياب ٿيس، پاڻ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **فرمائي رهيا هئا: احمد تُو اچي وئين ڏس تنهنجو ڪهڙو حال ٿي ويو آهي ! مون عرض ڪيو: اَنَا جَائِعٌ وَاَنَا ضَيْفُكَ يا رسول الله** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **آئون بکايل آهيان ۽ توهان جو مهمان آهيان. سرڪار** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن ارشاد فرمايو : هٿ کول جڏهن مون پنهنجا هٿ کوليا تہ انهن ۾ ڪجهہ درهم هئا، جڏهن اک کلي تہ اهي درهم منهنجي هٿ ۾ موجود هئا، مون بازار مان وڃي ماني ۽ فالودو وٺي کاڌو.** (جَذبُ القُلوب ص۲۰۷،وفاء الوفاء ج ۲ ص ۱۳۸۱، عاشقانِ رسول کی 130 حکایات، ص۲۷)

مانگیں گے مانگے جائیں گے مُنہ مانگی پائیں گے

سرکار میں نہ ''لا'' ہے نہ حاجت ''اگر'' کی ہے

حضرت عَلاّمہ اَبُو الْفَرج عَبدُالرَحمٰن بِن عَلي اِبن جَوزِي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ پنهنجي ڪتاب ”عُيُونُ الْحِڪَايَات“ ۾ لکن ٿا ته هڪ پرهيزگار شخص جو بيان آهي ته مان مسلسل 3 سالن کان حج جي دعا ڪندو رهيس پر منهنجي حسرت پوري نه ٿي، چوٿين سال حج جي موسم جو بهار هيو ۽ دل آرزوءِ حرم ۾ بيقرار هئي هڪ رات جڏهن آءُ ستس منهنجو ڀاڳ ڪليو اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مون خواب ۾ جنابِ رسالت ماب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت سان شرفياب ٿيس پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو ”تون هن سال حج جي لاءِ هليو وڃجان“ منهنجي اک کُلي ته دل خوشي مان جهومي رهي هئي سرڪار مدينه راحت قلب وسينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اهو مٺو مٺو آواز ڪنن ۾ گونجي رهي هيو ”تون هن سال حج لاءِ هليو وڃجان“. بارگاه نبوت مان حج جي اجازت ملي وئي هئي، آءُ ڏاڍو خوش ٿيس اچانڪ ياد آيو ته مون وٽ سفر جو خرچ به نه آهي! هن خيال ۾ غمگين ٿي ويس. ٻي رات، مَحبُوبِ رَبّ، شَهنشَاهِ عَرَب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ وري زيارت ٿي، پر مان پنهنجي غربت جو ذڪر نه ڪري سگهيس اهڙي طرح ٽين رات به خواب ۾ بارگاه رسالت مان حڪم ٿيو ”تون هن سال حج لاءِ هليو وڃجان“. مون سوچيو ته جيڪڏهن مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چوٿون دفعو خواب ۾ تشريف ڪٺي آيا ته مان پنهنجي غربت جو ذڪر ڪندس

آہ! پلے زَر نہیں رَختِ سفر سرور نہیں

تم بُلالو تم بُلانے پر ہو قادِر یا نبی

چوٿين رات وري سرورِ ڪائنات شاهِ مَوجُودَات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي غريب

خاني ۾ جلوه گر فرمائي ۽ ارشاد فرمايائون "تون هن سال حج لاءِ هليو وڃجان" مون هٿ ٻڌي عرض ڪيو "منهنجا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ خرچ نہ آهي." ارشاد فرمايائون "تون پنهنجي گهر ۾ فلاڻي جڳهہ کوٽ اتي تنهنجي ڏاڏي جي تلوار موجود هوندي" ايترو فرمائي ڪري سلطانِ بحروبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي ويا صبح جڏهن منهنجي اک کلي تہ آئون ڏاڍو خوش هيس نماز فجر کان پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻڌايل جڳهہ کوٽي تہ اتي واقعي قيمتي تلوار موجود هئي اها بلڪل صاف ستري هئي جڻ تہ ان کي ڪنهن استعمال نہ ڪيو هو مون ان کي چار هزار دينارن ۾ وڪڻيو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪيو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! شنهشاهہ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظر عنايت سان حج جي خرچ جو انتظام پاڻ ئي ٿي ويو.

(عيون الحکايات ص۳۲۶ملخصًا،از عاشقانِ رسول کی 130 حکايات،ص۸۴)

جب بُلایا آقا نے خُود ہی اِنتِظام ہو گئے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري دين اسلام اسان کي مسلمانن جي خيرخواهي حسن سلوڪ، غريبن جي مدد، يتمين جي ڪفالت ڪرڻ جو درس ڏنو آهي انهي ڪري هر سال صاحب نصاب ماڻهن تي ڪجهہ شرطون هجڻ جي صورت ۾ زڪواة فرض فرمائي نفلي صدقن جا فضائل بيان ڪري ماڻهن کي سخاوت جو درس ڏنو بخل جي مذمت بيان فرمائي تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ زڪواة جي اهم فريضي جي ادائيگي ۾ سستي ۽ تنگ دلي کان ڪم وٺڻ جي بجاءِ خالصتاً رضاءِ الهي جي خاطر هن جا تمام شرعي مسئلن کي ذهن ۾ رکي ڪري ادائيگي ڪيون ۽ نفلي صدقن جو بہ ذهن بڻايو تہ صدقو الله تعالیٰ کي ڏاڍو پسند آهي آفتن ۽ بلائن کي ٽارڻ سان گڏو گڏ غريبن ۽ مسڪينن جون ڏاڍيون ضرورتون پوريون ٿيڻ جو سبب آهي اچو سخاوت جو جذبو پيدا ڪرڻ

جي لاءِ سخاوت جي فضيلتن تي پنج فرامين مصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا.

(1) سخاوت جنّت جي وڻن مان هڪ وڻ آهي جنهن جون ٽاريون زمين جي طرف جهڪيل آهن جيڪو ماڻهون ان مان ڪنهن هڪ کي پڪڙي ٿو اها ان کي جنّت جي طرف وٺي وڃي ٿي.

(شعب الايمان، باب فی الجودو السخاء ،۷/ ۴۳۴، حديث :۱۰۸۷۵)

(2) تَجَافَوْا عَنْ ذَنْبِ السَّخِيِّ فَاِنَّ اللهَ اٰخِذٌبِيَدِهٖ يعني سخي جي غلطيءَ کان درگذر ڪيو ڇو ته جڏهن هو غلطي ڪندو آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ هن جو هٿ پڪڙي ڇڏيندو آهي. (شعب الايمان ، باب فی الجودو السخاء ،۷/ ۴۳۳، حديث :۱۰۸۶۷) يعني الله عَزَّوَجَلَّ ان جو مددگار هوندو آهي ۽ ان کي هلاڪت ۾ پوڻ سان خلاصي عطا فرمائيندو.

(اتحاف السادة المتقين،۹/ ۷۲۵،ملخصاً)

(3) اَلْجَـنَّةُ دَارُالْاَسْخِيَآء يعني جنّت سخين جو گهر آهي.

(فردوس الاخبار،۱/ ۳۳۳،حديث :۲۴۳۰)

(4) سخي الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو آهي، جنّت جي ويجهو آهي، ماڻهن جي ويجهو آهي، باهه کان پري آهي. ڪنجوس الله عَزَّوَجَلَّ کان پري آهي، جنّت کان پري آهي، ماڻهن کان پري آهي، باهه جي ويجهو آهي ۽ جاهل سخي، الله عَزَّوَجَلَّ وٽ بخيل عالم کان بهتر آهي.

(سنن الترمذی ، کتاب البروالصلة ، باب ماجاء فی السخاء،۳/ ۳۸۷ ،حديث :۱۹۶۸ بتغيرقليل)

(5) اي انسان جيڪڏهن تون بچيل مال خرچ ڪري ڇڏيندي ته تنهنجي لاءِ سٺو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي روڪي رکندي ته تنهنجي لاءِ برو آهي ضرورت جيترو پاڻ وٽ رک ته توتي ملامت ناهي ۽ ڏيڻ تي پنهنجي گهر وارن کان شروعات ڪيو ۽ مٿيون هٿ هيٺين هٿ کان بهتر آهي.

(صحيح مسلم: کتاب الزکاة، الحديث:۱۰۳۶،ص۵۱۶)

هن حديث جي شرح ۾ حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا ته يعني پنهنجي ضرورتن کان بچيل مال خيرات ڪري

ڇڏڻ تنهنجي لاءِ فائديمند آهي ڇو تہ ان مان تنهنجو ڪو بہ ڪم نہ رُڪندو ۽ توکي دنيا ۽ آخرت جي عيوض (بدلو) ملندو ۽ ان کي روکي ڇڏڻ پاڻ تنهنجي لاءِ برو آهي ڇو تہ اها شيءِ سڙي يا ڳري وڃي يا ٻي طرح زياه ٿي وڃي ۽ تون ثواب کان محروم ٿي وڃين، ان لاءِ حڪم آهي تہ نئون ڪپڙو پاءِ ۽ پراڻو ڪپڙو خيرات ڪري ڇڏ، نوان جوتا ربّ تعالٰي توکي ڏئي تہ پراڻا جوتا جيڪي توهان جي ضرورت کان بچيل آهن ڪنهن فقير کي ڏئي ڇڏ تہ تنهنجي گهر جو ڪچرو نڪري ويندو ۽ ان جو پلو ٿي ويندو.مزيد فرمائن ٿا ان ۾ بہ حڪم بيان ٿي ويا هڪ اهو جيڪو مال ان وقت کان وڌيڪ آهي سياڻي ضرورت پوندي، ان کي سنڀالي رکو، اڄ نفلي صدقو ڏئي ڪري سياڻي پاڻ نہ پنو، ٻيو هي تہ خيرات پهرين پنهنجي عزيز غريبن کي ڏيو پوءِ غيرن کي ڏيو ڇو تہ عزيزن کي ڏيڻ ۾ صدقو بہ آهي ۽ صلح رحمي بہ. (مرآة المناجيح شرح مشكاة المصابيح، ج٣،ص٧٠۔٧١)

سخاوت جي دولت ماڻڻ جو ذهن ڪيئن بڻايون؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان بہ سخاوت جي عادت ناهڻ چاهيون ٿا تہ اچو! ان جي متعلق ڪجهہ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون.

(1) سخاوت جا فضائل پڙهو!

سخاوت جا فضائل ۽ بخل جي مذمت حديثن مبارڪن ۾ پڻ صحابہ ڪرام ۽ بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ الْمُبِين جي واقعن کي پڙهو اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان بخل جي عادت نڪري ويندي ۽ سخاوت جو ذهن بڻجي ويندو.

(2) مال جي محبت ڪڍي ڇڏيو!

پنهنجي دل مان مال ۽ دولت جي محبت کي ڪڍي ڇڏيو ڇو تہ جيستائين مال ۽ دولت جي محبت دل ۾ رهندي الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ ڏيڻ لاءِ دل نہ چوندي حضرت سيّدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪو درهم يعني دولت جي عزت ڪري ٿو الله ربّ العزت ان کي ذلت ڏئي ٿو منقول

آهي سڀ کان پهرين درهم ۽ دينار ٺهيا تہ شيطان ان کي کڻي پنهنجي پيشاني تي رکيو پوءِ ان کي چميو ۽ چيو، جنهن ان سان محبت ڪئي اهو منهنجو غلام آهي. (اِحیا ءُ العُلُوم ج۳ص۲۸۸) آداب طعام،ص۳۶۶)

(3) مسلمانن جي خير خواهي ڪيو!

پنهنجي دل ۾ مسلمان ڀاءُ جي خيرخواهي جو جذبو پيدا ڪيو جيئن تہ پنهنجي دوستن مٽن مائٽن پاڙي وارن جي خيريت پڇندا رهو انهن جي ڏک تڪليف ۾ شريڪ تي ڪري توفيق جي مطابق انهن جون حاجتون پوريون ڪريو فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو ڪنهن مسلمان جي دنياوي پريشاني پري ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي پريشانين مان هڪ پريشاني پري ڪري ڇڏيندو جيڪو تنگدست جي لاءِ دنيا ۾ آساني فراهم ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي لاءِ آسانيون پيدا فرمائيندو ۽ جيڪو دنيا ۾ ڪنهن مسلمان جي پردا پوشي ڪندو الله عَزَّوَجَلَّ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي پردا پوشي فرمائيندو ۽ ماڻهون جيستائين مسلمان ڀاءُ جي مدد ڪندو رهندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي مدد فرمائيندو رهندو آهي. (جامع التر مذی ،کتاب البر والصلۃ ، باب ماجاء فی الستر ة علی المسلم ، رقم ۱۹۳۷ ،ج ۳، ص ۳۷۳)

(4) دل مان بغض ۽ ڪينو ڪڍي ڇڏيو!

پنهنجي دل مان ڪنهن مسلمان جي لاءِ بغض ۽ ڪينو هجي تہ ڪڍي ڇڏيو چو تہ دل ۾ نفرت هوندي تہ ان تي خرچ ڪرڻ يا کهڙي بہ طرح همدردي ڪرڻ تي دل راضي نہ ٿيندو انهي لاءِ بغض ۽ ڪينو پري ڪرڻ ۽ پاڻ ۾ محبت پيدا ڪرڻ لاءِ سلام ۽ هٿ ملائڻ بہ مفيد آهي. حديث پاڪ ۾ آهي تہ هٿ ملائيندا رهو ڪينو پري ٿيندو تحفو ڏيندا رهو محبت وڌندي ۽ بغض پري ٿيندو. (موطاامام مالک، کتاب حسن الخلق ، باب ماجاء فی المهاجرة ، رقم ۱۷۳۱ ، ج ۲ ، ص۴۰۷)

(5) مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن توهان صدقو ۽ خيرات جو ذهن رکڻ

چاهيو ٿا دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃون اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان بخل جي بيماري سان گڏو گڏ ٻين برائين کان به ڇٽڪارو نصيب ٿيندو ۽ نيڪ ٿيڻ جو جذبو نصيب ٿيندو.

12 مدني ڪمن مان ماهوار هڪڙو مدني ڪم "مدني قافلي ۾ سفر"

منا منا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، پاڻ به نيڪيون ڪرڻ، گناهن کان بچڻ ٻين کي بچائڻ ۽ نيڪين تي استقامت پائڻ لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃون ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان مهيني وار هڪ مدني ڪم راهه خدا ۾ عاشقان رسول سان گڏ 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ به آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! ان سلسلي ۾ دعوت اسلامي جي سنّتن جي تربيت جا بيشمار مدني قافلا 3 ڏينهن، 12 ڏينهن، هڪ مهينو ۽ 12 مهينن جي لاءِ ملڪن، شهرن، ڳوٺن ۾ سفر ڪري علم دين ۽ سنّتن جي مدني بهار لٽائي رهيا آهن ۽ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهيا آهن. يقيناً راهه خدا ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقان رسول سان گڏ دعوت اسلامي جي ان مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وڏي سعادت آهي. انهن مدني قافلن جي برڪت سان پنج وقت نماز ۽ نفلن جي پابندي سان گڏو گڏ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنّتون به سکڻ جي لاءِ ملنديون آهن ۽ علم دين حاصل ڪرڻ جو موقعو به ملندو آهي. علم دين جي لاءِ سفر جا بيشمار فضائل آهن. جيئن ته

حضرت سَيِّدُنَا اَبُو دَرداءِ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ چيو ته مون رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي ته جيڪو شخص علم (دين) حاصل ڪرڻ جي لاءِ سفر ڪندو آهي، ته خدا تعالٰي ان جي لاءِ جنّت جي رستن مان هڪ رستي تي هلائيندو آهي ۽ طالب علم جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ فرشتا پنهنجي پرن کي وڇائيندا آهن ۽ هر اها شيء جيڪا آسمان ۽ زمين ۾ آهي. ايستائين جو مڇيون پاڻي جي اندر

عالم جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪنديون آهن ۽ عالم جي فضيلت عابد تي ائين آهي جئين چوڏهين رات جي چنڊ جي فضيلت تارن تي ۽ علماء انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جن جا وارث ۽ جانشين آهن.

انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جو ترڪو (ميراث) دينار ۽ درهم نہ هئا. انهن وارثت ۾ صرف علم ڇڏيو آهي، جنهن ان کي حاصل ڪيو ان ڄڻ پورو حصو ورتو.

(سنن ابوداوٗد، کتاب العلم ، باب الحث علی طلب العلم، الحدیث ۳۶۴۱، ج۳، ص۴۴۴)

تنهنڪري اسان بہ علم دين جي حصول جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ڪي پنهنجو معمول بڻايون، اِنۡ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دنيا جون پريشانيون ۽ مسئلا حل ٿي ويندا.

فلمن ڊامن جو شوقين

فيصل آباد جي علاقي يوسف ٽاؤن نمبر2 ۾ رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ بيان آهي تہ نيڪين جي رستي تي هلڻ کان پهريان مان گناهن ڀري زندگي گزاري رهيو هئس. نمازون قضا ڪري ڇڏڻ، ڏاڙهي ڪوڙائڻ منهنجي عادت هئي. فلمون ڊارما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ منهنجو معمول بڻجي ويو هو. منهنجي زندگي ۾ نيڪين جو چنڊ ڪجهہ هن طرح چمڪيو جو خوش قسمتيءَ سان ڪڏهن ڪڏهن دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪندو هئس. هي سلسلو ڪيترن ئي مهينن تائين جاري رهيو. پر منهنجي اندر ڪا خاص تبديلي نہ آئي هڪ دفعي اسان جي علائقي ۾ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ هڪ ڏاڙهي شريف رکيل ۽ عمامو سجايل اسلامي ڀاءُ مون تي انفرادي ڪوشش ڪندي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جو ذهن ڏنو. ان جي محبت ڀريل مٺي گفتگو ۽ حسنِ ڪردار ۾ اهڙي تاثير هئي جو انڪار نہ ڪري سگهيس ۽ عاشقان رسول سان گڏ 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. جتي مونکي پنج وقت با جماعت پهرين صف ۾ ادا ڪرڻ سان گڏو گڏ پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٺي مٺي سنّتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو مليو پڻ نماز، وضو، غسل جي متعلق ڪوڙ بنيادي ڳاليون سکڻ جو موقعو مليو. مدني

قافلي ۾ مونکي ڏاڍو سکون ۽ اطمينان نصيب ٿيو مون پنهنجي گذريل سيني گناهن کان توبہ ڪئي. ڏاڙهي شريف سجائڻ جي پڪي نيّت ڪئي ۽ مدني قافلي کان پوءِ سائو عمامو شريف سجائي گھر پهتس. مان پنهنجي زندگي جا باقي ساهہ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پيار حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي اطاعت** ۾ **گذارڻ** جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جو مريد ٿي ڪري قادري عطاري** بڻجي ويس ۽ علائقي جي بين اسلامي ڀائرن سان گڏ ملي ڪري دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جي حسبِ توفيق ڪوشش ڪندو رهيس. **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي فضل** و **ڪرم** ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان منهنجا ست ڀائر نہ صرف امير **اهلسنّت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **جا مريد ٿيا** بلڪہ مدني ماحول سان وابستہ ٿي ڪري تنظيمي طور تي ذميداري جي سعادت بہ ملي ۽ مونکي اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **علاقائي** مُشاورت جي خادم (نگران) جي حيثيت سان خدمت بہ نصيب ٿي.

ٽيلي ٿون جي ترغيب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ 108 ڪان **وڌيڪ شعبن** جي ذريعي قرآن و سنّت جو پيغام عام ڪري رهي آهي، انهن شعبن ۾ **جامعة المدينہ** ۽ **مدرسة المدينہ** بہ شامل آهن، جتي قرآن پاڪ ۽ علمِ دين جي تعليم في سبيل الله ڏني ويندي آهي. ملڪ ۽ ٻاهرين **ملڪ 851** (اٺ سو ايڪونجاهہ) **جامعات المدينہ ۽ 4201** (چار هزار ٻہ سو هڪ)**مدارس المدينہ ۾ تقريبًا 258947** (2لک، 58هزار947) **شاگرد ۽ شاگرديائيون** دِيني تعليم حاصل ڪرڻ ۽ **قرآنِ ڪريم**(حفظ و ناظره) ۾ **مشغول آهن**، صرف هنن ٻن شعبن جا اخراجات تقريبًا 3 ارب 73 **ڪروڙ** سالانہ آهن.

اِنْ شَآءَاللّٰه 15 **نومبر2020** ء،28 ربيع الاول 1442ھ آچر جي ڏينهن 02:00 ڪان اڳئين ڏينهن **صبح 05:00** بجي تائين ٽيلي ٿون (چنده/Donation جمع ڪرڻ جي مهم) جو سلسلو ٿيندو. **پاڪستاني ڪرنسي** مطابق 1 **يونٽ** 10 **هزار** روپين جو هوندو،

ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ ''مدارس المدينہ وجامعات المدينہ جي قيام وانتظام جي جملہ اخراجات جي لاءِ تعاون فرمايو.

ٽيلي ٿون (چندو جمع ڪرڻ جي مهم) ۾ حصو وٺندڙ خوش نصيب عاشقانِ رسول جي لاءِ دعاءِ عطار:

15 نومبر2020 ء،28 **ربيع الاول** 1442ھ **تي ٿيندڙ ٽيلي ٿون** (چندو جمع ڪرڻ جي مهم) ۾ حصو وٺندڙ خوش نصيب عاشقانِ رسول جي لاءِ اميراهلسنت ڪيتري نہ پياري دُعا فرمائي آهي:

دعاءِ عطار: ياالله پاڪ! جيڪو گهٽ مان گهٽ 1 يونٽ هن ٽيلي ٿون ۾ جمع ڪرائي، ان کي ايمان جي سلامتي نصيب فرماءِ، بري خاتمي کان بچاءِ ۽ مرڻ وقت ان کي تنهنجي حبيب جو جلوو نصيب ٿئي ۽ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪلمو پڙهائن ۽ پنهنجي قدمن ۾ ان کي سمهارين. ياالله! هي دعا هر ان اسلامي ڀيڻ جي حق ۾ بہ قبول فرماءِ جيڪا پنهنجي محرم جي ذريعي 1 يونٽ جمع ڪرائي، يا ڪنهن طرح بہ جمع ڪرائي، سڀني جي حق ۾ قبول فرماءِ. جيڪو ويچارو پاڻ نٿو ڏئي سگهي، پر ٻين کي تيار ڪري هي ڏياري، ان جي حق ۾ بہ اها دعا قبول فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ غيب نشان آهي :''آخري زماني ۾ دِين جو ڪم بہ دِرهم ۽ دِينار سان ٿيندو.'' (المعجم الكبير، ۲۰/۲۷۹،حديث:۶۶۰،ملخصاً) اڄ جي دور جون تقاضائون جيڪي آهن اهي ڪنهن سان لڪيل نہ آهن. ان ڪري دِين جي ڪمن ۾ تعاون جي لاءِ پنهنجي صدقات، عطيات (چندي/ فنڊ Donation) ۽ خيرات وغيره سان تعاون فرمايو.

اِنْ شَآءَ الله عَزَّ وَجَلَّ اوهان جو ڏنل صدقو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪوڙ فائدن جو سبب بڻجندو.

اِمامِ اهلسنّت، مجدّدِ دِين و ملّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فتاويٰ رضويہ جلد23، صفحي 152 تي صدقي جي فضيلتن بابت حديث مبارڪ مان

حاصل ٿيل جيڪي فائدا ذڪر ڪيا آهن، انهن ۾ ڪجهه هي به آهن:★ **الله** پاڪ جي حڪم سان (صدقو ڏيندڙ) بُري موت کان بچندا، ستر دروازا بُري موت جا بند ٿيندا. ★ان (يعني صدقو ڏيندڙن) جون عمرون وڌنديون. ★ (صدقو ڏيندڙن وٽ) رزق جي وسعت، مال جي گهٽائي ٿيندي، ★(۽ صدقو ڏيندڙ) صدقو ڏيڻ جي عادت سبب ڪڏهن به محتاج نه ٿيندا. ★ (صدقو ڏيندڙ) خير و برڪت ماڻيندا. ★(صدقو ڏيندڙن کان) آفتون بلائون پري ٿينديون، ★(صدقو ڏيندڙن کان) بُري قضا ٽرندي، ★(صدقو ڏيندڙن کان) ستر (70) دروازا برائي جا بند ٿيندا، ★(صدقو ڏيندڙن کان) ستر(70) قِسم جون بلائون دور ٿينديون. ★(صدقو ڏيڻ وارن سان) مددِ الٰهي شامل ٿيندي. ★رحمتِ الٰهي انهن (يعني صدقو ڏيندڙن) جي لاءِ واجب ٿيندي. ★ملائڪ اُنهن (يعني صدقو ڏيندڙن) تي درود موڪليندا.

انهن جي علاوه بيا به ڪوڙ دِيني ۽ دنياوي فائدا آهن جيڪي صدقو ڏيڻ سان حاصل ٿين ٿا. تنهنڪري اوهان پاڻ به ٿيلي ٿون مهم ۾ تعاون ڪريو، پنهنجي مرحومن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ان ۾ يونٽ جمع ڪرايو. وڌيڪ نه هجي ته گهر جي هر فرد جي طرفان گهٽ مان گهٽ هڪ يونٽ ته ضرور جمع ڪرايو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو. يونٽ جمع ڪرڻ جو پنهنجو ڪو هدف ٺاهي هينئر کان ان جي لاءِ رابطا شروع ڪري ڇڏيو. الله پاڪ اوهان کي جزاءِ خير عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِ الْاَمِین صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جون ڪجهه سنتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو.

ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

۞ سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم گفتگو اهڙي دلنشين انداز ۾ فرمائيندا هئا جو ٻُڌڻ وارو آسانيءَ سان ياد ڪري وٺندو هو جيئن اُمُّ المُومنين حضرت سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا فرمائن ٿيون ته رحمت عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

جن صاف صاف ۽ چٽو ڪلام فرمائيندا هئا، هر ٻُڌڻ وارو ان کي ياد ڪري وٺندو هو. (المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث 26269، ج 10، ص 115)

- مسڪرائي ڪري خوش طبعي سان ڳالهه ٻولهه ڪجي. ننڍن سان شفقت ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو رکو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ ٻنهي جي وچ ۾ توهان معزز رهندؤ.
- رڙيون ڪري ڳالهڻ اڄ ڪل لاپرواهي ۾ دوست پاڻ ۾ ڪندا آهن، عيبدار آهي.
- دورانِ گفتگو هڪ ٻئي سان هٿ تي تاڙي لڳائڻ صحيح ناهي ڇو ته تاڙي، سيٽي وڄائڻ محض راند روند، تماشو ڪافرن جو طريقو آهي. (تفسير نعيمى،ج۹،ص۵۴۹)
- ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت ٻئي جي سامهون هر هر نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿڪ اڇلائڻ سٺي ڳالهه ناهي. هن سان ٻين کي ڪراهَتَ ايندي آهي.

جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي، اطمينان سان ٻڌو. هن جي ڳالهه ڪٽي ڪري پنهنجي ڳالهه شروع نه ڪريو.

- ڪير به ٻاتائي ڪري ڳالهه ڪندو هجي ته ان جي نقل نه ڪريو ان سان ان جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي.
- ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت ٽهڪ نه لڳايو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن به ٽهڪ نه ڏنو. (ماخوذ از مرأةالمناجيح،ج۶،ص۴۰۲)
- گهٽي ڳالهائڻ ۽ گهڙي گهڙي ٽهڪ ڏيڻ سان عزت ڪِري پوندي آهي.
- سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: "جڏهن توهان ڪنهن دنيا کان بي رغبت شخص کي ڏسو ۽ هن کي گهٽ ڳالهائيندي ڏسو ته ان جي پرسان ضرور ويهو ڇو ته ان تي حڪمت جو نزول ٿيندو

آهي. (سنن ابن ماجہ،کتاب الزہد ،باب الزہد فی الدنیا،الحدیث ۴۱۰۱،ج۴،ص۱۲۲)

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جا شايع ٿيل ٻہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنّتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنّتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر آهي. (101مَدَنی پھول،ص۲۷)

عاشقانِ رسول،آئیں سنت کے پھول دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

(1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

(3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

(4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

(5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدِّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهٴ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

1 ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

2 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3 ...القول البديع، الباب الاول، ص125

(6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وٰالِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

(2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

پياري آقا جون پياريون ادائون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

دُرُود شريف جي فضيلت

رسولِ اَڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: منهنجو جيڪو اُمّتي اِخلاص سان مون تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهندو الله پاڪ ان تي ڏھ (10) رَحمتون نازِل فرمائيندو، ان جا ڏھ (10) دَرَجا بلند فرمائيندو، ان جي لاءِ ڏھ (10) نيڪيون لکندو ۽ ان جا ڏھ (10) گناھ مٽائيندو. (سنن ڪبريٰ،ڪتاب عمل اليوم ...الخ،باب ثواب الصلاۃ...الخ،۲۱/۶،حديث:۹۸۹۲)

میری زبان تَر رہے ذِکْر و دُرُود سے بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا. **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه" **يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.** (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻه مدني گُل: (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوا الله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! انسان جنهن سان محبت ڪندو آهي ان جو ڪثرت سان ذڪر ڪندو آهي، ان جي نقش قدم تي هلڻ، ان جي ادائن کي اپنائڻ ۽ قول ۽ فعل ۽ عمل ۾ ان جي نقل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو آهي ڇوته محبوب جي ادائن کي پسند ڪرڻ ۽ اپنائڻ ئي محبت جي نشاني ۽ محبت ۾ سچائي جو دليل هوندو آهي. جيئن ته اسان به پنهنجي پياري پياري آقا، مديني واري مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪريون ٿا، اسان کي پنهنجي محبت جي سچائي کي پرکڻ جي لاءِ غور ڪرڻ گهرجي ته اسان پنهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري سُنّتن ۽ نِرالي ادائن کي ڪيتري حد تائين

اپنايون ٿا؟ اڄ جي بيان ۾ اسان پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڪجھ پياري پياري ادائن ۽ سُنَّتن مثال طور پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڳالهائڻ جو انداز ڪهڙو هو؟ پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي کائڻ جو انداز ڪهڙو هو؟ پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو معاشري ۾ رهڻ جو انداز ڪهڙو هو؟ گڏوگڏ صحابہ ڪرام ۽ صحابيات ۽ بزرگانِ دين رَحِمَہُمُ اللّٰہُ الْمُبِیْن جي سنّتِ رسول سان والهانہ محبت، سُنَّتن تي عمل ڪرڻ جي واقعن جي باري ۾ ٻڌنداسين. تنهنڪري سنين سنين نيتن ۽ دلجمعي سان مڪمل بيان ٻڌڻ جي نيت ڪري وٺو.

اچو! سڀ کان پهريان پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زندگي گذارڻ جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

اَخلاقِ مصطفيٰ جون جهلڪيون

اُمُّ المومنين حضرت عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہَا فرمائن ٿيون: رسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان وڌيڪ ڪوئي خوش اخلاق نہ هو. رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا صحابي يا حضور جي گهر وارن مان جيڪو بہ پاڻ کي سڏيندو هو تہ ڪين لَبَّيڪ (يعني مان حاضر آهيان) چئي جواب ڏيندا هئا. حضرت جرير رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ ارشاد فرمائن ٿا: مان جڏهن کان مسلمان ٿيو آهيان ڪڏهن بہ رسولُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي پاڻ وٽ اچڻ کان نہ روڪيائون ۽ جنهن وقت بہ مون کي ڏسندا هئا تہ مرڪي پوندا هئا ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي صحابہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُم کان خوش طبعي بہ ڪندا هئا ۽ سيني سان ملي جلي رهندا هئا، هر هڪ سان گفتگو ڪندا هئا، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُم جي ٻارن سان بہ خوش طبعي ڪندا هئا، انهن جي ٻارن کي پنهنجي مُبارڪ هنج ۾ ويهاريندا هئا، آزاد، غلام ۽ مسڪين سيني جون دعوتون قبول ڪندا هئا، مديني کان ڪافي پري رهندڙ مريضن جي عيادت جي لاءِ تشريف کڻي ويندا هئا ۽ مَعذِرَت ڪرڻ واري جي مَعذِرَت قبول ڪندا هئا.

(الشفاء بتعريف حقوق المصطفي ،فصل واما حسن عشرته، ١ / ١٢١)

سر سے پا تک ہر اَدا ہے لا جواب خوبُرویوں میں نہیں تیرا جواب
حُسن ہے بے مِثْل صورت لا جواب میں فدا تم آپ ہو اپنا جواب

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ حضور نبي رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **گهر وارن، پنهنجي عزيزن، پنهنجي صحابين، پنهنجي رشتيدارن، پنهنجي پاڙيسرين ايستائين جو هر هڪ سان ايتري خوش اخلاقي ۽ ملنساري سان پيش ايندا ها جو انهن مان هر هڪ پاڻ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **سان محبت ڪرڻ وارو ٻڌجي ويندو هو، جڏهن ڪو پاڻ کي سڏيندو هو تہ پاڻ جواب ۾ لبيڪ** (يعني مان حاضر آهيان) **فرمائيندا ها، پر افسوس! اڄوڪي دور ۾ اسان پنهنجي حالت تي جيڪڏهن غور ڪريون، تہ اسان جا گهر وارا، دوست احباب، رشتيدار مطلب تہ اسان سان تعلق رکندڙ اسان جي بُري اخلاق ۽ ڪردار جي ڪري پريشان نظر ايندا آهن، ڇوتہ ڪڏهن اسان اڙي اوئي سان گفتگو ڪندا آهيون تہ ڪڏهن اسان ٻين سان لڙائي جهيڙو ۽ گار گند ڪندا آهيون، ڪڏهن ڪنهن جي غيبت، چغلي ۽ دل آزاري ڪندي نظر ايندا آهيون، تہ ڪڏهن گهر ۾ والدين ۽ ڀيڻ ڀائرن سان اٽڪندي نظر ايندا آهيون، ڪڏهن دوستن سان بي رُخي ۽ بدسُلوڪي ڪندي نظر ايندا آهيون، تہ ڪڏهن ٻارن سان اجائي سختي سان پيش ايندا آهيون، ڪڏهن گهر وارن سان جهيڙو ڪندا آهيون تہ ڪڏهن پاڙيسرين تي ناراضگي جو اظهار ڪندا آهيون، ڪڏهن وري پنهنجي رشتيدارن سان قطع تعلقي ڪندا آهيون، مطلب تہ بدقسمتي سان نہ اسان ظاهر ۾ سُنّتِ مُصطَفٰي جا پابند آهيون نہ ڪردار ۾ اخلاقِ مُصطَفٰي جا پيڪر آهيون، اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي زندگي حضور نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي سيرتِ طيبہ جي مطابق گذاريون، جيئن تہ**

اسان جي رَبّ ڪريم پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي پيروي ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو:**

لَقَدۡ كَانَ لَكُمۡ فِىۡ رَسُوۡلِ اللّٰهِ اُسۡوَةٌ حَسَنَةٌ (پ۲۱،الاحزاب:۲۱)

ترجمو كنز الايمان: بيشڪ توهان لاءِ رسول الله جي پيروي بهتر آهي.

مشهور مفسر قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هن آيت سڳوري جي حوالي سان فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ ڪامياب زندگي اها ئي آهي جيڪا اُنهن جي نقشِ قدم تي هجي، جيڪڏهن اسان جو جيئڻ، مرڻ، سمهڻ، جاڳڻ، حضور (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي نقشِ قدم تي ٿي وڃي تہ اهي سمورا ڪم عبادت بڻجي ويندا. (نور العرفان، پ۲۱، الاحزاب، تحت الآية:۲۱)

جو اپنے دل کے گُلدستے میں سُنت کو سجاتے ہیں وہ بے شک رَحمتیں دونوں جہاں کی حق سے پاتے ہیں

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

سنتن تي عمل ڪرڻ جون برڪتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اها حقيقت آهي تہ جيڪي ماڻهو اٿڻ، ويهڻ، هلڻ، ڦرڻ، سمهڻ جاڳڻ، کائڻ پيئڻ، ۽ گفتگو ڪرڻ ۾ پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنَّتن کي اپنائن ٿا تہ ربّ ڪريم جون رحمتون انهن تي ڇماڇم وسن ٿيون، ڇوتہ ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي ربّ ڪريم جي رضا نصيب ٿيندي آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن جو شمار ربّ ڪريم جي پسنديده ٻانهن ۾ ٿيندو آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي خوفِ خُدا نصيب ٿيندو آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي فڪرِ آخرت جو ذهن نصيب ٿيندو آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي حقيقي محبتِ رسول نصيب ٿيندي آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي ڪيئي شهيدن جو اجروثواب حاصل ٿيندو آهي، ❖ سُنَّتن تي عمل ڪرڻ وارن کي ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابيون نصيب ٿينديون آهن، ❖ سنتن تي عمل ڪرڻ وارن کي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي جي خُوشنودي ۽ قُرب حاصل ٿيندو آهي. اچو! سُنَّتن تي عمل جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ هڪ واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

سنّت تي عمل جي برڪت سان بخشش ٿي وئي

حضرت علي بن حُسين رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ حضرت هِبَۃُ الله طَبَري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي خواب ۾ ڏسي پڇا ڪيائون: مَا فَعَلَ الله بِکَ يعني الله ڪريم اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ حضرت هِبَۃُ الله رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جواب ڏنو: الله ڪريم منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي. عرض ڪيو ويو: ڪهڙي سبب؟ تہ انهن رازداري واري انداز ۾ فرمايو: سُنّتِ مُبارڪ تي عمل جي ڪري. (سيراعلام النبلاء،رقم:٢٧۴،هبة الله بن الحسن، ۴١٩/١٧ بتغير)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ سُنَّتِ مصطفيٰ تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان الله پاڪ حضرت هَبَۃُ الله رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي مغفرت فرمائي ڇڏي، سُبۡحٰنَ الله! سُبۡحٰنَ الله! ياد رکو! اسان جا بزرگ سڳورا رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡھِم صحابہ ڪرام وصحابيات رَضِیَ اللہُ عَنۡھُم پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هر سُنّتِ ڪريمہ جي پَيروي کي لازِم ۽ ضَروري سمجهندا هئا ۽ وار برابر بہ ڪنهن مُعَامَلي ۾ پنهنجي پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي فرمانن ۽ سنتن کي ڇڏڻ پسند نہ ڪندا هئا.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اها آهي سچي محبت ۽ ڪامل اطاعت ۽ فرمانبرداري جو سرڪار مدينہ جي حڪم تي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائون جڻ تہ الله جي پياري حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وات مُبارَڪ مان نڪرندڙ لفظ انهن جي لاءِ سڀ ڪجهہ هوندا هئا، ان جي علاوه بہ آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سنتن ۽ فرمانن تي عمل جو تمام گهڻو جذبو رکڻ وارن عاشقانِ رسول جا ڪوڙ سارا واقعا آهن. جيئن

سُنّت تي عمل جي برڪت

اَميرِ اَهلسنّت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ پنهنجي مايہ ناز ڪتاب فيضانِ سُنّت جلد اَوّل جي صفحي نمبر 263 تي هڪ واقعو نقل ڪندي فرمائن ٿا: زبردست محدّث حضرت سيّدنا هُدبہ بن خالد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي بغداد جي خليفي مامون رشيد پاڻ وٽ دعوت تي گهرايو، ڪاڌي جي آخر ۾ ڪاڌي جا جيڪي ذرا وغيره ڪِري پيا هئا، اهي محدّث حضرتِ سيّدنا هُدَبہ بن خالد

رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه چوندي چوندي ڪري کائڻ لڳا،خليفهٔ بغداد مامون رشيد حيران ٿي ڪري چيو، اي شيخ! ڇا توهان جو اڃا تائين پيٽ ناهي ڀريو؟ فرمايائون ڇو نه! دراصل ڳالهه هي آهي جو مون کي حضرت سيّدُنا حمّاد بن سلمه رَضِیَ اللہُ عَنۡه هڪ حديث بيان فرمائي آهي ته ”جيڪو شخص دسترخوان تي ڪِريل ذرن کي چوندي چوندي ڪري کائيندو اهو تنگدستي کان بي خوف ٿي ويندو.“ (اتحاف السادة المتقين،الباب الاول،۵۹۷/۵) مان انهيءَ حديثِ پاڪ تي عمل ڪري رهيو آهيان، اهو ٻُڌي ڪري مامون بيحد متاثر ٿيو ۽ پنهنجي هڪ خادم ڏانهن اشارو ڪيائين ته هو هڪ هزار دينار رومال ۾ ٻَڌي ڪري کڻي آيو، مامون ان کي حضرت سيّدُنا هُدبه بن خالد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪيو، حضرت سيّدُنا هُدبه بن خالد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه فرمايو اَلۡحَمۡدُلِلّٰه حديث مبارڪ تي عمل جي هٿوهٿ برڪت ظاهر ٿي وئي. (ثمراتُ الاوراق، ۸/۱)

رزق جي قدر ڪريو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي مان ٻه اهم نڪتا حاصل ٿيا. پهريون نڪتو اهو ته دستر خوان تي ڪريل ٽڪرا کائڻ جي برڪت سان رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۽ رزق جي تنگي کان حفاظت نصيب ٿيندي آهي، پر افسوس! اڄڪلهه اسان جي گهرن ۾ انتهائي بي حِسي سان رِزق جي ناقدري ۽ بي حُرمتي ڪئي ويندي آهي، چانهه، پاڻي، ڪولڊ ڊرنڪ ۽ شربت وغيره پيئڻ ۽ کاڌو کائڻ کان پوءِ ٿانوءِ ۾ ٿورو ڇڏيو ويندو آهي جنهن کي اڄڪلهه شايد فيشن سمجهيو ويندو آهي ۽ پوءِ ان بچيل رزق کي گندي نالين ۾ اڇلايو ويندو آهي.

اميرِاهلسنّت باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رَضَوي دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اڄڪلهه انتهائي بي حسي سان ٿيندڙ رزق جي ناقدري ۽ بي حُرمتي تي افسوس ۽ ڏک جو اظهار ڪندي ارشاد فرمائن ٿا: اڄڪلهه رِزق جي بي قَدري ۽ بي حُرمتي کان ڪهڙو گهر خالي آهي، بنگلي ۾ رهڻ وارن اَرَب پَتي کان وٺي جهوپڙيءَ ۾ رهڻ وارن مزدورن تائين رزق ۾

بي احتياطي جو شڪار نظر اچن ٿا، شادي ۾ طرح طرح جي کاڌن جي ضايع ٿيڻ کان وٺي گھرن ۾ٿانوَ ڌوئڻ وقت جھڙي نموني ٻوڙ جو شوربو، چانور ۽ ان جا اجزا وهائي مَعَاذَ الله نالي جي حوالي ڪيا ويندا آهن، جنهن سان اسان سڀ واقف آهيون، ڪاش اسان ۾ به کاڌو ضايع ڪرڻ کان بچڻ جو جذبو پيدا ٿي وڃي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب ! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

ماڻھو ڇا چوندا!

ٻيو نڪتو اهو مليو ته اسان جا بُزرگ سڳورا سنتن سان ايتري قدر محبت ڪندا هئا جو اهي سُنَّتن تي عمل ڪرڻ جي معاملي ۾ دنيا جي وڏي کان وڏي امير، رئيس، بادشاھ، وزير ۽ ڪنهن وڏي عهدي واري جي پروا نه ڪندا هئا، پر افسوس! اڄڪلھ سُنّتون ته رهيون پري اسان فرض ۽ واجبات ۾ ڪوتاهي ڪندي نظر ايندا آهيون، ڪڏهن نمازون ٽائيم تي نٿا پڙهون ته ڪڏهن نمازون بلڪل ئي ڇڏي ڏيندا آهيون، ڪڏهن بد نگاهي ڪيون ٿا ته ڪڏهن رشتيدارن ۽ دوستن جي ڳالهين جي ڪري دلبرداشته ٿي سنتون ڇڏي ڏيندا آهيون ۽ ائين سوچيندا آهيون ته جيڪڏهن مون سُنَّتن تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ته منهنجا گھر وارا ۽ دوست ڇا چوندا؟ جيڪڏهن مان نماز پڙهڻ لڳي ويس ته منهنجا دوست ڇا چوندا؟ جيڪڏهن مان دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لڳي ويس ته منهنجا دوست ڇا چوندا؟ جيڪڏهن مون قرآنِ ڪريم پڙهڻ يا سکڻ شروع ڪري ڇڏيو ته منهنجا دوست ڇا چوندا؟ مطلب ته اسان دوستن، گھر وارن ۽ ٻين رشتيدارن جي ڪري نيڪ عمل ۾ سستي ڪندا ۽ سنتن کي ڇڏيندي نظر ايندا آهيون.

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اسان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب ٿيڻ چاهيون ٿا، جيڪڏهن اسان جهنم جي عذاب کان بچي ربِّ ڪريم جي رِضا ماڻڻ چاهيون ٿا، جيڪڏهن اسان حضورنبي رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت ماڻڻ چاهيون ٿا، جيڪڏهن اسان جنت جي ابدي نعمتن جا حقدار ٿيڻ چاهيون

تاۀ جيڪڏهن اسان جنت ۾ آقا ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو قُرب ماڻڻ چاهيون ٿاۀ تہ ان جي لاءِ اسان کي پياري آقاۀ مکي مدني مُصطَفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري صحابہ ۽ صحابيات رَضِیَ الله عَنۡھُم جي نقشِ قدم تي هلڻو پوندو ڇوتہ انهن مقدس هستين جو پائڻ وڇائڻ، سمهڻ جاڳڻ، کائڻ پيئڻ مطلب تہ هر نيڪ ۽ جائز ڪم سنتِ رسول جي مطابق هوندو هو، اهي حضرات ڪهڙي طرح مُصطَفٰي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ادائن کي پنهنجي زندگي ۾ اپنائيندا ها اچو هن باري ۾ هڪ نهايت ئي پيارو واقعو ٻڌون ٿا:

محبوب جي ادا سان محبت

مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "صحابہ ڪرام جو عشقِ رسول" جي صفحي 27 تي آهي تہ حضرت اَنَس رَضِیَ الله عَنۡهُ بيان فرمائن ٿا تہ پياري آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صحابہ رَضِیَ الله عَنۡھُم اَجۡمَعِين مان هڪ صحابي جيڪو درزي هو، انهن نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي گهر ماني جي دعوت ڏني، نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان پُرخُلُوص دعوت کي قُبُول ڪيو ۽ پاڻ مقرر ڏينهن تي ان صحابي وٽ وياۀ مان بہ پياري آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ ان دعوت ۾ موجود هئس، پياري آقا صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خاطر تواضع جي لاءِ جَو جي ماني ۽ ٻوڙ پيش ڪيو ويو جنهن ۾ ڪدُّو ۽ خشڪ ڪيل نمڪين گوشت هو، کائڻ جي دوران مون حضورِ اڪرم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ڏٺو تہ پاڻ پيالي جي ڪنارن مان ڪدّو جا ٽڪرا تلاش ڪري رهيا آهن، حضرت انس رَضِیَ الله عَنۡهُ فرمائن ٿا جڏهن مون ڏٺو تہ پاڻ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪدُّو کي ايترو پسند فرمائن ٿاۀ انهيءَ ڏينهن کان مان پاڻ بہ ڪدو کي پسند ڪرڻ لڳس. (بخاري،كتاب الاطعمة، باب المرق ، ۵۳۷/۳، حديث۵۴۳۶)

تیری اِک اِک اَدا پر اے پیارے سو دُرودیں فدا ہزار سلام

(ذوقِ نعت، ص۱۷۰)

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ ارشاد فرمائن ٿا تہ هن حديث مان ڪجهہ مسئلا معلوم ٿيا: ❖ هڪ اهو

تہ پنهنجي خادمن ۽ غلامن جي دعوت قبول ڪرڻ گهرجي توڙي جو اهي اوهان جي درجي کان گهٽ هجن. ❖ ٻيو اهو تہ خادم کي پاڻ سان گڏ هڪ پيالي ۾ ڪارائڻ تمام سنو آهي. ❖ ٽيو اهو تہ ڪدُو پسند ڪرڻ سنت آهي. ❖ چوٿون اهو تہ سُنَّت سان محبت ڪرڻ صحابہ ڪرام جو طريقو آهي. آخري فائدو بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ خادم پيالي مان ٻوٽيون يا ڪدو وغيره چُونڊي مَخدُوم جي اڳيان رکي سگهي ٿو. (مرأۃ المناجيح،۶/۱۸-۱۹ ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُمْ اَجْمَعِين جي دلجوئي جي لاءِ انهن جي دعوت قبول ڪندا هئا، دعوت ڏيڻ وارو مالدار هجي يا نادار، امير هجي يا غريب، بزنس مين هجي يا مزدور، ۽ نہ صرف دعوت قبول فرمائي پاڻ ان وٽ ويندا هئا بلڪ گهروارا جيڪو ڪجھ سندن اڳيان پيش ڪندا هئا پاڻ ڪنهن ناگواري جو اظهار ڪرڻ بغير ان کي ڪائيندا هئا. هن واقعي مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪدو شريف پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي انتهائي پسنديده سبزي هئي ۽ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وڏي شوق سان ڪدو شريف ڪائيندا هئا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هميشہ سچ ڳالهائيندا ها

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون وڏيڪ پياريون ادائون ٻڌون ٿا ۽ انهن ادائن کي ٻڌي اسان بہ ڪوشش ڪريون تہ پنهنجي محبوب آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ادائن کي اپنايون.

پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري ادائن مان هڪ ادا سچ ڳالهائڻ بہ آهي، اُمُّ الْمُؤْمِنِين حضرتِ عائشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: "ڪوڙ کان وڌيڪ ڪا عادت رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ويجهو ناپسنديده نہ هئي.
(سنن الڪبري للبيهقي،ڪتاب الشهادات،باب من ڪان منڪشف ...الخ، ۱۰/۳۳۱، حديث:۲۰۸۲۱)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪوڙ کي پسند

نہ ڪندا هئا۔ پيارا آقا، مکي مدني مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سچائي تي ڪيتري قدر مضبوطي سان پابند هئا ان جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اعلانِ نبوت کان پھريان پاڻ مکي شريف ۾ صادق (سچي) جي لقب سان مشهور هئا ۽ اهي ماڻهو جيڪي پاڻ جا سخت ترين دشمن هئا اهي بہ سندن سچائي جي شاهدي ڏيندا هئا، لهٰذا اسان کي گهرجي تہ هن معاملي ۾ بہ حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نقشِ قدم تي هلون، حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نہ صرف پاڻ هميشہ سچائي جا عادي رهيا، بلڪ پنهنجي غلامن ۽ پنهنجي ٻانهين کي بہ صداقت، امانت ۽ ديانت جي ترغيب ڏيندا رهيا ۽ انهن کي ڪوڙ کان بچائڻ جي لاءِ وقت بوقت ڪوڙ جون تباھ ڪاريون بيان ڪندا رهيا. اچو ڪوڙ جي عادت کان پيڇو ڇڏائڻ جي لاءِ فرامينِ مُصطَفٰي جي روشني ۾ ان جون ڪجھ هلاڪتون ٻڌون ٿا۔

ڪوڙ جا پيانَڪ نتيجا:

❖ جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، ان جي بَدبُوءَ سبب ملائڪ هڪ مِيل پري ٿي ويندو آهي. (ترمذي، کتاب البر والصلة، باب ماجاء في الصدق والکذب، الحديث: ۱۹۷۹،۳/ ۳۹۲) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ سڀ کان وڏي خِيانت آهي. (سنن ابي داود، کتاب الادب، باب في المعاريض،الحديث:۴۹۷۱،۴/۳۸۱) ❖ ڪوڙ ايمان جو مُخالِف آهي. (مسنداحمد،مسند ابي بكر الصديق،۲۲/۱،حديث:۱۶) ❖ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ واري جي لاءِ بربادي آهي. (ترمذي، کتاب الزهد، باب ماجاء من تكلم بالكلمة ليضحک الناس، الحديث:۲۳۲۲، ۱۴۲/۴) ❖ ماڻهن کي کلائڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ وارو جهنَّم جي ايتري اونهائي ۾ ڪرندو آهي جيڪو آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ فاصلي کان وڌيڪ آهي. (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان، الحديث:۴۸۳۲، ۲۱۳/۴) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ سان مُنهن ڪارو ٿي ويندو آهي. (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان، الحديث:۴۸۱۳، ۲۰۸/۴) ❖ ڪوڙي ڳالھ ڪرڻ گناھ ڪبيره آهي. (لمعجم الكبير،۱۴۰/۱۸،حديث:۲۹۳ ملخصاً) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ مُنافِق جي عَلامتن مان هڪ علامت آهي. (مسلم، کتاب الايمان، باب خصال المنافق،ص:۵۳، حديث:۲۱۰) ❖ ڪوڙ ڳالهائڻ وارا قِيامت جي ڏينهن، اللّٰه جي ويجهو سڀ کان وڌيڪ ناپسنديده اَفراد ۾ شامِل هوندا. (كنز العمال، ۳۹/۱۶، حديث:۴۴۰۳۷)

میں جُھوٹ نہ بولوں کبھی گالی نہ نِکالوں! اللہ مَرَض سے تُو گناہوں کے شفا دے!

ڪوڙ ڳالهائڻ مؤمن جو شان ناهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ سچ الله پاڪ ۽ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ سڀ کان پسنديده ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ انتهائي ناپسنديده عادت آهي پر اسان جو معاشرو شايد ڪوڙ جي بغير ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، اهو مسلمان جنهن کي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو امتي هئڻ جي ناطي آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ عادتن جو نمونو هئڻ گهرجي، جنهن کي ڏسي ماڻهو چون تہ اهو ڏسو هو آهي محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو غلام، پر افسوس جي ڳالھ آهي تہ اهو ئي مسلمان اڄ ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو گهر ۾ هجون تہ ڪوڙ، دوستن جي محفل ۾ هجون تہ ڪوڙ، آفيس ۾ ڪوڙ، استاد آهيون تہ تعليمي اداري ۾ ڪوڙ، طالبِ علم آهيون تہ پنهنجي ڪلاس ۾ ڪوڙ، ماءُ پيءُ آهيون تہ ٻارن سان ڪوڙ، اولاد آهيون تہ والدين سان ڪوڙ، واپاري آهيون تہ سامان وڪڻڻ ۾ ڪوڙ، خريدار آهيون تہ سامان خريدڻ ۾ ڪوڙ، مزدور آهيون تہ مزدوري ڪرڻ ۾ ڪوڙ، مڪينڪ آهيون تہ گاڏي جي مُرمَّت ۾ ڪوڙ، گاڏي وڪڻڻ ۾ ۽ خريدڻ ۾ ڪوڙ، ڪپڙو وڪڻو آهي تہ ڪوڙ، موبائل وڪڻو آهي تہ ڪوڙ، ڪا مشين وڪڻي آهي تہ ڪوڙ، فرنيچر وڪڻو آهي تہ ڪوڙ، کير وڪڻو آهي تہ ڪوڙ، گوشت وڪڻو آهي تہ ڪوڙ، هر ڪم ۽ ڳالھ ۾ ڪوڙ ڪوڙ ۽ ڪوڙ، جڻ تہ اسان پنهنجي اها سوچ ٺاهي ورتي آهي تہ **”ڪوڙ جي بغير ڪم خراب ٿي ويندو يا نظامِ زندگي درهم برهم ٿي ويندو“** اهو ئي سبب آهي تہ ڪي ماڻهو وڏي جرئت سان اهو چوندي ٻڌا ويندا آهن تہ يار ڪوڙ جي بغير گُذارو ئي ناهي، ان جي بغير ڪم ناهي هلندو، جڏهن تہ حقيقت اها آهي تہ الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪرڻ سان ڪم نٿا ٺهن بلڪ بگڙجي ويندا آهن، هن نافرماني سان نظامِ زندگي سنورجندي ناهي بلڪ اُجڙي ويندي آهي. تنهنڪري حقيقي مومن ٺهجو ۽

هميشہ سچ ڳالهايو، کھڙي ئي مُصيبت پوي، ڪنهن بہ مشڪل ۾ ڦاسي پئو پر ڪوڙ جو سهارو نہ وٺو، ڇوتہ ڪوڙ ڳالهائڻ ڪنهن مومن مرد ۽ عورت کي زيب ناهي ڏيندو، اهو ئي سبب آهي تہ اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: مومن جي فطرت ۾ خيانت ۽ ڪوڙ جي علاوه هر خصلت (عادت) ٿي سگهي ٿي. (مسند احمد،مسند بزار،۲۷۶/۸، حديث:۲۲۲۳۲) ۽ وڏي خيانت اها آهي تہ توهان پنهنجي ڀاءُ کي اهڙي ڳالهہ چئو جنهن ۾ اهو توهان کي سچو سمجهي رهيو هجي جڏهن تہ توهان ان سان ڪوڙ ڳالهائي رهيا هجو.

12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم "مدرسةالمدينہ بالغان"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪوڙ، غيبت، چغلي، وعده خلافي کان بچڻ، نيڪين جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ پنهنجو وقت ڪڍي ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم "مدرسة المدينہ بالغان" ۾ شرڪت بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت جا ڪيئي فائدا ۽ برڪتون آهن. ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان قرآنِ پاڪ دُرست پڙهڻ جو هڪ ذريعو آهي ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان نماز، وُضو ۽ غُسل وغيره ڪجھہ ضروري اَحڪام سکڻ جو بهترين ذَريعو آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ حاضِري جي بَرَڪت سان سنِي صُحبت ملي ٿي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ پڙهائڻ جي سعادت ملي ٿي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان عِلمِ دِين جي دَولت نصيب ٿيندي آهي، ❖ مَدرَسة المدينہ بالِغان جي بَرَڪت سان مَدَني اِنعامات تي عمل جو جذبو ملندو آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه مڪتبة المدينہ تان رِسالو "مَدْرَسة المدينہ بالِغان" بہ شايع ٿي چڪو آهي، هن رِسالي جي مطالعي جي بَرَڪت سان اوهان کي خبر پوندي ❖ قرآنِ ڪريم پڙهڻ جو فضيلتون، ❖ قرآنِ پاڪ سيکارڻ جي لاءِ صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ

الرِّضْوَان جو پري پري جو سفر، ❖ دُرست قرآنِ ڪريم پڙهڻ جو شرعي حڪم، ❖ مدرسة المدينہ جا 7 مقصد، ❖ مدرسة المدينہ بالغان جا طالبِ علم مفتي ڪيئن بڻيا؟

اچو! مَدرَسة المدينہ بالِغان ۾ پڙهڻ جي بَرَڪت تي مُشتَمِل هڪ مَدَني بهار ٻڌو،

مدرسة المدينہ بالغان جي برڪت

بابُ المدينہ (ڪراچي) جو رهائشي اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مختلف گناهن ۾ مبتلا هو، هڪ ڀيري رمضان المبارڪ ۾ ان جي هڪ اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي، جن ان کي مدرسة المدينہ بالغان ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ جي ترغيب ڏني. ان اسلامي ڀاءُ جي محبت ڀري انداز سان متاثر ٿي مدرسي ۾ پڙهڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو ۽ استقامت سان مدر سة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو. مدر سة المدينہ بالغان جي برڪت سان نہ صرف درست مخارج سان قرآن پاڪ پڙهڻ سڪي ويو بلڪ هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جو معمول بہ بڻجي ويو. گناهن کان توبہ ڪري آهستہ آهستہ مدني ماحول جي رنگ ۾ رنگجي ويو ۽ ڪجھ سال بعد مُدَرِّس ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري مدرسة المدينہ بالغان پڙهائڻ وارو بڻجي ويو.

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دیگا سِکھا مَدَنی ماحول
بُری صُحبتوں سے کنارہ کشی کر کے اچھوں کے پاس آکے پا مَدَنی ماحول
سَنور جائے گی آخِرت اِنْ شَآءَ الله تم اپنائے رکھو سَدا مَدَنی ماحول
گنہگارو آؤ، سِیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چُھڑا مَدَنی ماحول
(وسائلِ بخشش مرمم، ص۶۴۶- ۶۴۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پياري آقا جو پيارو ڪلام

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري پياري آقا ،مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حَسِين ادائن مان هڪ پياري ادا اها بہ هئي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ گفتگو پُر وقار انداز ۾ آهستہ آهستہ انداز ۾ ڳالهہ ڪندا هئا. جيئن تہ

اُمُّ المُومِنِين حضرت عائشہ صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا فرمائن ٿيو تہ پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ نهايت تيزي سان جلدي جلدي گفتگو نہ فرمائيندا هئا بلڪ هوريان هوريان گفتگو ڪندا هئا، ڪلام ايترو صاف ۽ واضح هوندو هو جو ٻڌڻ وارا ان کي سمجهي ياد ڪري وٺندا هئا. جيڪڏهن ڪا اَهمّ ڳالهہ هوندي هئي تہ ڪڏهن ڪڏهن ٽي ٽي ڀيرا دهرائيندا هئا تہ جيئن ٻڌڻ وارا ان کي چڱي نموني ذهن نشين ڪري وٺن. پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ضرورت بنا گفتگو نہ ڪندا هئا بلڪ اڪثر خاموش ئي رهندا هئا. (الشمائل المحمدية،باب كيف كان كلام رسول الله، ص١٣٤-١٣٥، حديث: ٢١٣-٢١٤-٢١٥)

گفتگو (ڳالهہ ٻولهہ) بابت ڪجهہ اهم نڪتا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مُبارڪ گفتگو جي باري ۾ اسان جيڪي ڪجهہ پياريون پياريون ادائون ٻڌيون هن مان ڪجهہ نڪتا حاصل ٿيا. ❖ پهريون نڪتو اهو آهي تہ گفتگو ڪرڻ مهل آواز گهڻو تيز ۽ جلدي جلدي ۾ نہ هجي جو هن سان سامهون واري جي لاءِ ڳالهہ سمجهڻ مشڪل ٿي ويندو آهي. ❖ ٻيو نڪتو اهو آهي تہ جڏهن بہ ڳالهہ ڪريون تہ آواز ايتري هوريان ۽ گهٽ نہ هجي جو سامهون واري تائين آواز نہ پهچي يا پوءِ ان کي الفاظ ئي سمجهہ ۾ نہ اچن، اهڙي طرح گفتگو ڪرڻ ۾ ايتري قدر بلند آواز بہ نہ هئڻ گهرجي جو ڪو ٻيون اسلامي ڀاءُ گفتگو جي ڪري بيزاري ۾ مبتلا ٿي وڃي يا تڪليف محسوس ڪري، تنهنڪري جڏهن بہ گفتگو ڪريون آواز ۾ اعتدال جو خاص خيال رکون تہ جيئن سامهون وارو ڳالهہ بہ سمجهي وٺي ڪنهن ٽئين کي ان سان ڪا تڪليف

بہ نہ پهچي. ❖ ٽيون نڪتو اهو حاصل ٿيو تہ جڏهن ڪنهن کي ڪا ڳالھ سمجهائڻ مقصود هجي تہ هن ڳالھ کي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا دهرائڻ ۾ حرج ناهي ۽ نہ ئي هن مقصد سان هڪ جملو ڪيئي ڀيرا دهرائڻ فضول گوئي جي زمري ۾ اچي ٿو بلڪ ڪنهن کي چڱي طرح ڳالھ سمجهائڻ ۽ ذهن نشين ڪرائڻ جي لاءِ پنهنجي ڳالھ کي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا دهرائڻ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري ادا آهي. ❖ چوٿون نڪتو اهو مليو تہ بلا ضرورت گفتگو ڪرڻ کان سنو اهو آهي تہ خاموش رهيو وڃي ان ڪري جو فضول گفتگو ۾ ٿورڙي بہ ڀلائي نہ آهي ۽ فضول گفتگو اڪثر اوقات پڇتاوي جو سبب بہ بڻجي ويندي آهي، پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ اڪثر خاموش رهندا هئا پر ان جو مطلب اهو ناهي تہ انسان پنهنجي زبان سان ذڪرُالله بہ نہ ڪري ۽ نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ جهڙي چڱن ڪمن کان پنهنجو پاڻ کي روڪي رکي.

خاموشي مان مراد ڇا آهي!

حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خاموشي مان مراد آهي دنياوي گفتگو کان خاموشي، نہ تہ حضورِ اقدس (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ) جي زبان شريف الله پاڪ جي ذڪر ۾ تَر رهندي هئي، ماڻهن سان بِلاضرورت ڪلام نہ ڪندا هئا، اهو ذڪر آهي جائز ڪلام جو، ناجائز ڪلام تہ سڄي عمر زبان شريف تي آيو ئي نہ، ڪوڙ، غيبت،چغلي وغيره سڄي عمر شريف ۾ هڪ ڀيري بہ زبان مبارڪ تي نہ آيو. حضور سراپا (مٿي مبارڪ کان پيرن شريف تائين) حق آهن پوءِ پاڻ تائين باطل جي رسائي ڪيئن ٿئي. انب جي وڻ ۾ ڄمون نٿا لڳن، ميويدار وڻ، ڪنڊيدار وڻ نٿا ٿين. پاڻ فرمايائون تہ جيڪو بہ گفتگو ڪري تہ خير ڳالهائي نہ تہ ماٺ رهي، حضرت ابوبڪر صديق (رَضِيَ اللهُ عَنْه) فرمائن ٿا: ڪاش مان فضول ڳالھ ڪرڻ کان گونگو هجان ها. (مرآة المناجيح، ٨١/٨، بتغير قليل)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ خاموشي کي

ڪيتري قدر پسند ڪندا هئا، ۽ بِلا ضرورت ڪو ڪلام نہ ڪندا هئا جيڪڏهن پنهنجي مبارڪ زبان کي حَرَڪت ڏيندا هئا تہ اللہ پاڪ جي ذڪر جي لاءِ، ان جي احڪامات کي بيان ڪرڻ جي لاءِ، پنهنجي ازواجِ مطهرات جي دل جوئي جي لاءِ، پنهنجي پياري صحابہ جي مدني تربيت فرمائڻ جي لاءِ، ماڻهن کي نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ جي لاءِ، تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ فضول گوئي کان هر دم بچندا رهون، اچو! فضول گفتگو کان بچڻ جي فضيلتن تي بہ فرمانِ مصطفٰي ٻڌون ٿا:

فرمانِ مصطفٰي

(1) ارشاد فرمايائون: جيڪو اللہ پاڪ ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي تہ چڱي ڳالهہ ڪري يا ماٺ رهي. (مسلم ، کتاب الایمان ،باب الحث علي اکرام الجار...الخ، ص ۴۸،حدیث:۱۷۴)

(2) ارشاد فرمايائون: ٻانهو ان وقت تائين ايمان جي حقيقت نٿو ماڻي سگهي جيستائين پنهنجي زَبان کي روڪي نہ رکي. (المعجم الاوسط ،حدیث: ۶۵۶۳، ۵/۵۵)

یارب! نہ ضَرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
بک بک کی یہ عادت نہ سرِ حَشْر پھنسا دے اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
ہر لَفظ کا کس طرح حساب آہ! میں دوں گا اللہ زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ

(وسائل بخشش مرمم، ص۹۳)

مجلس مدني چينل جو تعارف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! فضول گوئي کان بچڻ، چڱي ڳالهہ ڪرڻ جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي 107 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪري رهي آهي. انهن مان هڪ شعبو "مجلس مدني چينل" بہ آهي. هن ۾ شڪ ناهي تہ دورِ حاضر ۾ ميڊيا

ذهن سازي ۽ ڪردارسازي ۾ هڪ ڪارگر هٿيار جو ڪم ڪري رهيو آهي، ڪوڙ ماڻهو پنهنجي مخصوص گمراهه ڪن، باطل نظريات ۽ عُرياني و فحاشي ڦهلائڻ جي لاءِ ڏينهن رات ان جو غلط استعمال ڪرڻ لڳا آهن، جنهن سبب نوجوان نسل انهن جي بُري اثرات ۽ افڪار جي وڪڙ ۾ اچي وئي. اهڙي ۾ هر درد مند دل جي بس هڪ ئي صدا هئي ته ڪاش! ڪوئي ميڊيا جي هن جنگ ۾ عقائدِ اهلِ سُنّت جي پاسباني جو عَلَم(يعني جهنڊو) کڻي ۽ پاڪيزگي و طهارتِ فڪر ۽ اصلاحِ عقائد و اعمال جو علمبردار هڪ خالص 100 فيصد اسلامي چينل شروع ڪري. مرڪزي مجلسِ شوريٰ وڏي شدّت سان محسوس ڪيو ته مسلمانن جي گهرن مان T.V ڪڍرائڻ قريب به ناممڪن آهي، بس هڪ ئي صورت نظر آئي ۽ اها هي ته جهڙي طرح دريا ۾ ٻوڏ ايندي آهي ته ان جو رخ فصلن وغيره جي طرف موڙيو ويندو آهي ته جيئن فصل به سيراب ٿين ۽ آبادين کي به تباهي کان بچائي سگهجي بلڪل انهيءَ طرح T.V ئي جي ذريعي مسلمانن جي گهرن ۾ داخل ٿجي ۽ انهن کي غفلت جي ننڊ مان بيدار ڪيو وڃي، جڏهن هن شعبي جي باري ۾ معلومات حاصل ڪئي وئي ته خبر پئي ته پنهنجو T.V چينل کولي، فلمن ڊرامن، ڳائڻ وڄائڻ، موسيقي جي ڌُنن ۽ عورتن جي نمائش کان بچندي 100 فيصد اسلامي مواد فراهم ڪرڻ ممڪن آهي ته اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي جي **مرڪزي مجلسِ شُوريٰ** خوب جدوجهد ڪري رمضانُ المبارڪ 1429ھ سيپٽمبر (2008) کان مدني چينل جي ذريعي گهر گهر سنّتن جو پيغام عام ڪرڻ شروع ڪري ڏنو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ان جا حيرت انگيز مدني نتيجا سامهون اچڻ لڳا. ۽ ماڻهو سنت جا پابند بڻجڻ لڳا. اسان سڀ به مدني چينل ڏسندا رهون بلڪ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏيندا رهون،

مدني چينل ڏسڻ جا ڪيئي فائدا آهن. مدني چينل ڏسڻ سان دِيني معلومات حاصل ٿيندي آهي، مدني چينل ڏسڻ سان عمل جو جذبہ بيدار ٿيندو آهي، مدني چينل ڏسڻ سان ڪردار سنو ٿيندو آهي، مدني چينل ڏسڻ سان گهر

۾ مدني ماحول بڻجندو آهي، مدني چينل ڏسڻ سان گناهن ڀرين چينلن کان بچڻ جو ذهن بڻجندو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ ربيع الاول جي 1 تاريخ کان شام4:00 کان6:00 خاص طور ٻارن جي مدني چينل جي ابتدا ٿي چڪي آهي، ٻارن کي نمازي، تلاوتِ قرآن ڪرڻ وارو، سنتن جو پابند، سچو عاشقِ رسول ڏسڻ جا خواهشمند والدين ٻارن کي انهن وقتن ۾ مدني چينل جي ضرور ترغيب ڏين، الله پاڪ جي رحمت سان اسان جي ٻارن کي به سچو علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو.

مَدَنی چینل کی مُہم ہے نفس وشیطاں کے خلاف   جو بھی دیکھے گا کرے گا اِنْ شَآءَ الله اِعْتِراف
نَفْسِ اَمّارہ پہ ضَرْب ایسی لگے گی زُور دار   شرمِ عصیاں کے سبب ہوگا گنہگار اَشکبار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکاۃ الصابیح،کتاب الایمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنۃ،۱/۹۷،حدیث:۱۷۵)

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا   جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

ويهڻ جون سُنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو ويهڻ جون ڪجھ سنتون ۽ آداب ملاحظہ فرمايو ❖ سُرين (يعني ڏُڏ) زمين تي رکو ۽ ٻئي گوڏا اُڀا ڪري ٻنهي ٻانهن کي گوڏن جي چوڌاري ورايو ۽ هڪ هٿ سان ٻئي کي پڪڙيو، ان ريت ويهڻ سنّت

آهي، (پر ان دؤران گوڏن تي ڪا چادر وغيره وجهڻ بهتر آهي) (مرآةالمناجيح،۳۷۸/۶) ❖ **پلٿي هڻي ويهڻ بہ نبي ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ڪان ثابت آهي.** ❖ **جتي ڪجھ اُس ۽ ڪجھ ڇانوَ هجي اتي نہ ويهو. حضرت سيّدُنا ابوهريره** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ **ڪان روايت آهي تہ نبي ڪريم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن ارشاد فرمايو: "جڏهن توهان مان ڪو ڇانوَ ۾ هجي ۽ ان تان ڇانوَ ختم ٿي وڃي ۽ هو ڪجھ اُس ۽ ڪجھ ڇانوَ ۾ رهجي وڃي تہ ان کي گهرجي تہ ان جاءِ تان اٿي وڃي.** (ابو داود،کتاب الادب،باب في الجلوس بين الظل و الشمس، حديث ۴۸۲۱، ج۴،ص۳۳۸) ❖ **قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهو.** (رسائل عطاريہ حصو 2 ص 229)
اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، مولانا **احمد رضا خان** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **لکن ٿا: پير ۽ استاد جي جاءِ تي انهن جي غير موجودگي ۾ بہ نہ ويهي.** (فتاويٰ رضويہ، ج 24 ص 369، 424) ❖ **جڏهن بہ اجتماع يا مجلس ۾ اچو تہ ماڻهن کي اورانگهي اڳتي نہ وڌو جتي جڳھ ملي اتي ئي ويهي رهو.** ❖ **جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ويهو توهان جي پيرن کي آرام ملندو.** (جامع صغير ،حديث:۵۵۴،ص۴۰) ❖ **مجلس مان فارغ ٿي ٿي پيرا هيءَ دعا پڙهو تہ گناه معاف ٿي ويندا ۽ جيڪو اسلامي ڀاءُ ڀلائي ۽ ذِڪر واري مجلس ۾ پڙهي تہ ان جي لاءِ خير تي مهر لڳائي ويندي، اها دعا هي آهي:**
"سُبۡحَانَكَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمۡدِكَ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنۡتَ اَسۡتَغۡفِرُكَ وَاَتُوۡبُ اِلَيۡكَ" ترجمو: **"تنهنجي ذات پاڪ آهي ۽ اي الله! سڀ خوبيون تنهنجي لاءِ ئي آهن، تو کانسواءِ ڪو معبود ناهي، توکان بخشش گهران ٿو ۽ تو ڏانهن توبھ ڪريان ٿو.** (سنن ابي داؤد،کتاب الادب، باب في كفارة المجلس، الحديث: ۴۸۵۷، ۳۴۷/۴) ❖ **جڏهن ڪو باعمل عالم يا متقي شخص يا سيّد صاحب يا ماءُ پيءُ اچن تہ تعظيم لاءِ اُٿي بيهڻ ثواب آهي.** ❖ **مفتي احمد يار خان نعيمي** رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه **لکن ٿا: بزرگن جي اچڻ تي اٿي بيهڻ يعني تعظيمي قيام ۽ استقبال جائز بلڪ صحابہ جي سنت آهن.** (مرأةالمناجيح ،ج۶، ص ۳۷۰، جمله منقول از سنتيں ۽ آداب،ص۹۹، بتغير)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب **"بهار شريعت"** حصو 16 ۽ 120 صفحن

جو ڪتاب “سنتيں اور آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَ الله **آئنده هفتيوار اِجتماع** جو موضوع هوندو: “نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسماني طاقت”. **رَبِيعُ الأَوَّل** جو مبارڪ مهينو پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي، هر پاسي مٺي مٺي آقا، ٻنهي جهانن جي **داتا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جا ترانا آهن ۽ هر پاسي پاڻ سڳورن** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي** ڪمالات جو تذڪرو ڪيو پيو وڃي، انهيءَ مناسبت سان آئنده هفتي جي بيان ۾ سرڪارِ دوعالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جسماني طاقت جي باري ۾ واقعا ۽ حڪايتون ۽ ڪوڙ اهم ڳالهيون بيان ڪيون وينديون. لهٰذا! **آئنده جمعرات** ٻه اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

(1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

(3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[3] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

(4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [1]

(5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [2]

(6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[3]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہما **کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

(2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا ڪي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر ڪي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اُمت سان محبت

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ اللّٰہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ اللّٰہ

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).**

دُرُود شريف جي فضيلت

حضرتِ سَيِدُنا احمد بن ثابت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: **دُرُودوسَلام** جي فَضيلتن مان جيڪي مون ڏٺيون آهن انهن مان هڪ اها بہ آهي تہ هڪ رات خَواب ۾ چيا ٿو ڏسان تہ جِنّن جي هڪ جماعت جي سامهون بيٺو آهيان، مون انهن کان پڇيو:

توهان ڪٿان آيا آهيو؟ اُنهن ڪنهن بُزرگ جو نالو ورتو. اهو بُزرگ اسان جي قريبي رشتيدارن مان هو، مون ٻيهر انهن کان پڇيو: ان کان پوءِ توهان ڪٿي ويندؤ؟ ٻڌايائون: اِنۡ شَآءَاللّٰہ مڪ معظم ۽ رَوضءِ نبوي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو اِرادو آهي. مون چيو: مون کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي هلو. چيائون جيڪڏهن ارادو آهي تہ اللّٰه پاڪ برڪت ڏيندو. مان اتي ٻينس ۽ اهي مون کي وٺي هوا ۾ بجلي جيان تيزي سان اُڏامڻ لڳا، گهڙي کن کان پوءِ اسان مڪي ۾ هئاسين. انهن چيو: هي آهي بَيتُ الحَرَام. اُنهن طَواف شروع ڪيو تہ مون بہ انهن سان گڏ طَواف مڪمل ڪيو، پوءِ اُنهن اللّٰه پاڪ جو نالو ورتو ۽ مون کي گڏ وٺي مسجدِ نَبَوِي ۾ آيا، اجان وينا ئي هئاسين جو هڪ خُوبصورت شخص هٿ ۾ هڪ وڏو ٿانءُ کڻي آيو جنهن ۾ شوربو ۽ شوربي ۾ پسيل ماني ۽ ماکي هئي، چيائين شُروع ڪيو. مون ان کي چيو: مان تہ پنهنجي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪرڻ چاهيان ٿو. ان چيو اڳ ۾ ماني کائي وٺو، پيارا آقا احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ بہ تشريف وٺي ايندا ۽ اِنۡ شَآءَاللّٰہ توهان سندن زِيارت سان بہ پنهنجي اکين کي روشن ڪندؤ. مون دل ۾ چيو، تَعَجُّب جهڙي ڳالهہ آهي جو هيئنر پنهنجو گهر ڇڏيو آهي ۽ ڪجهہ گهڙين ۾ مَڪ مُعظَّم ۽ رَوضءِ رسول جي حاضِري جو بہ شرف ماڻي ورتو آهي، مون کي اها بہ خبر ناهي تہ جن ماڻهن سان مون اهو فاصلو طئي ڪيو اهي ڪير آهن ۽ انهن جو نسب ڇا آهي؟ هاڻي مان انهن ڏانهن متوجهہ ٿيس ۽ انهن کي چيو: مان توهان کي ربِّ غفور ۽ ان جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ۽ اللّٰه پاڪ جي نبي حضرت سَيدُنا داؤد عَلَیۡہِ السَّلَام جو واسطو ڏيان ٿو، مون کي اهو ٻڌايو تہ توهان ڪٿي رهو ٿا ۽ توهان جو نسب ڇا آهي؟ اُنهن ڪنڌ جهڪائي ٻڌايو: اسان هميشہ مَدينہ مُنوَّره ۾ رهندڙ جنّ آهيون. مون چيو مان مديني جي والي محبوبِ عالي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ديدار ڪرڻ چاهيان ٿو. چيائون، کاڌو کائي وٺو، اِنۡ شَآءَاللّٰہ ديدار بہ ٿي ويندو. مون ماني کاڌي. پوءِ اسان نڪتاسين تہ ڇا ٿا ڏسون تہ مديني جا تاجدار ٻنهي جهانن جا مالڪ و مختار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هڪ جَماعت سان گڏ تشريف وٺي اچي رهيا آهن. پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ

عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڳچي مُبارڪ سيِ ڪان بُلند ۽ شانءِ اقدس جي لحاظ ڪان سيِ ڪان نمايان آهي، منهنجي آقا ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نظرِ مبارڪ جڏهن مون تي پئي تہ فرمايائون: احمد! ڇا سيئي نيڪيون هڪ ئي ٻيري ۾ سميٽڻ چاهيو ٿا؟ پنهنجي نفس تي نرمي ڪيو، اهو بہ توهان تي لازِم آهي، ان سان گڏ اهو بہ ارشاد فرمايائون: مون تي ڪثرت سان دُرُود پڙهو، ان ۾ توهان لاءِ ڀلائي ئي ڀلائي آهي. مون عرض ڪيو: يا رسُولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! منهنجا ضامن ٿي وڃو؟ فرمايائون: مون تي دُرُود پڙهڻ لازم ڪيو جيڪو گهرندؤ اهو ملندو. (سعادة الدارين، الباب الرابع فيماورد من لطائف المرائى والحكايات...الخ ،اللطيفة السادسة عشرة،ص ١٣١)

مانگ مَن مانتی مُنہ مانگی مرادیں لے گا

نہ یہاں ''نا'' ہے نہ منگتے سے یہ کہنا ''کیا ہے''

(حدائقِ بخشش،ص١٤١)

شعر جي مختصر وضاحت: منهنجي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نوراني دربار اهڙو دربار آهي جو جتي جيڪو دل ۾ اچي اهو گهري وٺو ضرور ملندو جو ان دربار ۾ سوالين کي انڪار ناهي ڪيو ويندو ۽ نہ ئي ڇڙٻيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ **مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه" **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل:

7) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

8) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۾ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! اُذْکُرُ الله , تُوبُوا اِلَی الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۾ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۾ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

بروزِ قِيامت اُمّت بابت فڪر جو انداز

حضور نبي ڪريم، رَؤُفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن تمام انبياءِ ڪرام عَلَیہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام سون جي منبرن تي جلوه گر هوندا، منهنجو منبر خالي هوندو، ڇوته مان پنهنجي رب جي بارگاهه ۾ خاموش بيٺل هوندس ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو الله پاڪ مون کي جنّت ۾ وڃڻ جو حڪم فرمائي ۽ منهنجي اُمّت مون کان پوءِ پريشان ڦرندي وتي. الله پاڪ فرمائيندو: اي محبوب! تنهنجي اُمّت جي باري ۾ اهو ئي فيصلو ڪندس جيڪا تنهنجي چاهت آهي. مان عرض ڪندس: اَللّٰھُمَّ عَجِّلْ حِسَابَھُمْ يعني اي الله! انهن جو حساب جلدي ونجان ڇوته مان انهن کي پاڻ سان گڏ جنت ۾ وني وڃڻ چاهيان ٿو. مان اهو لاڳيتو عرض ڪندو رهندس ايستائين جو مون کي دوزخ ۾ وڃڻ واري منهنجي اُمّتين جي فهرست ڏني ويندي. جيڪي جهنم ۾ داخِل ٿي چڪا هوندا مان انهن جي شفاعت ڪندي انهن کي جهنم کان ٻاهر ڪڍندو ويندس ايستائين جو هڪ هڪ ڪري سيني کي ٻاهر ڪڍندس، هاڻي منهنجي اُمّت جو ڪو به فرد عذابِ الٰهي

۾ نه هوندو.[1]

ڈر تھا کہ عصیاں کی سزا، اب ہو گی یا روزِ جزا
دی اُن کی رحمت نے صدا، یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں[2]

شعر جي وضاحت: يعني گناهن جي ڪثرت جي ڪري ڏپ هو خبر ناهي گناهن جي سزا دنيا ۾ ملندي يا آخرت ۾. پر رحمت واري آقا، سهڻي سهڻي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي اُمّت جي پريشاني ڪٿي ٿي پسند اچي، سندن رحمت ڀريو آواز ايندو: گهٻرايو نه، نه دنيا ۾ سزا ملندي نه آخرت ۾.

پیشِ حق مژدہ شفاعت کا سناتے جائیں گے — آپ روتے جائیں گے ہم کو ہنساتے جائیں گے
دل نکلنے کی جا ہے آہ کن آنکھوں سے وہ — ہم سے پیاسوں کے لیے دریا بہاتے جائیں گے
کچھ خبر بھی ہے فقیرو آج وہ دن ہے کہ وہ — نعمتِ خلد اپنے صدقے میں لٹاتے جائیں گے
خاک اُفتادو بس اُن کے آنے ہی کی دیر ہے — خود وہ گر کر سجدہ میں تم کو اُٹھاتے جائیں گے
وُسعتیں دی ہیں خُدا نے دامنِ محبوب کو — جُرم کُھلتے جائیں گے اور وہ چُھپاتے جائیں گے
لو وہ آئے مسکراتے ہم اسیروں کی طرف — خِرمَنِ عِصیاں پر اب بجلی گراتے جائیں گے
آنکھ کھولو غمزدو دیکھو وہ گریاں آئے ہیں — لوحِ دل سے نقشِ غم کو اب مٹاتے جائیں گے[3]

سُبْحٰنَ اللّٰه! ٿورو سوچيو! حضورِ انور، شافعِ محشر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اسان سان ڪيتري محبت آهي جو منبر سندن جي لاءِ سجايو ويندو، ان تي جلوه فرما نه ٿيندا بلڪ پنهنجي اُمّتين جي لاءِ پريشان ۽ انهن کي مصيبتن کان نجات

1... كَنْزُ الْعُمّال ،ج٧ ص١٢ رقم٣٩١١١دارالكتب العلمية بيروت ملخصاً
2... حدائق بخشش،١١٠
3... حدائق بخشش،١٥٥،١٥٦

ڏياري جنت ۾ داخل ڪري رهيا هوندا. سندن معاملو اهو هوندو جو اسان جي هڪ پڪار تي يڪدم اسان جي مدد فرمائيندا پر ٻئي پاسي اڄ اسان جو معاملو اهو آهي جو اسان سندن فرمان تي عمل ڪرڻ کان پاسو ڪري رهيا آهيون.

تری وحشتوں سے اے دل مجھے کیوں نہ عار آئے
تو انہیں سے دور بھاگے جنہیں تجھ پہ پیار آئے [1]

اسان جا آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تہ اسان کي قريبي رشتيدارن سان **صلہ رحمي جو** حڪم ڪن، پر اسان جو عمل اهو آهي جو اسان تعلقات وڏائڻ جي بدران ننڍين ننڍين ڳالهين تي تعلق ختم ڪري ڇڏيون ٿا. ❖ اسان جا آقا تہ اهو فرمائن جيڪو توهان سان تعلق ٽوڙي توهان انهن سان جوڙيو، جيڪو توهان سان برائي سان پيش اچي توهان ان سان ڀلائي سان پيش اچو پر اسان جو عمل ان جي ابتڙ آهي. ❖ اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تہ پاڙيسرين جا ايتري قدر حق بيان فرمائن جو هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ کي شڪ ٿيڻ لڳو تہ ڪٿي پاڙيسرين کي وراثت ۾ ڀائيوار قرار نہ ڏنو وڃي. جڏهن تہ اسان جو طرزِ عمل اهو آهي جو اسان کي پاڙيسرين جي خبر ئي نہ آهي. ❖ اسان جا آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تہ نماز جي باري ۾ فرمائن **نماز منهنجي اکين جي ٿڌاڻ** آهي، پر اسان جي عملي حالت ايتري قدر خراب ٿي چڪي آهي جو مسجد کان پنج وقت جي ايندڙ اذان جو آواز بہ اسان ٻڌون ٿا پر نماز جي لاءِ اسان جا قدم مسجد ڏانهن وڌن نٿا. ڪٿي سُستي غالب آهي تہ ڪٿي دُڪانداري سامهون آهي.

اي عاشقانِ رسول! اي منهنجي آقا جا ديوانؤ! محبّت جا پنهنجا ڪجھ اُصول هوندا آهن، محبت ٻنهي پاسي کان هئڻ جي تقاضا ڪندي آهي پر افسوس جو اسان جي محبت ۾ اها ڪمي آهي جو رسولِ پاڪ ٻنهي جهانن جا

1... ذوقِ نعت،ص۲۴۲

مالڪ و مختار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تہ اسان سان ايتري قدر محبت ڪن جو دنيا ۾ بہ لب تي اُمّتي اُمّتي، پنهنجي قبرِ انور ۾ بہ اُمّتي اُمّتي ۽ ڪالھ بروزِ قيامت بہ سندن چپن تي **اُمّتي اُمّتي** هوندو جڏهن تہ اسان زبان سان محبت جو اظهار تہ ڪيون ٿا پر اسان جو ڪردار اسان جي لفظن جو انڪار ڪري ٿو. اسان دعويٰ تہ اها ڪيون تہ رسول الله جي غلاميءَ ۾ جان بہ قربان آهي پر سنتِ رسول تي عمل ڪرڻ جو ذهن ناهي. علمِ دين سکڻ سيکارڻ جي لاءِ وقت ناهي. **ياد رکو!** جيڪو جنهن سان محبت رکي ٿو، ان جي هر ڳالھ کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، سندن ادائن کي بہ اپنائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

اي عاشقانِ رسول! محبتِ رسول جي تقاضا اها آهي تہ **فرائض و واجبات** جي پابندي سان گڏ آقا ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سنتن تي بہ **عمل** ڪيو وڃي، زبان تي سندن تذڪرو رهي. دل سندن ياد ۾ تڙپندي رهي، صبح وشام زبان تي **درود و سلام** جا ترانا هجن. جڏهن ائين ٿيندو تہ پوءِ دنيا بہ چڱي ٿي ويندي ۽ آخرت بہ موچاري ٿي ويندي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اهڙي سوچ، اهڙو جذبو ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو اِنْ شَآءَاللہ . مدني ماحول جي برڪت سان خوفِ خدا نصيب ٿيندو، مدني ماحول جي برڪت سان عشقِ رسول جي دولت نصيب ٿيندي، مدني ماحول جي برڪت سان اسان جي نسلن کي بہ عشقِ رسول ۾ روئڻ نصيب ٿيندو.

مِری آنے والی نسلیں تِرے عشق ہی میں مچلیں

انہیں نیک تُو بنانا مدنی مدینے والے ! (وسائلِ بخشش، ص429)

اي عاشقانِ ميلاد! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ اسان جنهن آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وِلادت جو جشنِ ولادت ملهايو آهي، اڄ انهيءَ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پنهنجي اُمّت سان محبت جي باري ۾ بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪري

رهيا آهيون:

منهنجي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي پنهنجي اُمّت سان بي پناهه محبت،اُمّت جي نجات ۽ مغفرت جي فڪر ۾ هڪ هڪ اُمّتي تي شفقت ۽ رحمت جي ڪيفيت تي قرآنِ ڪريم ۾ الله پاڪ جو هيءُ فرمان گواهه آهي .**

جيئن سپاري 11، سُوره توبه جي آيت نمبر 128 ۾ ارشاد آهي:

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِیْزٌ عَلَیْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِیْصٌ عَلَیْكُمْ بِالْمُؤْمِنِیْنَ رَءُوْفٌ رَّحِیْمٌ ﴿۱۲۸﴾ (پ۱۱،التوبة:۱۲۸)	ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ توهان وٽ تشريف وٺي آيو توهان منجهان اهو رسول جنهن کي توهان جي تڪليف ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي توهان جي ڀلائي جو سختي سان چاهيندڙ مسلمانن تي شفقت فرمائيندڙ مهربان آهي.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: يعني اي عرب وارؤ! بيشڪ توهان وٽ توهان منجهان عظيم رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف فرما ٿيو آهي، جيڪو عربي، قرشي آهي. توهان کي هن جي حسب ونسب جي سڃاڻپ آهي، هو توهان سڀني کان عالي نسب آهي. توهان کي هن جي صدق ۽ امانت، زهد ۽ تقويٰ، طهارت ۽ پاڪيزگي ۽ اَخلاقِ حميده بابت به خوب معلوم آهي. هو اهڙا رسول آهن جو توهان جو مشقت، تڪليف ۾ پوڻ، خاص ڪري الله جي عذاب جي مشقت ۾ پوڻ سندن تي گهڻو ڏکيو لڳي ٿو، هو انهيءَ کي پري ڪرڻ جي لاءِ موڪليا ويا آهن. ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ توهان کي ڀلايون پهچائڻ تي حريص آهن. هن آيت ۾ الله پاڪ پنهنجي حبيب کي پنهنجي ٻن نالن سان مشرف فرمايو. اها حضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وڏي عزت آهي. رحمت عالَم دنيا ۾ به رؤف ۽ رحيم آهن ۽ آخرت ۾ به.[1]

1... تفسير صراط الجنان، ج٤،ص٢٧١،ملخصاً

خدا چاهتا ہے رضائے محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ

حضرت سيدُنا عَمرو بن عاص رَضِيَ اللهُ عَنْه روايت ڪن ٿا تہ سرڪارِ مڪہ مڪرمہ، سردارِ مدينہ منوره صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ حضرت سيدُنا ابراهيم عَلَيه الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام جي قول ۽ حضرت سيدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي قول تي مشتمل آيت سڳورين جي تلاوت فرمائي، جيئن: ترجمو ڪنز الايمان: اي منهنجا رب بيشڪ بتن گهڻن ماڻهن کي گمراه ڪري ڇڏيو پوءِ جنهن منهنجو ساٿ ڏنو اهو تہ منهنجو آهي ۽ جنهن منهنجو چيو نہ مڃيو تہ پوءِ تون بيشڪ بخشڻهار مهربان آهين-[1]

۽ حضرت سيدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: **ترجمو ڪنزالايمان:** جيڪڏهن تون انهن کي عذاب ڏين تہ اهي تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن ڪين تون بخشي ڇڏين تہ بيشڪ تون ئي آهين غالب حڪمت وارو-[2]

پوءِ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ٻنهي هٿن کي مٿي ڪڻي فرمايو: اُمّتي اُمّتي يعني منهنجي اُمّت منهنجي اُمّت. اهو فرمائڻ هو جو رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. ربّ ڪريم حضرتِ جبريل کي فرمايو: اي جبريل! محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ وٽ وڃو ۽ پڇيوس تہ انهن کي ڪهڙي شيء روئاريو؟ جبريل امين حاضرِ خدمت ٿيا ۽ سبب پڇيائون تہ رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو، مان پنهنجي اُمّت جي غم ۾ روئي رهيو آهيان. حالانڪ الله پاڪ خوب ڄاڻي ٿو. الله پاڪ ارشاد فرمايو: اي جبريل! محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ وٽ وڃو ۽ چئوس: عنقريب اسان توهان کي توهان جي اُمّت جي باري ۾ راضي ڪنداسين ۽ ان معاملي ۾ ناراض نہ ڪنداسين.[3]

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا:

1... پ١٣،ابراهيم:٣٦

2... پ٧،المائده:١١٨

3... مسلم، كتاب الايمان، باب دعاء النبى لأُمّته وبكائه شفقة عليهم، ص١٣٠، حديث:٢٠٢

ٻن محبوب نبين جي شفاعت جو ذڪر پڙهيو تہ الله پاڪ جي پياري حبيب، حبيب لبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو رحمت ڀريو درياء جوش ۾ اچي ويو ۽ پنهنجي گنهگار اُمّت ياد اچي وئي ۽ ان وقت شفاعت فرمائي. معلوم ٿيو تہ قرآنِ ڪريم ۾ جهڙي آيت تلاوت ڪري انهيءِ طرح جي دُعا گهري اها سنت رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ آهي. دُعا جي وقت روئڻ علامتِ قبولِيت آهي پوءِ حضورِ انور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو روئڻ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جا لڙڪ سُبْحٰنَ الله! حضور جو روئڻ اسان جي مُرڪ ۽ خوشي جو ذريعو آهي ڪڪر روئيندا آهن تہ باغ مهڪندا آهن. ۽ الله پاڪ فرمائيندو اي محبوب پنهنجي اُمّت جي باري ۾ توهان جيڪو چاهيندؤ ۽ چوندو اسان اهو ئي ڪنداسين.

حديثن ۾ آهي تہ ان تي رحمتِ عالم نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ عرض ڪيو: تنهنجي عزّت جو قسم! مان ان وقت تائين راضي نہ ٿيندس جيستائين منهنجو هڪ اُمّتي بہ دوزخ ۾ هجي. خدا ڪري اسان اُمّتي رهون.

حضرت ابرهيم ۽ حضرت عيسي عَلَيهما السَّلام جي شفاعت ۽ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت ۾ وڏو فرق آهي ”اسان جي پياري نبي مديني جي تاجدار، نبين جي سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت واضح آهي، پاڻ عَلَيْهِ السَّلام پنهنجي اُمّت جو نالو وٺي تفصيلي شفاعت فرمائي تہ گنهگار هجي پر منهنجو اُمّتي هجي ان کي بخشي ڇڏ ۽ ان شفاعت ۾ اگر مگر ناهي يقيني دُعا آهي تہ ان کي ضرور بخشي ڇڏ. ان حديث مان حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو وڏو شان، اُمّت تي وڏو ڪرم، اُمّتِ محمديہ جو وڏو خوش نصيب هئڻ معلوم ٿيو. تمام انسان الله پاڪ جي رضا چاهن ٿا پر الله پاڪ حضور کي راضي ڪرڻ چاهي ٿو.

خدا کی رضا چاہتے ہیں دو عالم   خدا چاہتا ہے رضائے **مُحَمَّد**[1]

---

[1] ... مرآة المناجيح،۴۲۶/۷،بتغير ـ ـ

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى ﴿۵﴾ (پ۳۰،الضحي:۵)	ترجموڪنز الايمان: ۽ بيشڪ قريب آهي جو تنهنجو رب توکي ايترو ڏيندو جو تون راضي ٿي ويندين-[1]

تفسير خزائن العرفان ۾ هن آيت سڳوري جي حوالي سان لکيل آهي: الله پاڪ جو پنهنجي حبيب اسان گناهگارن جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان اهو واعدو ڪرڻ تمام نعمتن کي شامل آهي جيڪي دنيا ۾ پاڻ سڳورن کي عطا ڪيون ويون ۽ اها آيت سڳوري تمام واضح انداز ۾ هن ڳالهه تي دلالت ڪري ٿي ته الله پاڪ اهو ئي ڪندو جنهن ۾ رسولصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ راضي ٿين ۽ شفاعت وارين حديثن مان ثابت آهي ته حضور نبي ڪريم، رَؤفُ الرَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خوشي هن ڳالهه ۾ آهي ته اُن جي اُمّت جا سمورا گنهگار بخشيا وڃن. هن آيت ۽ حديثن مان يقيني طور تي اهو نتيجو نڪري ٿو ته اسان جي آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شَفَاعَت مقبول ۽ سندن مرضي جي مطابق سندن اُمّت جا گنهگار بخشيا ويندا.

سُبْحٰنَ الله! منهنجي آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو رتبو ڪيترو اوچو آهي جو جنهن ربّ ڪريم کي راضي ڪرڻ جي لاءِ تمام مُقَرَّب ٻانها تڪليفون برداشت ڪن ٿا ۽ محنتون ڪن ٿا، اهو ئي ربّ ڪريم، شهنشاهِ عالم محبوبِ اعظم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي راضي ڪرڻ جي لاءِ عامِ عطاء فرمائي ٿو.[2]

خدائے پاک کی چاہیں گے اگلے پچھلے خوشی   خدائے پاک خوشی ان کی چاہتا ہوگا

1... حدائق بخشش،۴۹

2... حکایتیں اور نصیحتیں،۲۵۵

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قِيامت تائين ”اُمّتي اُمّتي“ فرمائيندا

پيارا اسلامي ڀائرو! مدارجُ النبوت ۾ آهي: حضرت سَيدُنا قُثَم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه اهو شخص هو، جيڪو پياري آقا، مديني واري مصطفي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي قبرِ انور ۾ لاهڻ کان پوءِ سڀ کان آخر ۾ قبرِ انور کان ٻاهر آيو هو، سندن بيان آهي ته مان ئي آخري شخص هئس جنهن ٻنهي جهانن جي سردار، بي بي آمنه جي لعل صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو روشن چهرو قبر اطهر ۾ ڏٺو هو. مون ڏٺو سلطانِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا مبارڪ چپ قبر انور ۾ چُري رهيا هئا، مون پنهنجي ڪنن کي الله جي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ وات جي ويجهو ڪيو ته مون ٻڌو حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي رهيا هئا؟ رَبّ اُمّتي رَبّ اُمّتي، يا ربّ! منهنجي اُمّت، منهنجي اُمّت.[1]

هڪ ٻيو فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌو: الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جڏهن منهنجي وفات ٿي ويندي ته مان پنهنجي قبر ۾ هميشه پڪاريندو رهندس: يا رَبّ اُمّتي اُمّتي يعني اي منهنجا ربّ منهنجي اُمّت، منهنجي اُمّت. ايستائين جو ٻيوَ صُور ڦوڪيو ويندو.[2]

منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بارگاهِ رِسَالَت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ ڇا خوب عَرض ڪن ٿا:

جنھیں مرقد میں تاحشر اُمّتی کہہ کر پکاروگے
ہمیں بھی یاد کرلواُن میں صدقہ اپنی رحمت کا[3]

---

[1]... مدارج النبوة،۲/۴۴۲

[2]... كنزالعمال، كتاب القيامة، الشفاعة، الحديث: ۳۹۱۰۸، ج۷،الجزء: ۱۴، ص۱۷۸، مدارج النبوة، ج۲، ص۴۴۲

3... حكايتيں اور نصيحتيں،۲۵۵

اُمّتي اُمّتي مبارڪ چپن تي جاري رهيو

مُحدِّثِ اعظم پاڪستان حضرت علاّمہ مولانا سردار احمد قادِريرَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا تہ حُضُورِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ سڄي عمر اسان کي **اُمّتي اُمّتي** چئي ياد ڪندا رهيا، قبر انور ۾ بہ **اُمّتي اُمّتي** فرمائي رهيا آهن ۽ حشر تائين فرمائيندا رهندا ايستائين جو محشر جي ڏينهن بہ **اُمّتي اُمّتي** فرمائيندا. حق اهو آهي تہ جيڪڏهن صِرف هڪ ڀيري بہ **اُمّتي** فرمائن ها ۽ اسان سڄي زندگي **يا نبي يا نبي، يا رَسُولَ اللّٰه، يا حَبِيبَ اللّٰه** چوندا رهون تڏهن بہ اُن هڪ ڀيري **اُمّتي** چوڻ جو حق ادا نٿو ٿي سگهي.[1]

دنيا ۾ تشريف آڻيندي ئي حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سجدو ڪيو. ان وقت سندن چپن تي اها دُعا جاري هئي: رَبِّ هبْ لِي اُمّتي يعني پروردگار! منهنجي اُمّت منهنجي حوالي ڪر.[2]

پہلے سجدے پہ روزِ ازَل سے درود

يادگاریٔ اُمّت پہ لاکھوں سلام

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

دنيا ۾ تشريف آوري ۽ فڪرِ اُمّت

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻنهي جهانن جي تاجدار، غريبن جي مددگارصَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي وِلادتِ مُبارَڪ کان وٺي ظاهري وصال تائين ۽ ان کان پوءِ جي سڄي زماني ۾ پنهنجي اُمّت تي مسلسل رَحمت و شفقت جي ڪثرت ڪندا رهيا آهن ۽ هاڻي بہ اهو سلسلو جاري و ساري آهي، پيدائش جي وقت بہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اُمّتين کي ياد فرمايو، شَبِ مِعراج بہ رَبُّ العٰلَمِين جي بارگاھ ۾ ياد

[1] ... عاشق اڪبر،٥٣

[2] ... فتاوىٰ رضويہ ، ج٣٠، ص٧١٧

رکيو، پياري آقا جي اُمّت سان محبت ملاحظ فرمايو تہ صحابہ کرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُم اَجۡمَعِین عرض کن ٿا: يارسول اللّٰه! دُعا ڪريو، خدا مشرڪن کي برباد ڪري. رسول اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: مان لعنت ڪرڻ وارو ناهيان موڪليو ويو، مون کي تہ **رحمت بڻائي موڪليو ويو آهي**. پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت سان محبت ڏسو تہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُمۡ اَجۡمَعِین عرض ڪن ٿا، يارسول اللّٰه! ثقيف جي تيرن اسان کي ساڙي ڇڏيو آهي، انهن لاءِ بددعا ڪريو. منهنجا حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪن ٿا! اي منهنجا رب ڪريم !ثقيف کي هدايت عطا فرماءِ.

پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت سان محبت ڏسو جو هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ پنهنجي قوم جي شڪايت ڪئي ۽ انهن جي لاءِ بددعا ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيائين، رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا گهرون ٿا: اي منهنجا ربِ رحيم! قبيلہ دُوس کي هدايت عطا فرماءِ ۽ انهن کي هتي آڻ.

پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت سان محبت ڏسو جو جنگِ اُحد ۾ ڪافرن سندن چاچي، شهيدن جي سردار حضرت حمزه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ کي شهيد ڪيو ۽ ڏند مبارڪن کي پٿر لڳا پر پوءِ بہ چهري مقدس تان رت صاف ڪندي انهن جي لاءِ دعا ڪري رهيا آهن، ياالله! منهنجي قوم کي هدايت عطا فرماءِ جو اهي اڻ ڄاڻ آهن. پياري آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اُمّت سان محبت ڏسو جو **طائف ۾ سندن مٿان پٿر وسايا ويا**، ٻارن ۽ شرير نوجوانن کي پويان لڳايو ويو، ٻئي مبارڪ پير رتورت ٿي ويا، جبريل امين عَلَيۡهِ السَّلَام بارگاهِ مصطفيٰ ۾ حاضر ٿي ڳوٺ تي آس پاس جا ٻہ جبل ڪيرائي هلاڪ ڪرڻ جي اجازت گهرن ٿا، پر پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: مان نٿو چاهيان تہ اهي ماڻهو هلاڪ ٿين بلڪ مان تہ پنهنجي رب سان اها اميد رکان ٿو ۽ هن ڳالھ جي طلب رکان ٿو تہ اللّٰه پاڪ انهن جي نسلن ۾ اهڙا ماڻهو پيدا ڪري

جيڪي الله پاڪ جي هڪ هئڻ جو اقرار ڪن.

اي عاشقانِ رسول! مبارڪ هجي جو اسان جا آقا و مولیٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پٽر وسائڻ وارن جو هلاڪ ٿيڻ پسند نٿا ڪن ته **اسان جو دوزخ ۾ وڃڻ ڪيئن پسند فرمائيندا؟.**

پيارا اسلامي ڀائرو! حضورِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي اُمّت سان ايتري قدر پيار آهي جو رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪنهن مقام تي به پنهنجي اُمّت کي نه وساريو، اِمامِ اهلسنت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ انهيءَ دستگيري جي ادا کي پنهنجي نعتيه دِيوان**حدائقِ بخشش** ۾ هن طرح بيان ڪن ٿا:

جو نہ بھولا ہم غریبوں کو رضا یاد اس کی اپنی عادت کیجیے[1]

رحمت عالم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي اُمّت جي ڪيتري ڳڻتي هئي، اچو مزيد ڪجھ ٻڌون ٿا!

جنهن ڏينهن طوفان ايندو هو يا آسمان تي بادل هوندا هئا ته مديني جي تاجدار نبين جي سردار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ چهري تي **غم وفڪر جا اثرات** ظاهر ٿيندا هئا، پاڻ ڪڏهن اڳتي وڌندا هئا ۽ ڪڏهن پوئتي هٽندا هئا. جڏهن برسات ٿيندي هئي ته پاڻ خوش ٿيندا هئا ۽ سندن غم و فڪر واري ڪيفيت ختم ٿي ويندي هئي. **حضرت عائشه صديقه** رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا **رسول اڪرم** صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان ان جو سبب پڇيو ته پاڻ فرمايائون: ته مان ڊڄان ٿو ته ڪٿي ائين نه ٿئي جو قومِ عاد جيان اهو عذاب هجي جيڪو منهنجي اُمّت تي مسلط ڪيو ويو هجي.[2]

---

1 ……حدائق بخشش، ص۱۹۸

2 ……صحيح مسلم،كتاب صلاة الاستسقاء،باب التعوذ عند رؤية الريح۔۔الحديث: ۸۹۹،ص۴۴۶۔

رحمت عالم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي اُمّت جي ايمان جو فڪر

اي عاشقان ميلاد! اُمّت جي والي، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي اُمّت سان بي پناهه مَحبَّت آهي ۽ پنهنجي اُمّت کي جنت ۾ وٺي وڃڻ جا وڏيڪ حريص آهن. اللّٰه جي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي اسان گنهگارن جي ايمان جي سلامتي جو ڪيترو فڪر آهي، ان جو اندازو هن واقعي مان لڳايو.

هڪ ڀيري مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي دربار ۾ شيطان مڪار شڪل تبديل ڪري هٿ ۾ پاڻي جي بوتل کڻي حاضر ٿي عرض ڪيو: مان ماڻهن کي سڪرات جي وَقت اها بوتل ايمان جي بدلي وڪرو ڪندو آهيان. اهو ٻڌي اُمّت جا غمخوار، مديني جا تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ايترو رُنا جو اهلبيتِ اِطهار به روئڻ لڳا. اللّٰه پاڪ وحي موڪلي، اي منهنجا محبوب! اوهان غم نہ ڪريو! مان سڪرات جي حالت ۾ پنهنجي ٻانهن کي شيطان جي مڪر کان بچائيندو آهيان.[1]

ہر اُمّتی کی فکر میں آقا ہیں مُضطَرِب غمخوار والدین سے بڑھ کر حضور ہیں

رَحمت واري اُمّت

اي عاشقانِ رَسول! رَسُولِ پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اُمّت سان ڪيتري محبت فرمائن ٿا، ٻڌو ۽ اِيمان تازو ڪريو: اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو "منهنجي اها اُمّت رَحمت واري آهي."[2]

هن حديث پاڪ جي شَرح ۾ مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہ عَلَیہ فرمائن ٿا: يعني ٻين نبين جي اُمّت جي مُقابلي ۾ منهنجي اُمّت تي اللّٰه پاڪ جي رَحمت تمام گهڻي آهي جو ان جون نيڪيون گهٽ، پر ثواب گهڻو آهي، ان جي گناهن جي مُعافي جا سبب گهڻا آهن، اُمّت کي بچائڻ جا بهانا تمام گهڻا آهن، اهو رَحمت

1...... (روح البيان ج١٠ ص٣١٥ کوئٹہ)

2...... ابو داود،کتاب الفتن والملاحم،باب ما يرجى فى القتل، ۱۴۲/۴، حديث: ۴۲۷۸۔

واري آقا جو صَدقو آهي.[1]

آپ ہم سے بڑھ کے ہم پر مہرباں ہم کریں جُرم آپ رَحمت کیجیے[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

هاڻي منهنجون اکيون ٺڏيون ۽ دِل خوش ٿيو

رَحمت واري آقا، بَرڪت واري داتا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ظاهري وفات جي وقت حضرت سيدُنا جبرائيلِ امين عَلَیْہِ السَّلام کي فرمايو: مون کان پوءِ منهنجي اُمّت جي لاءِ ڪير هوندو؟ تہ الله پاڪ حضرتِ سيدُنا جبرائيلِ امين عَلَیْہِ السَّلام ڏانهن وَحي فرمائي تہ منهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي خوشخبري ٻڌايو تہ ”مان ان کي اُمّت جي سلسلي ۾ رُسوا نہ ڪندس ۽ ان کي اها بشارت بہ ڏئي ڇڏيو تہ جڏهن ماڻهن کي قبرن مان ٻاهر ڪڍيو ويندو تہ سڀ کان پهريان منهنجو حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ٻاهر تشريف آڻيندو. جڏهن ماڻهو گڏ ٿيندا تہ منهنجو محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ئي اُنهن جو سردار ٿيندو ۽ جيستائين ان جي اُمّت جنّت ۾ داخِل نہ ٿي وڃي تمام اُمّتن تي جنّت حرام رهندي.“ اهو ٻڌي اُمّت جي غم خوار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هاڻي **منهنجون اکيون ٺڏيون ٿيون ۽ منهنجي دِل خوش ٿي آهي.**“ [3]

جائیں نہ جب تک غلام خُلد ہے سب پر حرام
ملک تو ہے آپ کا تم پہ کروروں درود

اعليٰ حضرت جا خليفہ مولانا جميلُ الرَّحمٰن قادري رضوي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ اسان غافِلن

1...... مِراٰۃُ المناجيح، ۱۸۲/۷۔

2...... حدائقِ بخشش، ص ۱۹۸۔

3...... احياء العلوم، كتاب ذكر الموت وما بعده، الباب الرابع فی وفاة رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰله وَسَلَّم، ۲۱۷/۵۔

ڪي بيدار ڪندي فرمائن ٿا:

ڪہو! ہر روز کتنی بار تم یاد اُس کی کرتے ہو؟ خیالِ اُمّت عاصی جسے آٹھوں پَہر آیا[1]

يعني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تہ توهان کي هر وقت ياد ڪندا رهيا، اهو ٻڌايو تہ توهان حضور کي ڏينهن ۾ ڪيترا ڀيرا ياد ڪريو ٿا؟ منهنجا آقا اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

جو نہ بُھولا ہم غریبوں کو رَضاؔ یاد اُس کی اپنی عادت کیجئے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اُمّت جي اڪثريت جنَّتُ الفردوس ۾ رهندي

حضرتِ سَيِّدُنا شيخ عبدالعزيز دَبَّاغ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سڀ کان اعليٰ دَرجي جي جنَّت، جَنَّتُ الفردوس جي رهڻ وارن ۾ اڪثريت مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت جي هوندي. ڪجهہ مَخصُوص ماڻهن کان علاوه باقي سموري اُمّت اٺن ئي جنَّتن ۾ سڀ کان اعليٰ جنَّت، جَنَّتُ الفردوس ۾ رهندي. رَسُولِ رَحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اُمّت سان تمام گهڻي محبت ڪن ٿا، ان ڪري پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خواهش هئي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اُمّت کي پنهنجي نگاهن آڏو رکن.[3]

شُکر ایک کَرم کا بھی ادا ہو نہیں سکتا دِل اُن پہ فدا جانِ حَسَن اُن پہ فدا ہو[4]

1...... قبالۂ بخشش،ص٦٧۔

2...... حدائقِ بخشش،ص٩٨

3...... الابريز،الباب الحادى عشر فى الجنة...الخ، من خصائص اُمّته صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِه وَسَلَّم فى الجنة،٢/٢٢٤۔

4...... ذوقِ نعت،ص٢٠٧۔

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي اُمّت سان ڪيتري محبت آهي ۽ ان جي ڪيتري ڳڻتي آهي جو ڪالهه بروزِ قيامت بہ پنهنجي اُمّت کي جنت ۾ پنهنجي نگاهن جي آڏو رکندا ۽ انهن کي جنّتن ۾ سڀ کان اعليٰ جنت يعني **جَنَّتُ الفردوس** ۾ رهائيندا.

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪي محبوبِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ اسان جي خاطر دنيا ۾ دعائون گهرن، ڪالهه بروزِ قيامت اسان جي بخشش ڪرائين، دُنيا ۾ بہ اسان جي لاءِ رحمت بڻجڻ، آخرت ۾ بہ اسان جي سفارش ڪن، اُمت تي ايتري قدر مهربان ٿين جو قبرِ انور ۾ بہ لبِ اقدس تان **ربِّ اُمّتِي رَبِّ اُمَّتِي** جون صدائون اچن پوءِ اسان کي بہ سندن سان عشق جو اظهار ڪندو رهڻ گهرجي، هئڻ تہ ائين گهرجي جو اسان سندن سُنّتن کي اپنائيندا رهون پر اسان طرح طرح جي فيشنن ۾ مبتلا ٿي سُنّتن کان پري ٿيندا پيا وڃون.

عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو جنهن نماز جي باري ۾ فرمايو تہ **منهنجي اکين جي ٺڌاڻ نماز** آهي. ان جي ادائيگي ۾ ڪوتاهي نہ ڪريون، پر اسان بيباڪي سان نمازون قضا ڪندا رهون ٿا. **عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو** اسان پنهنجي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي پسند نماز جي پابندي ڪيون ها، **عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو** هڪ مٺ ڏاڙهي شريف سان پنهنجو چهرو سجايون ها، **عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو** مٿي اگهاڙو رهڻ بدران مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجايون ها، **عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو** خوفِ خدا ۽ عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ۾ ڳوڙها ڳاڙيون ها، **عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو** حرام کان محفوظ رهون ها، **عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو** وياج جي نُحُوسَت کان پنهنجي جان ڇڏايون ها، **عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو** رشوت جي ڏيتي ليتي کان پنهنجو پاڻ کي محفوظ رکون ها. **عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو** غيبت و چغلي ۽ ڪوڙ جهڙي بري عمل کان رُڪڻ جي ڪوشش ڪيون ها، **عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو** مسلمانن کي ڏوڪو ڏيڻ ۽ ظلم و ستم ڪرڻ کان پاسو ڪيون ها، **عشقِ رسول**

جي تقاضا تہ اها آهي جو والدين جي نافرماني ڪرڻ ڇڏي ڏيون ها، **عشقِ رسول جي تقاضا تہ اها آهي جو** سوشل ميڊيا ۽ ٻين ذريعن سان اکين کي حرام سان پرڻ کان بچون ها.

پر افسوس!! اسان جي عشقِ رسول جي دعويٰ **لفظن** ۾ تہ آهي پر عمل سان ان جو اظهار ناهي ٿيندو، **اي ڪاش!** اسان حقيقي معنيٰ ۾ عاشقِ رسول بڻجي وڃون ۽ پياري **آقا** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري سُنتن کي اپنائڻ وارا بڻجي وڃون. اسان جا بُزُرگ سڳورا تہ پياري آقا، مديني واري **مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پياري پياري ادائن کي اپنائڻ جا اهڙا پابند هئا جو انهن جي ويجهو ڪنهن سنّت جو اڻ ڄاڻائي ۾ رهجي وڃڻ بہ ڪڦاري لائق هو.

سنت جا قَدردانَ

ڪيمياءِ سعادت ۾ آهي، هڪ بزرگ هڪ ڀيري سنّت جي مُطابِق سڄي جُتي پائڻ بدران ٻي خيالي ۾ کاٻي جُتي پهريان پائي ورتي. ان سنّت جي رهجي وڃڻ تي انهن کي سَخت صَدمو رسيو ۽ ان جي عِوَض انهن ڪڻڪ جون ٻہ ٻوريون خيرات ڪيون.

اي عاشقانِ رسول! اهو الله وارن جو حصو هو. ڪاش! اسان کي بہ پنهنجي بزرگن جي طريقن تي هلڻ نصيب ٿي وڃي.[1]

دل عشقِ محمد میں تڑپتا رہے ہر دم　　سینے کو مدینہ مرے اللہ بنادے
دیتا ہوں تجھے واسطہ میں پیارے نبی کا　　اُمّت کا خدایا رہِ سنت پہ چلادے

سنت جي محبت

حافظِ ملّت حضرت علامہ مولانا عبدالعزيز مبارڪ پوري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ پنهنجي هر عمل ۾ سنت جو گهڻو خيال رکندا هئا، هڪ ڀيري سنڌن ساڄي پير ۾ زخم ٿي پيو، هڪ شخص دوا وٺي آيو ۽ چيائين: حضرت! دوا حاضر آهي، سياري جا

[1]... فيضانِ سنّت ، ص ۴۶۲

ڏينهن هجن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي جوراب پاتل هئا، پهريان کاٻي پير جو جوراب لاٿائون، اهو شخص چوڻ لڳو: حضرت زخم ته ساڄي پير ۾ آهي! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايائون: پهريان کاٻي پير مان لاهڻ سنت آهي.[1]

سنت تي عمل جو جذبو

هڪ ڀيري حضرت سيدنا ابو بڪر شبلي بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي وُضو جي وَقت مِسواڪ جي ضَرورت پئي، ڳولا ڪيائون پر ڪانه ملي، تنهنڪري هڪ دِينار (سوني سِڪي) ۾ مِسواڪ خريدي اِستِعمال ڪيائون. ڪن ماڻهن چيو: اهو ته اوهان تمام گهڻو خرچ ڪري ورتو! ڇا ايتري به مسواڪ مهانگي ونئي آهي؟ فرمايائون: بيشڪ اها دنيا ۽ ان جون تمام شيون الله پاڪ جي ويجهو مڇر جي پر جي برابر به حيثيت نٿيون رکن، جيڪڏهن بروزِ قِيامت الله پاڪ مون کان اهو پڇي ورتو ته تو منهنجي پياري حبيب جي سنّت مِسواڪ چو ڇڏي ڏني؟ جيڪو مال و دولت مون توکي ڏنو هو، ان جي حقيقت ته مون وٽ مڇر جي پَر برابر به نه هئي، پوءِ تو آخر اهڙي حقير دولت هن عظيم سنّت مِسواڪ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇو خرچ نه ڪئي؟ ته مان ڇا جواب ڏيندس![2]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته اسان جو اَسلاف سُنتن کان ڪيتري قَدر پيار ڪندو هو! حضرتِ سَيدُنا ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ دِينار پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنت مِسواڪ تي قُربان ڪري ڇڏيو.

اُمّت جو مشقت ۾ پوڻ ناپسند

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ٻڌي رهيا هئاسين ته اسان جا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي اُمّت کان تمام گهڻي محبت فرمائڻ وارا آهن ۽ اسان جو مشقت ۾ پوڻ کين پسند ناهي، اسان کا تڪليف نه ڏسون ۽ آساني ۾ رهون اهو کين پسند آهي. انهيءَ ڳالهه جو لحاظ رکندي اسان جي آقا محمدِ

[1]... نیکی کی دعوت،ص ۲۱۳

[2]... مُلَخَّص ازلواقح الانوارالقدسیۃ، ص۸۳

مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٽي راتيون نمازِ تراويح صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوان سان گڏ ادا ڪيون، چوٿين ڏينهن نہ آيا ۽ سبب بيان ڪيائون تہ منهنجو نہ اچڻ ان ڪري هو ڪٿي منهنجو روزانو تراويح پڙهڻ توهان تي هن نماز کي فرض نہ ڪري ڇڏي ۽ توهان مشقت ۾ پئجي وڃو.[1] نماز جي وقت مسواڪ کي ان ڪري ڇڏي ڏنو جو ڪٿي منهنجي اُمّت تي هر نماز ۾ مسواڪ لازم نہ ڪئي وڃي. عشاء نماز رات جو دير سان پڙهڻ کان ان ڪري منع فرمايو تہ ڪٿي منهنجي اُمّت تي لازم نہ ٿي وڃي ۽ اها مشقت ۾ نہ پئجي وڃي. مسلسل بغير افطار جي روزا رکڻ کان منع فرمايو تہ جيئن مشقت ۾ نہ پئجي وڃو. اُمّت جي آساني ۽ تعليم جي لاءِ جڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ٻن معاملات ۾ اختيار ڏنو ويندو هو تہ ان ۾ آساني وارو معاملو اختيار ڪندا هئا تہ جيئن اُمّت ان تي عمل ڪري ۽ مشقت ۾ نہ پوي.[2] ۽ اُمّت تي شفقت تہ ڏسو:

حضرت جابر رَضِیَ اللهُ عَنْه روايت ڪن ٿا تہ محبوبِ خدا،مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو تہ منهنجو ۽ منهنجي اُمّت جو حال ان شخص جيان آهي جنهن باهہ روشن ڪئي، ماڪڙ ۽ پروانا ان ۾ ڪِرڻ لڳا تہ اهو شخص ان ماڪڙن ۽ پروانن کي باهہ ۾ ڪِرڻ کان بچائڻ جي لاءِ انهن کي هٽائي ٿو. منهنجي بہ حالت اها ئي آهي جو مان توهان کي چيلهہ کان پڪڙي باهہ کان بچائڻ وارو آهيان ۽ توهان باهہ ۾ ڪِرڻ چاهيو ٿا.[3]

تری وحشتوں سے اے دل مجھے کیوں نہ عار آئے تُو اُنہیں سے دور بھاگے جنہیں تجھ پہ پیار آئے

1 ……صحيح البخاری،کتاب الجمعة، باب من قال فی الخطبة بعد الثناءُ: اما بعد،الحديث:۹۲۴،ج۱،ص۳۱۸

2 ……صحيح البخاری،کتاب الادب، باب قول النبی: يسروا ولاتعسروا،الحديث:۶۱۲۶،ج۴،ص۱۳۳۔

3 …… صحيح مسلم،باب شفقته علی اُمّته۔۔۔الخ،الحديث: ۲۲۸۵،ص۱۲۵۴۔

اي عاشقانِ رسول! ٿورو تصور تہ ڪريو تہ اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **اسان تي** ڪيترا مهربان آهن، هو اسان کي باھ کان بچائڻ ۽ اسان انهيءَ ۾ ڪِرڻ چاهيون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ تہ اهو آهي تہ **ڪوڙ جهنم** ۾ وني وڃڻ وارو آهي پر اسان جي گفتگو ڪوڙ کان شروع ۽ ڪوڙ تي ختم ٿئي ٿي، جانورن کي وڙهائڻ باري ۾. فرمانِ مصطفيٰ تہ اهو آهي تہ **جانورن کي وڙهائڻ** جهنم ۾ وني وڃڻ وارو **عمل** آهي پر اسان وڏي شوق سان جانورن کي وڙهايون ۽ انهن جو تماشو ڏسون، فرمانِ مصطفيٰ تہ اهو آهي جو **مسلمان کي ڊيڄارڻ** جهنم ۾ وني وڃڻ وارو **عمل** آهي پر اسان کي مسلمانن کي ڊيڄارڻ ۽ انهن کي ستائڻ ۾ مزو اچي ٿو. فرمانِ مصطفيٰ تہ اهو آهي تہ **ظلم تي ڪنهن جي مدد ڪرڻ** جهنم ۾ وني وڃڻ وارو **عمل** آهي پر اسان گناهن تي مدد ڪرڻ فخر جو سبب سمجهون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ تہ اهو آهي تہ **شراب پيئڻ پيئارڻ، وڪڻڻ، خريدڻ، شراب ڪٽي ڪنهن کي ڏيڻ** جهنم ۾ وني وڃڻ وارا ڪم آهن پر اسان شوق سان اهڙا ڪم ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ تہ اهو آهي جو مسلمان کي **ڏوکو ڏيڻ، ظلم ڪرڻ** ان جا **راز** ٻين کي ٻڌائڻ اهي جهنم ۾ وني وڃڻ وارا **عمل** آهن پر اسان ڏوکي سان مال ناهيون ڪنهن تي ظلم ڪري ناحق ان جو مال کائون ۽ ٻين جا راز ماڻهن کي ٻڌائي لطف وٺون ٿا، فرمانِ مصطفيٰ تہ اهو آهي تہ ماڻهن جي **گهرن ۾ جهاتي پائڻ، لڪي ڳالهيون ٻڌڻ، ۽ امانت ۾ خيانت ڪرڻ** جهنم ۾ وني وڃڻ وارا **عمل** آهن پر اسان جون اکيون ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ جون عادي، ريڪارڊنگ جي ذريعي ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌڻ اسان جو شوق ۽ امانت ۾ خيانت ڪرڻ اسان جي عادت آهي .

اي عاشقانِ رسول! ٿورو غور تہ ڪيو اسان ڪريم **آقا** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جا اُمّتي،** هو اسان تي رحيم، اسان جي گناهن کي پنهنجي لڙڪن کان ڌوئڻ وارا ۽ اسان آهيون جو گناهن کان باز ئي نٿا اچون، هو اسان کي جهنم کان بچائڻ ۽ اسان **جهنم ۾ وني وڃڻ وارا عمل** اختيار ڪريون. اها محبت ناهي بلڪ پنهنجي

ڪريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي دل ڏکائڻ آهي، اهو رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ سان عشق ناهي بلڪ سندن ڳالهين کان پاسو ڪرڻ آهي.

اچو اسان نيت ڪيون تا تہ اسان گناهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اسان رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي سنتن کي اپنائڻ جي ڪوشش ڪنداسين پاڻ بہ نيڪ ٿينداسين ۽ ٻين کي بہ نيڪ بڻائينداسين. اِنْ شَآءَاللّٰه

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع پڙهيا ويندڙ درود شريف

﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ

الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ لاهي رهيا آهن،[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو : جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

(3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

2...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

(4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ الله

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

(5)قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينهن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابہ کرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[3]

(6)دُرُودِ شَفاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَة

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

1...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

2...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

3...القول البديع،الباب الاول،ص125

4... الترغیب والترہیب،کتاب الذکر و الدعاء،۳۲۹/۲،حدیث:۳۰

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن [1]

(1) ڇڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي. [2]

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2... تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:۴۴۱۵

14 آڪٽوبر 2021ع پاڪستان جي هفتيواراجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

سچو قرآن حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي نعت آهي

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

❖... علمِ غيبِ مصطفيٰ

❖... حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو حڪم مڃڻ فرض آهي

❖... خدا چاهي ٿو رضاءِ محمد

❖... حوضِ ڪوثر ڪنهن کي نصيب ٿيندو؟

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

سچو قرآن حضور ﷺ جي نعت آهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي سعادت ملي، اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، نيت دل جي ارادي کي چوندا آهن، دل ئي ۾ نيت ڪري ونو تہ مان اعتڪاف سان آهيان، توهان معتڪف ٿئي ويا. دل ۾ نيت هوندي زبان سان بہ چئي ونو: مون سُنت اعتڪاف جي نيّت ڪئي. ان شاءالله الڪريم! جيسيتائين مسجد ۾ رهندؤ نفل اعتڪاف جو ثواب بہ ملندو رهندو.

دُرُود شريف جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! درود شريف پڙهڻ جون بيشمار فضيلتون ۽ برڪتون آهن، قلم لکي لکي گسي ختم ٿي سگهن ٿا، انهن سيني قلمن جي روشنائي تہ ختم ٿي سگهي ٿي، بيان جا الفاظ بہ ختم ٿي سگهن ٿا، پر حضور ﷺ تي درود ۽ سلام جو احاطو نٿو ٿي سگهي. يادڪو! دورد پاڪ هڪ اهڙو عمل آهي جو خود ربُّ العزت بہ ڪندو آهي. جيئن قرآن ڪريم ۾ سيپاري 22 سُورة احزاب آيت نمبر 56 ۾ ارشاد باري تعالٰي آهي:

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓىٕكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ ؕ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا ﴿۵۶﴾

ترجمو ڪنزُالايمان: بيشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ درود موڪلين ٿا هن نبي (غيب

ٻڌائيندڙ) تي اي ايمان وارؤ! ان (محبوب) تي درود پڙهو خوب سلام موڪليو.

(پ22،الاحزاب:56)

اي عاشقانِ رسول: خبر پئي ته ❖ الله پاڪ ۽ ان جا ملائڪ نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درود موڪليندا آهن. ❖ هي آيتِ مبارڪ سيدالمرسلين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي صريح نعت آهي. ❖ اها به خبر پئي ته الله پاڪ پنهنجي حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي رحمت نازل فرمائيندو آهي ۽ ملائڪ به پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حق ۾ دعاءِ رحمت ڪندا آهن. ❖ هن آيت ۾ ايمان وارن کي پياري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درود ۽ سلام موڪلڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ❖ اهو به معلوم ٿيو ته جيڪڏهن ڪو ڪم اهڙو آهي جيڪو الله پاڪ جو به هجي، ملائڪ به ڪندا هجن ۽ مسلمانن کي به ان جو حڪم ڏنو ويو هجي ته اهو صرف ۽ صرف آقاءِ دوعالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درود شريف موڪلڻ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: "اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ" يعني چڱي نِيّت انسان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي. (جامع صَغِير ، صفحه:557، حديث : 9326)

اي عاشقانِ رسول! هر ڪم کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪرڻ جي عادت بڻايو، بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! ❖ علم دين سکڻ جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ خوب توجهه سان ٻڌندس ❖ جيڪو ٻڌندس، اُن تي عمل جي ڪوشش به ڪندس، ❖ علمِ دين سکي ڪري، ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ڪمائيندس.

اچھی اچھی نیّتوں کا ہو خدا جذبہ عطا بندۂ مخلص بنا، کر عفو میری ہر خطا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي اڄ جي بيان جو موضوع آهي ”سچو قرآن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نعت آهي“ جنهن ۾ اسان حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صاحب خلقِ عظيم جي شان ۽ عظمت، فضائل ۽ برڪات ۽ اهي خوبيون جيڪي قرآن ڪريم ۾ بيان ڪيون ويون آهن، مثال طور قرآن ڪريم ۾ ڪٿي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي شفاعت ڪرڻ وارو فرمايو ويو ته ڪٿي سندن کي سِراجاً مُّنيرًا(يعني چمڪندڙ سج) فرمايو ويو. ڪٿي سندن کي يٰس ۽ طٰهٰ فرمايو ويو ته ڪٿي پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مزّمّل ۽ مُدّثّر فرمايو ويو، مطلب ته الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جن بيشمار وصفن ۽ خاصيتن سان نوازيو آهي، انهن جي باري ۾ ٻڌنداسين.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اچو! عظمتِ مصطفيٰ سان معمور ڪجھ واقعا ٻڌون ٿا، پوءِ انهن جي متعلق قرآني آيتون ۽ انهن جي تفسير جا مدني گل به ٻڌون ٿا:

يَارَسُوۡلَ الله اُنۡظُرۡ حَالَنَا

جڏهن حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صحابه ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم کي ڪجھ تعليم ۽ تلقين فرمائيندا هئا ته اهي ڪڏهن ڪڏهن وچ ۾ عرض ڪندا ها. ”رَاعِنَا يَارَسُوۡلَ الله“ هن جملي جي معنيٰ هي هئي ته يارسول الله! صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان جي حال تي رعايت فرمايو يعني ڪلامِ اقدس کي چڱي طرح سمجھڻ جو موقعو ڏيو. يهودين جي لغت ۾ اهو ڪلمو بي ادبي جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو هو ۽ انهن انهيءَ بري نيت سان چوڻ شرع ڪري ڏنو. حضرت سعد بن معاذ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ يهودين جي اصطلاح کان واقف هو. پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ هڪ ڏينهن اهو ڪلمو انهن جي زبان مان ٻڌي فرمايو: اي دشمنانِ خدا! توهان تي الله جي لعنت هجي، جيڪڏهن مون هاڻي ڪنهن جي زبان مان اهو ڪلمو ٻڌو ته ان جو ڪنڌ لاهي ڇڏيندس. يهودين چيو: اسان تي ته توهان ڪاوڙ ڪري رهيا آهيو جڏهن ته مسلمان به ته اهو چون

ٿا، ان تي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ رنجيده ٿي ڪري سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيا ئي هئا تہ هي آيتِ ڪريمہ نازل ٿي جنهن ۾ ”راعنا“ چوڻ کان منع ڪيو ويو ۽ هن معنٰي جو ٻيو لفظ ”انظرنا“ چوڻ جو حڪم ٿيو. (قرطبی، البقرۃ، تحت الآیۃ: ۱۰۴، ۱/۴۴-۴۵، الجزء الثانی، تفسیر کبیر، البقرۃ، تحت الآیۃ: ۱۰۴، ۱/۶۳۴، تفسیر عزیزی(مترجم)۲/۶۶۹، ملتقطاً)

جيئن تہ سيپاري 1 سُورَۃُ البقرۃ جي آيت نمبر 104 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَقُوْلُوْا رَاعِنَا وَ قُوْلُوا انْظُرْنَا وَاسْمَعُوْا ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿۱۰۴﴾

(پ 1 البقرۃ 104)

ترجموڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ راعنا (جو لفظ عرض ۾) نہ چئو ۽ عرض ڪريو تہ آقا اسان تي نظر رکو ۽ (پهريائين) غور سان ٻڌو ۽ ڪافرن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان تفسيرِ صراط الجنان ۾ لکيل ڪجھ علمي فائده خدمت ۾ پيش آهن:

(1) انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي تعظيم ۽ توقير ۽ انهن جي حضور ۾ ادب جو لحاظ رکڻ فرض آهي ۽ جنهن ڪلمي ۾ ترڪِ ادب جو معمولي بہ انديشو هجي اهو زبان تي آڻڻ ممنوع آهي.

(2) اهي الفاظ جن جا بہ معنٰي هجن، سُنا ۽ برا ۽ لفظ ادا ڪرڻ ۾ اُن بُري معنيٰ جي طرف بہ ذهن ويندو هجي تہ اهو بہ اللّٰہ پاڪ ۽ حضورِ اقدس صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي لاءِ نہ استعمال ڪيو وڃي.

(3) اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضور پرنور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ جو ادب ربُّ الۡعَامِين پاڻ سيکاري ٿو ۽ تعظيم جي متعلق احڪام پاڻ جاري فرمائي ٿو.

(4) هن آيت ڪريمہ ۾ هن ڳالھ جي طرف اشارو آهي تہ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي حضور ۾ بي ادبي ڪفر آهي

جڏهن تہ مشهور مفسرِ قرآن، حضرت مفتي احمديارخان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هن آيتِ مبارڪ

جي حوالي سان فرمائن ٿا: سُبحان اللهٰ! ڇا تہ محبوب جي عظمت ثابت ٿي جو پروردگارِ عالم کي پنهنجي محبوب جي شان ايتري قدر وڏائڻ منظور آهي جو کنهن کي اهڙي ڳالهہ چوڻ جي اجازت نٿو ڏئي تہ جنهن کلمي سان ٻئي کي بدگماني جو موقعو ملي. (شانِ حبيب الرحمان ، ص۳۶)

يَارَسُوْلَ اللّٰهِ اُنْظُرْ حَالَنَا طالبِ نظرِ کرم بدکار ہے
يَاحَبِيْبَ اللّٰهِ اِسمَعْ قَالَنَا اِلتجاء يا سَيِّدَ الْاَبْرار ہے
اِنَّنِی فِی بَحرِ ھَمّ مُّغْرَقٌ ناؤ ڈانواں ڈول در منجدھار ہے
خُذْيَدِیْ سَهِّلْ لَّنَا اَشْکَالَنَا نا خُدا آؤ تو بیڑا پار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

علمِ غيبِ مصطفٰي

اي عاشقانِ ميلاد! اچو هڪ ٻيو واقعو، آيتِ مبارڪہ ان جو شانِ نزول ۽ تفسير ٻڌون ٿا: جيئن هڪ ڀيري تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو تہ ”منهنجي امت جي پيدائش کان پهريان جڏهن منهنجي امت مٽي جي شڪل ۾ هئي، ان وقت اها منهنجي سامهون پنهنجي صورتن ۾ پيش ڪئي وئي جيئن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام تي پيش ڪئي وئي ۽ مونکي علم ڏنو ويو تہ ڪير انهن مان مون تي ايمان آڻيندو ۽ ڪير ڪفر ڪندو. اها خبر جڏهن منافقن وٽ پهتي تہ انهن مذاق ڪندي چيو تہ محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو گمان آهي تہ اهي هي ڄاڻين ٿا تہ جيڪي ماڻهو اڃان پيدا بہ ناهن ٿيا، انهن مان ڪير انهن تي ايمان آڻيندو ۽ ڪير ڪفر ڪندو، جڏهن تہ اسان انهن سان گڏ رهون ٿا ۽ هو اسان کي سُڃاڻن نٿا. ان تي حضور سيدالمرسلين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منبر تي تشريف فرما ٿيا ۽ الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء ڪانپوءِ فرمايو: انهن ماڻهن جو ڇا حال آهي جيڪي منهنجي علم تي اعتراض ڪن ٿا، اڄ کان قيامت تائين جيڪو ڪجهہ ٿيڻ وارو آهي، انهن مان ڪا شيءِ اهڙي ناهي جنهن جو توهان مون کان سُوال ڪيو ۽ مان توهان کي ان جي خبر نہ ڏيان. حضرت عبدالله بن حُذافہ

سهمي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اٿي بيهي عرض ڪيو: يارسول الله! صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ منهنجو پيءُ ڪير آهي؟ ارشاد فرمايو: حذافہ پوءِ حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اٿي عرض ڪيو: يارسول الله! صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اسان الله پاڪ جي ربوبيت تي راضي ٿياسين، اسلام جي دين هئڻ تي راضي ٿياسين، قرآن جي امام ۽ پيشوا هئڻ تي راضي ٿياسين، اوهان جي نبي هئڻ تي راضي ٿياسين، اسان اوهان کان مُعافي ٿا گهرون. تاجدارِ رسالت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا توهان رڪجي ويندؤ؟ ڇا توهان رڪجي ويندؤ؟ پوءِ منبر تان لٿا، ان تي الله پاڪ هي آيت نازل فرمائي.(خازن، أل عمران، تحت الآية: ١٧٩، ٣٢٨/١)

مَا كَانَ اللّٰهُ لِيَذَرَ الْمُؤْمِنِيْنَ عَلٰى مَاۤ اَنْتُمْ عَلَيْهِ حَتّٰى يَمِيْزَ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِؕ وَ مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَ لٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَآءُ۪ فَاٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رُسُلِهٖۚ وَ اِنْ تُؤْمِنُوْا وَ تَتَّقُوْا فَلَكُمْ اَجْرٌ عَظِيْمٌ(۱۷۹)

ترجمو ڪنزالايمان: الله مسلمانن کي ان حال تي ڇڏڻ وارو ناهي جنهن تي اوهان آهيو تان جو ڪِني کي سُٺي کان جدا نہ ڪري ۽ الله جو هي شان ناهي جو اي عام انسانو! اوهان کي غيب جو علم ڏئي ڇڏي ها، الله پنهنجن رسولن مان جنهن کي گهرندو تنهن کي چونڊيندو آهي تنهن ڪري الله ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ۽ جيڪڏهن ايمان آڻيندا ۽ پرهيزگار ٿيندا تہ اوهان لاءِ وڏو ثواب آهي. (پ4 أل عمران:179)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان مشهور مفسرِ قرآن حضرت مفتي احمديارخان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جيڪي نڪات بيان ڪيا آهن، اچو! انهن مان ڪجهہ ٻڌون ٿا:

(1) هڪ ڳالهہ هي بہ معلوم ٿي تہ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي علمِ غيب تي اعتراض ڪرڻ ۽ اهو چوڻ تہ (انهن کي) فلاڻي شيءِ جو علم نہ هو، سراسر منافقن جو طريقو آهي.

(2) مسلمانن تي فرض آهي تہ سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي تمام اوصافِ حميده کي بنا بحث ۽ مباحثي جي مڃن.

(3) ربّ ڪريم اسان جي آقا ڪريم و مولا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي قيامت تائين جي

هرهر شيءِ جو علم عطا فرمايو ڇوتہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو تہ جيڪو چاهيو پڇو! ۽ اها ڳالهہ اهو ڇئي سگهي ٿو جنهن جو علم مڪمل هجي.

(4) قيامت تائين ايمان آڻڻ وارا، ايمان نہ آڻڻ وارا ۽ منافق سڀ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي علم ۾ آهن. (شانِ حبيب الرحمان، ص۵۵،۵۴ ماخوذاً) امامِ اهلسنت، عاشقِ ماهِ رسالت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي نعتيہ ديوان”حدائقِ بخشش“ ۾ لکن ٿا:

کہنا نہ کہنے والے تھے جب سے تو اطلاع مولیٰ کو قول و قائل و ہر خشک و تر کی ہے

اُن پر کتاب اُتری بِیَانًا لِّکُلِّ شَیئٍ تفصیل جس میں مَا عَبَرَ و مَا غَبَرَ کی ہے

شعرن جو خلاصو: يعني اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان اها آهي تہ گفتگو ڪرڻ واري گفتگو اڃان ڪئي ئي نہ هئي پر آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ان ڳالهہ جي بہ پهريان کان خبر هئي ۽ گفتگو ڪرڻ واري کان بہ واقف هئا. سندن جي شان اها آهي جو ڪائنات جي هر خشڪ ۽ تر کي ڄاڻن ٿا. ۽ الله ڪريم انهن کي قرآن ڪريم جي صورت ۾ اهڙي عظيم ڪتاب عطا فرمائي آهي جو جنهن ۾ هر شيءِ جو واضع بيان موجود آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حڪم مڃڻ فرض آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! هڪ ٻيو واقعو، آيتِ ڪريمہ، شانِ نزول ۽ تفسير سان ٻڌون ٿا:

مديني وارا! جبلن تان ايندڙ پاڻي مان باغن جو ريج ڪندا هئا، اُتي هڪ انصاري جو حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان هن ڳالهہ تي جهڳڙو ٿي پيو تہ پهريان مان پنهنجي زمين کي پاڻي ڏيندس. اهو معاملو حبيبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ويو. سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اي

زبير! تون پنهنجي باغ کي پاڻي ڏئي پنهنجي پاڙيسري جي طرف پاڻي ڇوڙي ڇڏ. حضرت زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي پهريان پاڻي جي اجازت انڪري ڏني وئي جو انهن جي زمين پاڻي جي ويجهو هئي، ان جي باوجود سرڪار دوعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ انصاري سان به احسان ڪرڻ جو فرمائي ڇڏيو، پر مجموعي فيصلو انصاري کي ڏکيو لڳو ۽ ان جي زبان مان هيءَ ڪلمو نڪتو ته زبير(رَضِیَ اللهُ عَنْهُ) اوهان جو پڦاٽ آهي. باوجود ان جي ته فيصلي ۾ حضرت زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي انصاري سان احسان جي هدايت فرمائي وئي هئي، پر انصاريءَ ان جي قدر نه ڪئي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ حضرت زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي حڪم ڏنو ته پنهنجي باغ کي سيراب ڪري پاڻي روڪي ڇڏيو. ان تي هي آيتِ ڪريمه نازل ٿي. (بخاری، کتاب الصلح، باب اذا اشار الامام بالصلح۔۔۔ الخ، ۲/۲۱۵، الحدیث: ۲۷۰۸ از تفسیر صراط الجنان، ۲/۲۳۹)

الله پاڪ سيپاري 5 سورة النسا آيت نمبر 65 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

فَلَا وَ رَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ فِيْمَا شَجَرَ

ترجمو ڪنزُ الايمان: ته اي محبوب تنهنجي رب جو قسم اهي مسلمان نه ٿيندا جيستائين پنهنجي جهيڙن ۾ توکي حاڪم نه بنائن پوءِ جو ڪجھ تون حڪم فرمائين پنهنجي دلين ۾ ان بابت رڪاوٽ نه سمجهن. (پ5، النساء:65)

هن آيتِ مبارڪ جي حوالي سان تفسير صراط الجنان ۾ جيڪي مدني گل لکيل آهن، اچو! انهن مان ڪجھ ٻڌون ٿا: (1) هن آيتِ ڪريمه ۾ الله پاڪ پنهنجي رب هئڻ جي نسبت پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي طرف فرمائي ۽ فرمايو: اي حبيب! صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ تنهنجي رب جو قسم. هي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي عظيم شان آهي جو الله پاڪ پنهنجي پهچان پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي ذريعي سان ڪرائي ٿو.

(2) (الله پاڪ) حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جو حڪم مڃڻ فرض قرار ڏنو ۽ ان ڳالھ

کي پنهنجي رب هئڻ جي قسم سان پختو ڪيو.

(3) (الله پاڪ) حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو حڪم مڃڻ کان انڪار ڪرڻ واري کي ڪافر قرار ڏنو.

(4) رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو حڪم دل ۽ جان سان مڃڻ ضروري آهي ۽ انهن جي باري ۾ دل ۾ به ڪا رڪاوٽ نہ هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪري آيت جي آخر ۾ فرمايو تہ پوءِ پنهنجي دلين ۾ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي حڪم جي متعلق ڪا رڪاوٽ نہ لهو ۽ دل و جان سان تسليم ڪيو.

(5) هن مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ اسلامي احڪام جو مڃڻ فرض آهي ۽ انهن کي نہ مڃڻ ڪفر آهي پڻ انهن تي اعتراض ڪرڻ. مذاق اڏائڻ ڪفر آهي.
(از تفسیرِ صراط الجنان، ۲/۲۳۹و ۲۴۰)

میں تو مالک ہی کہوں گا کہ ہو مالک کے حبیب یعنی محبوب و مُحِبّ میں نہیں میرا تیرا
(حدائقِ بخشش،ص۱۶)

مختصروضاحت: يعني اسان جا آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چوتہ تمام جهان جي خالق ۽ مالڪ جا حبيب آهن، ايئن پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام جهانن جا مالڪ ٿيا. چوتہ محب جي هرشيءِ محبوب ئي جي هوندي آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

خدا چاهي ٿو رضاءِ محمد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو هڪ ٻيو واقعو ۽ آيتِ ڪريمہ شانِ نزول تفسير سان ٻڌون ٿا:

جيئن تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي تہ جڏهن حضور اقدس صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مدينہ منوره ۾ تشريف کڻي آيا تہ انهن کي بيت المقدس جي طرف منهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جي حڪم جي

پيروي ڪندي نمازون ادا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. البت حضور پرنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قلبِ اطهر جي خواهش هئي تہ خانہ ڪعبہ کي مسلمانن جو قبلو بنايو وڃي. تہ هڪ ڏينهن نماز جي حالت ۾ حضور اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن اميد سان هر هر آسمان جي طرف ڏسي رهيا هئا تہ قبلي جي تبديلي جو حڪم اچي، ان تي نماز جي دوران هي آيتِ ڪريمہ نازل ٿئي جنهن ۾ حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي رضا کي رضاءِ اِلٰهي قرار ڏيندي ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چهرهءِ انور جي حسين انداز کي قرآن ۾ بيان ڪندي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خواهش ۽ خوشي جي مطابق ڪعبي شريف کي قبلو بڻايو ويو. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نماز ئي جي حالت ۾ خانہ ڪعبہ جي طرف ڦريا، مسلمان بہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان گڏ انهيءَ طرف منهن ڪيو ۽ ظهر جون بہ رڪعتون بيت المقدس جي طرف ٿيون ۽ بہ رڪعتون خانہ ڪعبہ جي طرف منهن ڪري ادا ڪيون ويون. تفسير صراط الجنان، ۲۳۳/۱ملتقطاً)

اها آيتِ ڪريمہ جيڪا نازل ٿي اها هي آهي:

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا۪ فَوَلِّ وَجْهَكَ شَطْرَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِؕ وَ حَيْثُ مَا كُنْتُمْ فَوَلُّوْا وُجُوْهَكُمْ شَطْرَهٗؕ

ترجمو ڪنزالايمان: اسان توهان جو هرهر آسمان ڏانهن منهن ڪرڻ ڏسي رهيا آهيون، پوءِ جنهن قبلي ۾ توهان راضي هجو (اوڏانهن) ضرور اوهان کي ڦيرائيندا سين، هاڻي ئي تعظيم واري مسجد جي طرف پنهنجو منهن ڦيرايو ۽ (اي مسلمانو!) اوهان ڪٿي بہ هجو پنهنجا منهن اوڏانهن ڦيرايو. (پ:2،البقرة:144)

مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان جيڪي نڪتا بيان ڪيا آهن، اچو انهن مان ڪجهہ ٻڌون ٿا:

(1) هن واقعي مان معلوم ٿيو تہ تمام ماڻهو قانون جا پابند هوندا آهن ۽ قانون محبوب جي مرضي جو منتظر آهي

(2) ڪعبي کي جيڪا اها عزت ملي تہ تمام اولياءِ، غوثن ۽ قطبن ان جي طرف ڪنڌ جهڪائي ڇڏيا اها محبوب جي صدقي سان ملي، انهن جي مرضيءَ ڪعبي کي قيامت تائين جي لاءِ قبلو بڻائي ڇڏيو. (شانِ حبيب الرحمان،ص۴۲)

آپ کا چاہا ربّ کا چاہا　　ربّ کا چاہا آپ کا چاہا
ربّ سے ایسی چاہت والے　　تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام
ربّ کے پیارے راج دُلارے　　ہم ہیں تمہارے تم ہو ہمارے
اے دامانِ رحمت والے　　تم پر لاکھوں سلام
تم پر لاکھوں سلام
(سامانِ بخشش، ص۸۹-۹۰)

سڀ ڪثرت ماڻهن ھي تا

اي عاشقانِ رسول! هاڻي اسان ڪجھ واقعا، آيتون، تفسيري نڪات ۽ شان نزول جا واقعا ٻڌا، جن مان هر جڳھ سرورِ دوعالم، نورمجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ظاهر ٿي رهي آهي، هن ۾ شڪ ناهي تہ جيڪڏهن قرآنِ ڪريم کي محبتِ رسول جي نظر سان ڏٺو وڃي تہ سڄي جو سڄو قرآن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي نعت آهي، اچو! انهن جون وڌيڪ جهلڪيون ملاحظہ ڪيون ٿا.

الله پاڪ سيپاري 30 سوره ڪوثر آيت نمبر 1 ۾ هن طرح ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّاۤ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَؕ(۱)

تَرجمو ڪنزُالايمان: اي محبوب بيشڪ اسان توکي بي شُمار خوبيون عطا ڪيون آهن.
(پ۳۰، الڪوثر:۱)

حضرت علامہ مولانا مفتي محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت سڳوري جي حوالي سان فرمائن ٿا: (اي محبوب بيشڪ اسان توهان کي اڻ ڳڻت خوبيون عطا ڪيون آهن) ۽ گهڻ فضيلتون عنايت ڪري سڄي مخلوق تي

(توهان کي) افضل ڪيو، حُسنِ ظاهر بہ ڏنو، باطني حُسن بہ (عطا فرمايو)، نسبِ عالي بہ (ڏنو)، نبوت (جو اعليٰ رتبو) بہ، ڪتاب بہ (عطا فرمايو ۽)، حڪمت بہ، (سڀ کان وڌيڪ) علم بہ (ڏنو ۽) (سڀ کان پهريان) شفاعت (ڪرڻ جو اختيار) بہ، حوضِ ڪوثر (جهڙي عظيم نعمت) بہ (ڏني ۽) مقامِ محمود بہ، ڪثرتِ اُمّت بہ (اوهان جو حصو آهي ۽) دين جي دشمن تي غلبو بہ (اوهان کي عطا ڪيو) ۽ بي شمار نعمتون ۽ فضيلتون (اوهان کي اهڙيون عطا فرمايون) جن جي انتها ناهي. (خزائن العرفان،ص:۱۱۲۲،ملخصاً)

انهيءَ ڳالھ ڏانهن اشارو ڪندي امامِ اهلسنت رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

رَبّ ہے مُعطِی یہ ہیں قاسِم　　رِزق اُس کا ہے کھلاتے یہ ہیں

اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ　　ساری کثرت پاتے یہ ہیں

(الاستمداد،ص۶)

حوضِ ڪوثر ڪنهن کي نصيب ٿيندو؟

سُبْحٰنَ اللّٰــه! اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي گهڻو ڪجھ عطا ڪيو ويو ۽ گهڻو ڪجھ عطا ڪيو ويندو. اچو ٻڌون ٿا تہ حوضِ ڪوثر ڇا آهي! الله پاڪ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هڪ حوض عطا فرمايو آهي جنهن جو پاڻي کير کا وڌيڪ اڇو، ماکيءَ کان وڌيڪ مٺو، مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهي. جيڪو هڪ ڀيرو پيئندو وري ڪڏهن پياسو(اُڃارو) نہ رهندو، حضور اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن سان پنهنجي امت کي سيراب فرمائيندا. (ڪتاب العقائد، ص 38 ملخصًا)

قيامت جي ڏينهن جڏهن نَفسا نفسيءَ جو عالم هوندو ۽ گرميءَ جي شدت سبب ماڻهن جون زبانون سڪي ڪري ڪَنڊا ٻڻجي چڪيون هونديون اهڙي وقت ۾ اهي ماڻهو خوش نصيب هوندا جن کي الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حوضِ ڪوثر سان سيراب ڪندو. روايتن ۾ اهڙين نيڪين جو بيان موجود آهي جن جي برڪت سان ڪوثر جو جام نصيب ٿيندو، انهن

روايتن جو خلاصو هي آهي تہ ❖ آبِ ڪوثر ان کي نصيب ٿيندو جيڪو درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪرڻ وارو هوندو❖ آبِ ڪوثر ان کي نصيب ٿيندو جيڪو روزيدار کي ڪاڏو ڪارائڻ وارو هوندو ❖ آبِ ڪوثر ان کي نصيب ٿيندو جيڪو غير ضروري گفتگو کان بچندو هوندو ❖ آبِ ڪوثر ان کي نصيب ٿيندو جيڪو راهِ خدا جي مسافرن کي پاڻي پيئارڻ وارو هوندو. (ماہنامہ فیضانِ مدینہ صفرالمظفر ۱۴۴۱ھ، ص۲۱ ملخصاً و ماخوذاً)

ٹھنڈا ٹھنڈا میٹھا میٹھا پیتے ہم ہیں پلاتے یہ ہیں

(الاستمداد، ص۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

تنهنجي چمڪندڙ چهري جو قسم

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان قرآنِ ڪريم ۾ بيان ڪيل حضور نبي رحمت، شفيعِ امّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعريف ۽ اوصاف جي باري ۾ ٻڌي رهيا هئاسين، ربّ ڪريم پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ پنهنجي محبوب جي طرح طرح سان تعريف بيان فرمائي آهي. ڪٿي تہ ڪيئي ڪيئي آيتن ۾ حضور جي نعت موجود آهي تہ ڪٿي سڄي سورت ئي محبوب جا وصف بيان ڪندي نظر ايندي آهي، ڪٿي محبوب جي قدمن کي لڳندڙ خاڪ جو قسم بيان فرمايو آهي تہ ڪٿي محبوب جي مبارڪ شهر جو قسم بيان فرمايو آهي. ڪٿي محبوب سان نسبت رکندڙ شين جي عظمت ۽ بلندي کي بيان فرمايو آهي تہ ڪٿي محبوب جي مُبارڪ چهري جو قسم بيان فرمايو، تہ ڪٿي محبوب جي رات جي اونداهي ۾ عبادت ڪرڻ کي بيان فرمايو آهي. مطلب تہ سڄو قرآن حضور جي مدح آهي.

سورة والضحيٰ ئي کي ڏسي وٺو تہ اها مڪمل سورت ئي حضور عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي تعريف تي مشتمل آهي، خاص ڪري هن جي ابتدائي ٻن آيتن ۾ تہ نهايت ئي نِرالي انداز ۾ مُصطفيٰ ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي

مُبارڪ چهري کي چاشت سان ۽ مُبارڪ زلفن کي رات جي تاريڪي سان تشبيهه ڏني آهي. جيئن ربّ ڪريم ارشاد فرمائي ٿو:

وَالضُّحٰیۙ﴿۱﴾ وَالَّیۡلِ اِذَا سَجٰیۙ﴿۲﴾
(پ:۳۰، الضحي:۱،۲)

ترجمو ڪنزالايمان: چاشت جو قسم ۽ رات جڏهن پردو ڪري.

هنن آيتن ۾ چاشت ۽ رات جي اونداهي مان ڇا مراد آهي، هن باري ۾ مفسرن ۽ عالم سڳورن جا مختلف قول آهن-

حضرت سَيدنا امام فخر الدين رازي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

”وَالضُّحٰی“ مان مراد آهي نبي اڪرم نورِ مجسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي روشن چهري جو قسم ۽ ”وَالَّيل“ مان مراد آهي نبي اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ڪارن زلفن جو قسم. (تفسير ڪبير، ۱۱/۱۹۱ماخوذاً)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! الله پاڪ ڪهڙي پياري انداز ۾ پنهنجي پياري محبوب نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي روشن چهري ۽ خوبصورت زلفن جو قسم بيان فرمايو، صرف اهو ئي نه بلڪ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ پنهنجي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ادائن ۽ سندن سان تعلق رکندڙ مختلف شين جو قسم به ياد فرمايو آهي. اچو! ملاحظه ڪريو.

الله پاڪ پنهنجي محبوبِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مُبَارَڪ گفتگو جو قسم ياد فرمائيندي ارشاد فرمايو:

وَقِیۡلِهٖ یٰرَبِّ اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ قَوۡمٌ لَّا یُؤۡمِنُوۡنَ﴿۸۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: مون کي رسول جي ان چوڻ جو قسم ته اي منهنجا رب اهي ماڻهو ايمان نه آڻيندا. (پ۲۵،الزخرف:۸۸)

الله پاڪ پنهنجي محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ عمر جو قسم ياد فرمائيندي ارشاد فرمايو:

لَعَمْرُكَ اِنَّهُمْ لَفِیْ سَكْرَتِهِمْ یَعْمَهُوْنَ ﴿۷۲﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي محبوب توهان جي جان جو قسم بيشڪ هو پنهنجي نشي ۾ ڀٽڪي رهيا آهن. (پ۱۴،الحجر:۷۲)

الله ڪريم پنهنجي محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مقدس شهر جو قسم ياد فرمايو ۽ ارشاد فرمايو:

لَاۤ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: مون کي هن شهر جو قسم. (پ۳۰،البلد:۱)

الله پاڪ نبيءِ بي مثال، سيده آمنہ جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ زماني جو قسم ياد فرمائيندي ارشاد فرمايو:

وَ الْعَصْرِ ﴿۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ان محبوب جي زماني جو قسم. (پ۳۰،العصر:۱)

سَيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن طرف اشارو ڪندي فرمائن ٿا:

ہے کلامِ الٰہی میں شمس و ضحےٰ ترے چہرۂ نور فزا کی قسم
قسمِ شبِ تار میں راز یہ تھا کہ حبیب کی زُلفِ دوتا کی قسم

(حدائقِ بخشش،ص۸۰)

شعر جي وضاحت: اي منهنجا آقا! قرآن مجيد ۾ شمس و وضحيٰ فرمائي الله

پاڪ اوهان جي چهري انور جو قسم ياد فرمايو آهي ۽ والليل فرمائي اوهان جي سياه زلفن جو قسم ياد فرمايو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

12 ديني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ''چوڪ درس''

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ پياري آقا، مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت ڪي بيان ڪيو ويندو آهي، محبتِ رسول جا جام ڀري ڀري پيئاريا ويندا آهن، اوهان بہ پنهنجي دل ۾ محبت جو چراغ روشن ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ۽ 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. 12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ ديني ڪم چوڪ درس بہ آهي. چوڪ دَرس مُسَلمانن کي بُرائين کان بچائڻ جو ذريعو آهي ❖ چوڪ دَرس بي نمازين کي نمازي بڻائي ٿو. ❖ چوڪ دَرس مسجدن کان پري رهڻ وارن کي مسجدن جي ويجهو ڪري ٿو. ❖ چوڪ دَرس جي بَرَڪت سان نيڪين ۾ رَغبَت پيدا ٿئي ٿي. ❖ چوڪ دَرس جي بَرَڪت سان عَلائقي (Area) ۾ ديني ڪمن جي ڌُوم مچي ويندي آهي. ❖ چوڪ دَرس نمازن جي پابندي جو ذِهن بنائڻ سان گڏوگڏ عِلمِ دِين جون گهڻيون ڳالهيون پهچائڻ جو ذريعو آهي،

لائنز ايريا (بابُ المدينہ ڪراچي) جو هڪ اسلامي ڀاءُ چوڪ درس ۾ شريڪ ٿيو، چوڪ درس ۾ شريڪ ٿيڻ ئي ان جي اِصلاح جو سبب بڻيو. چوڪ درس ۾ شرڪت جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول مليو، چوڪ درس ۾ شرڪت جي برڪت سان تنظيمي ذميداري ملي. چوڪ درس ۾ شرکت جي برڪت سان سنتِ مصطفيٰ تي عمل يعني عمامو شريف سجائڻ جي سعادت ملي.

تمہیں لُطف آجائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مَدَنی ماحول
نبی کی محبّت میں رونے کا انداز چلے آؤ سکھلائے گا مَدَنی ماحول

اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دیگا سِکھا مَدَنی ماحول
سنور جائے گی آخرت اِنْ شَآءَ اللہ تم اپنائے رکھوّ سدا مَدَنی ماحول
(وسائلِ بخشش مرمم، ص ۶۴۶)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ ميلاد! دنيا جو دستور آهي تہ بادشاهہ جڏهن پنهنجي درٻارين مان ڪنهن کي پنهنجي عنايتن سان خاص ڪندا آهن تہ ان کي اهڙا خاص انعام عطا ڪندا آهن، جنهن سان ان جي قدر ۽ قيمت هر شخص جي ويجهو وڌي وڃي ۽ هو ٻين کان بلڪل ئي ممتاز ۽ جدا ٿي وڃي ۽ اهي ڪمالات ۽ رتبا جيڪي ڪنهن ٻي کي بہ مليا هجن تہ بادشاهہ پنهنجي خاص ۽ چونڊيل درٻارين کي اهو عطا فرمائڻ سان گڏوگڏ ٻين بہ ڪيئي بهترين رُتبن سان سرفراز فرمائيندو آهي اهڙي طرح پروردگارِ عالم اسان جي پياري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **کي تمام مخلوق کان وڌيڪ انعامات ڏئي پنهنجي خاص مهربانين سان مشرف ڪيو ۽ قرآنِ ڪريم ۾ ربّ ڪريم مختلف هنڌ تي مختلف لفظن جي ذريعي پنهنجي حبيب حبيبِ لبيب** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **جي ساراهہ فرمائي آهي، جيئن**

❖ **سوره فتح آيت نمبر** 29 ۾ **پاڻ سڳورن** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **کي مُحَمَّدٌ رَّسُول الله** فرمايو ❖ تہ سورهءِ **اٰلِ عمران آيت نمبر** 33 ۾ **پاڻ** عَلَیْہِ السَّلَام **کي "مصطفيٰ"** قرار ڏنو ويو. ❖ سوره **اٰلِ عمران آيت نمبر**179 ۾ **"مجتبيٰ"** فرمايو ❖ تہ سوره **جِنّ آيت نمبر** 27 ۾ سندن **کي "مرتضيٰ" جي لقب سان ياد ڪيو ويو.** ❖ سورهءِ **بني اسرائيل آيت نمبر** 1 ۾ **عبدِ ڪامل** ❖ تہ سورهءِ مائده **آيت نمبر**15 ۾ سندن **کي"نور"** فرمايو ويو . ❖ سورهءِ نساء **آيت نمبر**174 ۾ **"بُرهان"**❖ تہ سورهءِ **احزاب آيت نمبر**40 ۾ **پاڻ** عَلَیْہِ السَّلَام **کي "خاتمُ النبيين"** فرمايو ويو. ❖ سورهءِ **احزاب آيت نمبر**45 ۾ **"حاضر و ناظر"،"سراجِ مُنير" ۽ داعي اِلَي الله** (يعني الله پاڪ ڏانهن سڏيندڙ) فرمايو ويو. ❖ سورهءِ **يٰس آيت نمبر**1 ۾ **پاڻ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **کي "يٰس"** ❖ تہ سورهءِ طٰہٰ **آيت نمبر**1 ۾ **طٰهٰ** فرمايو ويو. ❖ سوره بقره **آيت**

نمبر119 ۾ **بشير** (خوشخبري ٻڌائڻ وارو) ۽ "**نذير**" (ڊيڄاريندڙ) فرمايو ويو آهي. ❖ سوره مُزّمّل آيت نمبر1 ۾ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي "**مُزَّمّل**" ❖ ۽ سورهٔ مُدّثّر آيت نمبر1 ۾ **مُدَّثّر** فرمايو ويو آهي. ❖ سورهٔ آلِ عمران آيت نمبر 164 ۾ **الله** پاڪ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي مومنن تي پنهنجو "**احسان**" قرار ڏنو ❖ ۽ سورهٔ انبياءآيت نمبر 107 ۾ سندن کي تمام عالمين جي لاءِ "**رَحْمَت**" قرار ڏنو. ❖ سورهٔ قلم آيت نمبر4 ۾ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي "**صاحبِ خُلُقِ عظيم**" فرمايو ❖ ۽ سورهٔ بني اسرائيل آيت نمبر1 ۾ **صاحبِ معراج** فرمايو ويو. ❖ سورهٔ بقره آيت نمبر 33 ۾ "**دعاءِ ابراهيمي**"❖ ۽ سورهٔ صف آيت نمبر 6 ۾ "**بشارتِ عيسيٰ**" فرمايو ويو. ❖ سورهٔ ڪوثر آيت نمبر1 ۾ "**صاحبِ ڪوثر**" ❖ ۽ سورهٔ بني اسرائيل آيت نمبر79 ۾ "**صاحبِ مقامِ محمود**" قرار ڏنو ويو.

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **ڪيڏو نه خوب فرمائن ٿا:**

الله کی سر تا بقدم شان ہیں یہ
اِن سا نہیں انسان وہ انسان ہیں یہ
قرآن تو ایمان بتاتا ہے انہیں
اور ایمان یہ کہتا ہے مری جان ہیں یہ

(حدائقِ بخشش، ص۲۳۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

قرآن ۽ مدحتِ مُصطفيٰ

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان ته قرآن ڪريم ۾ خود ربّ ڪريم پنهنجي محبوب جي ساراهه فرمائي رهيو آهي، پنهنجي محبوب جا اوصاف، شان وعظمت ۽ خصوصيات کي پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ بيان فرمائي رهيو آهي.

اي عاشقانِ رسول! جنهن جي تعريف پاڻ ان جو رب ڪري ته ڪنهن انسان

جي وس جي ڳالهہ ناهي تہ الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعريف جو حق ادا ڪري سگهي. اعلٰي حضرت ڪيڏو نہ خوب فرمايو آهي:

تجھ سے کب ممکن ہے پھر مدحت رسول اللہ کی　　اے رضاؔ خود صاحبِ قرآں ہے مدّاحِ حضور

مختصر وضاحت: هن شعر ۾ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ کي مخاطب ٿيندي فرمائن ٿا تہ اي احمد رضا! تُون جيتري بہ پنهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تعريف ڪرين، پر توکان ان جو حق ادا نہ ٿئي سگهندو. ڇوتہ ان جو رب ئي ان جي تعريف فرمائي ٿو تہ ٻيو ڪير ڪيئن ٿو ان جي ثناخواني جو حق ادا ڪري سگهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پياري آقا، مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ شان، فضيلتون ۽ خصوصيتون بزبانِ قرآن ٻڌي رهيا آهيون، يقيناً اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان تہ بي مثال آهي، يقيناً جنهن ذاتِ بابرڪات تي الله پاڪ جو فضلِ عظيم هجي ان جي فضيلت ڪير شمار ڪري سگهي ٿو؟ حضرت امام قاضي عياض مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **"شفاء شريف"** ۾ ارشاد فرمائن ٿا: حَارَتِ الْعُقُوْلُ فِيْ تَقْدِيْرِ فَضْلِهٖ عَلَيْهِ وَخَرِسَتِ الْاَلْسُنُ، يعني الله ڪريم جو جيڪو فضل حضور عَلَيْهِ السَّلَام تي آهي، ان جو اندازو لڳائڻ ڪان عقل حيران آهن ۽ زبانون عاجز آهن. (الشفاء بتعريف حقوق المصطفي،١ /١٠٣)

اعليٰ حضرت امام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

سَرْوَر کہوں کہ مالک و مولیٰ کہوں تجھے
باغِ خلیل کا گلِ زیبا کہوں تجھے
تیرے تو وَصف عیبِ تناہی سے ہیں بَری
حیراں ہوں میرے شاہ میں کیا کیا کہوں تجھے

کہہ لے گی سب کچھ اُن کے ثنا خواں کی خامُشی
چُپ ہو رہا ہے کہہ کے میں کیا کیا کہوں تجھے
لیکن رضا نے ختم سخن اس پہ کر دیا
خالق کا بندہ خلق کا آقا کہوں تجھے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

بيانات ايپليڪيشن جو تعارف

پيارا پاسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي صحبت جو هڪ بهترين ذريعو عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃڻ به آهي، الله پاڪ هر دور ۾ اُمتِ محبوب کي اهڙيون باڪمال هستيون عطا فرمايون آهن جن نه صرف پاڻ نيڪي جو حڪم ۽ برائي کان منع ڪرڻ جو مقدس فريضو احسن انداز ۾ ادا ڪيو بلڪ مسلمانن کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جو ذهن ڏنو. انهن مان هڪ هستي شيخ طريقت، اميراهلسنت حضرت علامه مولانا محمدالياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه به آهن. ڪين اخلاص جي بدولت سان وڏي تيزي سان ماڻهو هن مدني تحريڪ جو حصو بڻجندا پيا وڃن. الحمدلله ڪروڙين ماڻهو اميراهلسنت جي فيضان سان فيضياب ٿئي رهيا آهن. اميراهلسنت جي نيڪي جي دعوت جي انهيءَ مقدس جذبي جي تحت دعوتِ اسلامي جي”آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ“ موبائل استعمال ڪرڻ وارن جي لا مختلف موبائل ايپليڪيشنون ٺاهيون آهي جن ۾ مختلف طريقن سان امت مسلمه جي رهنمائي ڪئي وئي آهي، انهن ايپليڪيشنز مان بيانن جي هڪ ايپليڪيشن”Islamic Speeches “ به آهي. هن ايپليڪشن ۾ مختلف موضوعن تي بيان موجود آهن. هن ايپليڪيشن مان اسلامي ڀائرن سان گڏوگڏ اسلامي ڀينرون به فائدو وٺي سگهن ٿيون. خاص طور تي اها ايپليڪيشن امام و خطيب حضرات جي لاءِ انمول تحفو آهي، ڇوته هن

۾ مختلف موضوعن تي تيار ٿيل بيان تحريري صورت ۾ موجود آهن. اڄ ئي هن ايپليڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري پنهنجي موبائل جي زينت بڻايو.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں — اے دعوتِ اسلامی تری دھوم مچی ہو

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَن تَمَسَّكَ بِسُنَّتِى عِندَ فَسَادِ اُمَّتِى فَلَهُ اَجرُ مِائَةِ شَهِيدٍ يعني اُمت جي فساد جي وقت جيڪو شخص منهنجي سنت تي مضبوطي سان عمل ڪندو ان کي سؤ شهيدن جو ثواب عطا ڪيو ويندو.[1]

ہر کام شریعت کے مطابِق میں کروں کاش! — یارب تو مبلغ مجھے سُنّت کا بنا دے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

"قناعت" سنتِ مصطفيٰ آهي:

ﭘ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ (1) جنهن ايمان آندو، بقدرِ ڪفايت رزق ڏنو ويو ۽ اُن الله پاڪ جي ڏنل تي قناعت ڪئي بيشڪ اهو ڪامياب ٿيو. (مسلم، زکوٰۃ کی کتاب، قناعت کا باب، صفحہ:376، حدیث:1054) (2): اي ابوهريره! قناعت اختيار ڪيو سڀ کان وڏا شڪر گذار بڻجي ويندؤ. (ابن ماجہ، زُہد کی کتاب، ورع و تقویٰ کا باب،صفحہ:684، حدیث:4217ملتقطًا)

اي عاشقانِ رسول! قناعت سُنتِ مصطفيٰ آهي. قناعت جي معنيٰ آهي: جيترو ملي اُن تي راضي رهڻ، گهڻي جي خواهش نه ڪرڻ. ❖ اسان جي پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي جيڪو ڪجھ ملندو هو خوشي سان کائيندا هئا. ❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن به کاڌي مان عيب نه ڪڍيو. ❖ پاڻ صَلَّى اللهُ

---

[1]…زُہد کبیر، صفحہ:118، حدیث207۔

[2]… وسائل بخشش، صفحہ:115۔

عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کڏهن لذيذ ۽ پُرتڪلف کاڌن جي خواهش نہ ڪئي. ❖ رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مال ۽ دولت جي خواهش ڪونہ رکندا هئا.

پيارا اسلامي ڀائرو! سنت مصطفيٰ تي عمل ڪيو، قناعت اختيار ڪيو. ❖ قناعت ايمان جو ڪمال آهي، اسلام جو حسن آهي. ❖ قناعت ڪرڻ وارو ڀاڻ کي دنيا کان بچائي ٿو، آخرت جي راهہ تي هلندو آهي. ❖ قناعت ڪرڻ وارو الله پاڪ جو محبوب آهي. ❖ قناعت ڪرڻ واري کان ماڻهو بہ محبت ڪندا آهن. (نضرة النعيم، جلد:8، صفحہ:3175). ❖ امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قناعت مالداري جي اصل آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

(1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

(3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

(4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

(5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

(6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

[4] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما **کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.**[1]

(2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺيون سُٺيون نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ✽ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ✽ روزانو "فڪر مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار ڪي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.


منهنجو مدني مقصد: "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ













عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net